آزمائشي اشاعت

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ

# مذهبي تعليمات

## ڇهين ڪلاس لاءِ

(نئين نصاب مطابق)

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

ڇپيندڙ : نيو نوبل بُڪس ڪراچي.

سيئي حقَ ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.

تيار ڪندڙ: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄام شورو
منظور ٿيل: صوبائي محڪمه تعليم و خواندگي ، حڪومت سنڌ
مراسلہ نمبر: سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي نمبر SO(C)SELD/STBB-18/2021، مؤرخہ: 24 فروري 2021 موجب سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ اَخلاقيات جو واحد درسي ڪتاب
ڪتابن جي ڇڪاسڻ جي صوبائي ڪميٽي ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄام شورو جو ڇڪاسيل

نگرانِ اعلیٰ: پرويز احمد بلوچ (چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ)

نگران: عبدالباقي ادريس السندي

ليکڪ:
پونجراج ڪيسراڻي
نياز احمد راڄپر
پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڙ

## صوبائي جائزه ڪميٽي

- انجنيئر اي ايل جگرو
- ڊاڪٽر چمن منشا
- عبدالباقي ادريس السندي
- جيون منشا روپاڻي
- چيتن ميگھواڙ
- نڪٽ سنگھ سوڍو
- محمد وسيم مغل

ڇپيندڙ: هي ڪتاب حميد پرنٽنگ پريس، ڪراچي ۾ ڇپيو.

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باب پهريون: مذهبن جو تعارف | 1 |
| 1. مذهب | 2 |
| 2. انساني ترقي ۾ مذهب جو ڪردار | 6 |
| 3. اعلیٰ اخلاقي قدرن ۽ ڪردار جي اوسر | 10 |
| 4. سک مذهب جو تعارف ۽ اوسر | 21 |
| 5. سک مذهب جا مهان گرو | 26 |
| 6. سک مذهب جا مقدس ڪتاب | 32 |
| باب ٻيو: سماجي ۽ اخلاقي قدر | 38 |
| 1. خاندان ۾ ٻار جو ڪردار | 39 |
| 2. گهريلو ڪمن ڪارن ۾ گهرڀاتين جي مدد ڪرڻ | 42 |
| 3. گهر ڀاتين ۾ مرد ۽ عورت جي برابري وارو مرتبو | 44 |
| 4. گهريلو زندگي ۾ هٿ ونڊرائيندڙن جو احترام | 46 |
| 5. قاعدن ۽ قانونن جو احترام ۽ انهن تي عمل ڪرڻ | 51 |
| 6. خاندان ۽ اسڪول جا قاعدا قانون | 55 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| باب ٽيون: سماجي آداب | 61 |
| 1. کائڻ پيئڻ جا آداب | 62 |
| 2. هٿ ڌوئڻ | 64 |
| 3. ڪاڌو ورهائي کائڻ جي اهميت | 66 |
| 4. ڪاڌي جي زيان کان بچڻ جي اهميت | 68 |
| باب چوٿون: اهم شخصيتون | 72 |
| 1. حضرت مقدسه مريم عليها السلام | 73 |
| 2. بادشاهه اشوڪا | 78 |
| 3. مقدس ٿامس اڪوئينس | 83 |
| باب پنجون: مذهبي ڏڻ | 88 |
| 1. عيدالفطر | 89 |
| 2. ڪرسمس | 93 |
| 3. بابا گرو نانڪ ديو جي جو جنم ڏينهن | 98 |
| 4. مها شِو راتري | 101 |

باب پهريون

# مذهبن جو تعارف

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۾ شاگرداڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- مذهب جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- بين مذهبن ۽ انهن جي عقيدن کي جاچي سگهندا.
- سماج ۾ مذهب جي اهميت بابت بحث مباحثو ڪري سگهندا.
- مذهب کي مختلف طريقن سان سمجهڻ لاءِ مثال پيش ڪري سگهندا.
- سک مذهب جي حوالي سان مذهبن جي ترقي بيان ڪري سگهندا.
- سک مذهب جي مقدس ڪتاب کي جاچي سگهندا.
- سک مذهب جي تعليمات کي بيان ڪري سگهندا.
- تجزيو ڪري سگهندا ته ڪنهن مذهب جا ذاتي، سماجي ۽ عوامي زندگي مٿان پونڊڙ اثر ڪهڙا آهن.

## تعارف:

عالمي پائيچاري ۾ مذهب مکيه ڪردار ادا ڪري ٿو. اهو انسان جي ذاتي، اجتماعي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي اصلاح چاهي ٿو. بااخلاق ۽ باڪردار هجڻ سان گڏوگڏ بين ماڻهن سان رواداري واري سلوڪ رکڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ انسانن لاءِ اها خوبي عالمي اتحاد پيدا ڪرڻ ۽ ترقي طرف وڌڻ ۾ مددگار ٿئي ٿي.

عالمي مذهبن ۾ سک مذهب هڪ منفرد حيثيت رکي ٿو جنهن جي شروعات بابا گرو نانڪ ديو جي پيدائش کان پوءِ ٿي آهي، هي مذهب انسانيت سان محبت، مٽن مائٽن ۽ برادري سان تعلق وڌائڻ، ايمانداري اختيار ڪرڻ، حلال روزي ڪمائڻ ۽ مالڪِ حقيقي جي تابعداري ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿو.

هن باب ۾ مذهبن جو تعارف، انساني ترقيءَ ۾ مذهب جو ڪردار، اخلاقي قدرن ۽ ڪردار جي اوسر ۽ سک مذهب جي تفصيلي تعارف تي ٻڌل سبق ڏنا ويا آهن.

# مذهب

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- مذهب جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- ٻين مذهبن ۽ انهن جي عقيدن کي ڄاڻي سگهندا.
- سماج ۾ مذهب جي اهميت بابت بحث مباحثو ڪري سگهندا.
- مذهب کي مختلف طريقن سان سمجهڻ لاءِ مثال پيش ڪري سگهندا.



انساني دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙو مقدس احساس جيڪو ڪنهن اڻ ڏٺل، مٿاهين مقدس ذات جي وجود سان لاڳاپيل هجي ان کي "مذهب" چئبو آهي. هر مذهب پنهنجن پوئلڳن کي اعلىٰ هستيءَ سان تعلق رکڻ ۽ ان ڏانهن رجوع ڪرڻ، رسمن، عبادتن، پرهيزگاري، نيڪ ڪمن ڪرڻ ۽ بُرن ڪمن کان بچڻ جي هدايت ڪري ٿو. وڏيڪ هي ته هر مذهب پنهنجن پوئلڳن کي هن ڳالهه جي به خاص تلقين ڪري ٿو ته اهي ٻين انسانن سان سٺي اخلاق، خوش مزاجي ۽ سهڻي سلوڪ سان پيش اچن.

ازل کان ئي اسان جو ناتو مالڪِ حقيقيءَ سان قائم آهي ۽ ان سان گڏ ئي اسان انسانيت جي ناتي سان پڻ ڳنڍيجي وڃون ٿا. تنهن ڪري انسان جي حيثيت سان اسان تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته مالڪِ حقيقي جي سڃاڻ رکون، سندس ٻانهپ لاءِ هر وقت تيار رهون، سيني کي ڀائپي واري نظر سان ڏسون ۽ پنهنجي چوڌاري ماحول جي سار سنڀال ڪريون. اهي اهم قدرَ (values) اسان کي مالڪِ حقيقيءَ وٽ هڪ بهترين انسان بڻجڻ ۽ ٻين سان حُسنِ سلوڪ وارو تعلق قائم ڪرڻ لاءِ تيار ڪن ٿا.

مذهبي تعليم جي ذريعي پنهنجي پنهنجي عبادتن جي پابندي ۽ ان جي سيني حڪمن تي عمل ڪندي، اسان پنهنجي ذات ۾ سٺيون عادتون ۽ خوبيون پيدا ڪرڻ جي

لائق بڻجي وڃون ٿا. ڪمزورن جي مدد، وڏن جي عزت، ننڍن سان پيار، بيمارن جي خدمت، ٻارن تي رحم، غريبن ۽ مسڪينن جي پرگهور ۽ همدردي وغيره اِهڙيون خوبيون ۽ صفتون آهن، جن جي سماج ۾ هميشہ ضرورت رهندي آهي. هر مذهب اسان کان اها گُهرَ ڪري ٿو تہ هن دنيا ۾ مالڪِ حقيقيءَ جي سجاڳ سان گڏوگڏ اشرف المخلوقات جي حيثيت سان سيني جاندارن تي ڪهل ڪريون. انهن جي ضرورتن جو خيال ڪريون، هر انسان ڪي عزت ۽ احترام سان نوازيون ۽ اسان جي مٿان اها ذميواري پڻ لاڳو ٿئي ٿي تہ انهن ڳالهين ۾ اسان ٻين لاءِ مثال بڻجون.

هونئن تہ سنين عادتن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي، مثال طور: سچائي، ايمانداري، ٻين جو احساس، ڀائيچارو، ايڪو، برداشت، صبر ۽ تَحَمُّل، رحمدلي، وڏن جو ادب ۽ احترام وغيره. هنن صفتن ڪي مثالن جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اهو ضروري آهي تہ انهن سيني مثالن ڪي پڙهندي، توهان هي سوال ذهن ۾ رکو تہ انهن خوبين ڪي اسين پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪيئن اپنائي سگهنداسين ۽ پنهنجو ڪردار ڪيئن جوڙي سگهنداسين.

### هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

انساني دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙو مقدس احساس جيڪو ڪنهن اڻ ڏٺل، مٿاهين مقدس ذات جي وجود سان لاڳاپيل هجي ان کي ”مذهب“ چئبو آهي. هر مذهب پنهنجن پوئلڳن کي اعلیٰ هستيءَ سان تعلق رکڻ ۽ ان ڏانهن رجوع ڪرڻ، رسمن، عبادتن، پرهيزگاري، نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ برن ڪمن کان بچڻ جي هدايت ڪري ٿو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. مذهب جي وصف بيان ڪريو.
2. مذهب جي بنيادي قدرن مان ڪن بہ پنجن جا نالا لکو.
3. اشرف المخلوقات جي حيثيت سان اسان تي ڪهڙيون ذميواريون لاڳو ٿين ٿيون؟
4. دنيا ۾ اچڻ سان ئي انسان جو ناتو ڪنهن ڪنهن سان جڙي ٿو؟
5. سماج ۾ هميشہ ڪهڙين خوبين جي ضرورت هوندي آهي؟

(ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پُريو:

1. مذهب اسان کي __________ ڪمن ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو.
2. مالڪِ حقيقي انسانن کي __________ جو مرتبو عطا ڪيو آهي.
3. اسان تي لازم ٿئي ٿو تہ اسين هر انسان کي __________ ۽ __________ سان نوازيون.
4. مذهب وڏن جي __________ ۽ ننڍن سان __________ جي تلقين ڪري ٿو.
5. اشرف المخلوقات جي حيثيت سان اسين سيني __________ تي ڪهل ڪريون ٿا.

(ج) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. ازل کان ئي اسان جو ناتو ڳنڍيل آهي:
(الف) والدين سان (ب) پاڙي سان
(ج) مالڪِ حقيقيءَ سان (د) گهر سان

2. هر مذهب سيکاري ٿو:
(الف) نيڪي ڪرڻ (ب) دولت ڪمائڻ
(ج) ترقي ڪرڻ (د) حڪم ڏيڻ

3. اسان پاڻهپ لاءِ تيار رهون:
(الف) انسانيت جي (ب) مذهب جي
(ج) مالڪِ حقيقيءَ جي (د) حڪمرانن جي

4. مالڪِ حقيقي پوئلڳن کي سٺن اخلاقن ۽ سهڻي سلوڪ جي:
(الف) هدايت ڪري ٿو (ب) حڪم ڪري ٿو
(ج) تلقين ڪري ٿو (د) اهي سيئي

5. هر مذهب خاص ڳالهہ جي تلقين ڪري ٿو:
(الف) سٺا اخلاق (ب) سهڻو سلوڪ
(ج) پرهيزگاري (د) اهي سيئي

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

استاد صاحب شاگردن کي ٻن گروپن (الف ۽ (ب) ۾ ورهائي کين نيڪ ڪمن / برن ڪمن جي فهرست تيار ڪرڻ ۽ ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ ي عملي مشق ڪرائي.

| گروپ: الف | گروپ: ب |
|---|---|
| نيڪ ڪمن جي فهرست | برن ڪمن جي فهرست |

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو ته اهي پنهنجي پنهنجي والدين وٽان پنهنجي مذهب جي معلومات گڏ ڪري ڪلاس ۾ پيش ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| تعارف | واقفيت | مقدس | پاڪ |
| اعلیٰ | متاهون | هستي | ذات |
| رجوع | واپسي، لاڙو | تلقين | هدايت، نصيحت |
| ناتو | تعلق، رشتو | ٻانهپ | تابعداري، بندگي |
| ماحول | آسپاس، چوڌاري | سارسنڀال | پرگهور |
| ڪهَل | رحم، ٻاجهه | اشرف المخلوقات | انسان ذات، سڀ کان وڌيڪ عزت واري مخلوق |
| تحمل | برداشت، سهپ | ايڪو | ٻڌي، اتحاد |

# انساني ترقيءَ ۾ مذهب جو ڪردار

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- انساني ترقي جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- انساني ترقي جي مختلف پهلوئن بابت بحث مباحثو ڪري سگهندا.
- سمجهاڻي ڏيندا ته انساني ترقي ۾ مذهبن جو ڪهڙو ڪردار آهي.



اڄ ڇهين ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگرديائين کي لائبريريءَ ۾ وڃي وڃڻ جو موقعو مليو. جيئن ئي سيئي شاگرد اتي گڏ ٿيا ته نوٽيس بورڊ تي لکيل هن جملي کين حيران ڪري ڇڏيو:

”غار ۾ رهندڙ انسان اڄ آسمان جي بلندين کي ڇهي رهيو آهي“.

ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻ ته هر شاگرد هن رنگين لکت ۾ گم ٿي ويو هجي. ڪجهه دير تائين شاگرد هڪ ٻئي سان سرٻاٽن ۽ گفتگوءَ ۾ مصروف ٿي ويا. سيئي شاگردَ پنهنجي راءِ ظاهر ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ڪنهن کي به ڪو هوش نه هو ته لائبريريءَ ۾ آواز تمام وڌي چڪو هو. اوچتو سر ديوڊ جو آواز ٻڌي سيئي شاگرد ان ڏانهن متوجه ٿيا.

سر ديوڊ شاگردن کي ٻڌايو ته اڳ جي ڀيٽ ۾ انسان تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. انساني ترقيءَ جو مطلب هي آهي ته سماج ۾ رهندڙ عوام جي معيارِ زندگي، وقت، ضرورتن ۽ حالتن مطابق آسان ۽ ڪارآمد بڻجي وڃي هر شهري سهولت ۽ آزاديءَ سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي سگهي. ان کان اڳ جو هو سر ديوڊ کي پنهنجي حيرانيءَ جو سبب ٻُڌائين ۽ هن کان سوالَ پُڇن، سر ديوڊ پاڻ ئي نوٽيس بورڊ تي لکيل عبارت جي جواب ۾ چيو ته دنيا جي شروعات ۾ انساني آبادي تمام گهٽ هئي. جيئن جيئن انساني آباديءَ ۾ واڌ ٿيندي وئي، ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي زندگي گذارڻ لڳا. جيئن جيئن آبادي وڌندي وئي، تيئن تيئن ترقي جا امڪان پڻ نظر اچڻ لڳا. گڏجي رهڻ جي ڪري اُهي نين شين کي

اپنائڻ ۽ ڏکيائن جو حل ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيا. انهيءَ ڪري هن ترقيءَ انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي پنهنجا نقش ڇڏيا. توڙي ان جو تعلق ٻني ٻاري سان هجي يا اڏاوتن سان، موسيقي ۽ ادب جو ميدان هجي يا سماجي قانون سازي، سياسي واقفيت هجي يا مذهب جي سمجهه.

انسان پنجن حواسن جي ذريعي پنهنجي ذاتي، انفرادي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ مختلف شين سان لاڳاپن جو مشاهدو ڪندي، زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پاڻ کان اڳ وارن جي پيٽ ۾ ترقيءَ کي پنهنجو مقصد بڻايو. ان جا ڪيترائي سبب هئا. جن مان سڀ کان اهم حقيقت پاڻ کان اعليٰ هستيءَ جو اقرار هو. انسان اهو ڄاڻي ورتو ته هيءَ ڪائنات پنهنجي ٺاهيندڙ جي حڪم سان هلي رهي آهي ۽ هو هر شيءِ تي وس وارو آهي. جڏهن ته انسان عقل ۽ شعور جي مدد سان ڪائنات جي هر علم سان پاڻ کي روشن ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ خوشي، ڏک، زندگي، موت، نيڪي ۽ برائي وغيره انساني سوچ تي گهرا اثر وڌا.

سيئي شاگرد ۽ شاگردياڻيون دلچسپيءَ سان انساني ترقيءَ جي ڳالهه ٻڌي رهيا هئا. سر ديوڊ وڏيڪ چيو ته جڏهن انسان گڏجي رهڻ شروع ڪيو ته قاعدن قانونن جي ضرورت محسوس ٿي. پنهنجي عقل ۽ سوچ جي ڪري انسان بيشمار قاعدا قانون جوڙيا، جيڪي انهن لاءِ فائديمند ثابت ٿين ۽ سڀ گڏجي انهن جي پابندي ڪن، ته جيئن ماڻهن جي وچ ۾ پيار، محبت ۽ امن جي فضا قائم ٿئي. دنيا جا سيئي مذهب ماڻهن کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان نيڪي ۽ محبت جو سبق ڏين ٿا. هر مذهب پنهنجي پوئلڳ کان اها گُهرَ ڪري ٿو ته اهي سيئي هر دور ۾ انسانن جو احترام ڪن. پاڻ ۾ ويچن بدران برابري ۽ پائيچاري سان رهن ۽ پنهنجي زندگين ۾ توازن پيدا ڪن. پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي جان، مال ۽ حقن جي حفاظت ڪن. سٺي سوچ سان گڏوگڏ سٺن عملن جو پڻ مظاهرو ڪن ۽ اهي سيئي احڪام، جيڪي مذهب انسان کي ڏنا آهن، انهن تي سختيءَ سان عمل ڪن. انهن جي ڪري ئي انسانيت جي اڏاوت ۽ اصل ۾ معاشري جي تعمير ممڪن آهي.

### هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

انساني ترقيءَ جو مطلب آهي ته سماج ۾ رهندڙ عوام جي معيار زندگي، وقت، ضرورتن ۽ حالتن مطابق آسان ۽ ڪارآمد بڻجي وڃي، هر شهري سهولت ۽ آزاديءَ سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي سگهي. مذهب اسان کي پنهنجي سڃاڻپ ۽ ذاتي تجربن جو موقعو ڏئي ٿو. اصل ۾ سيئي مذهب اخلاقيات جو سبق ڏين ٿا.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. انساني ترقيءَ جو مفهوم ڇا آهي؟
2. شاگردن نوٽيس بورڊ تي ڪهڙي عبارت لکيل ڏٺي؟
3. انساني ترقيءَ زندگي جي ڪهڙين پهلوئن تي پنهنجا نقش ڇڏيا آهن؟
4. مذهب جي تصور بابت پنهنجا ويچار بيان ڪريو.
5. انساني ترقيءَ ۾ مذهب جو ڪهڙو ڪردار آهي؟

### (ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. غار ۾ رهندڙ انسان اڄ __________ جي بلندين کي ڇهي رهيو آهي.
2. جڏهن انسان گڏجي رهڻ شروع ڪيو ته کين __________ ضرورت محسوس ٿي.
3. سڀئي مذهب ماڻهن کي هڪ ٻئي سان __________ ۽ __________ جو سبق ڏين ٿا.
4. سڀني کي هڪ ٻئي جي جان، مال ۽ حقن جي __________ ڪرڻ گهرجي.
5. سٺي سوچ سان گڏ سٺن __________ جو به مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

### (ج) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مذهب انساني ترقي جو حامي آهي. | | |
| 2. انسان ڇهن حواسن ذريعي مشاهدو ڪري ٿو. | | |
| 3. مذهبي تعليم سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ فرض آهي. | | |
| 4. انسان مال ۽ دولت سان ڪائنات کي روشن ڪري ٿو. | | |
| 5. انساني ترقي جو دارومدار بهتر حڪمراني سان آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڪلاس ۾ A، B ۽ C گروپ ٺاهي هر هڪ ڏنل هدايتن مطابق خلاصو پيش ڪن مثال:

| C | B | A |
|---|---|---|
| انساني ترقي ۾ مذهبن جو ڪردار | انساني ترقي جا مختلف پهلو | انساني ترقي جو مفهوم |

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو ته اهي پنهنجي والدين وٽان پنهنجي مذهب جي رسمن بابت معلومات گڏ ڪن ۽ ايندڙ ڪلاس ۾ انهن جو خلاصو ٻڌائين.

### نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| عبارت | لکت، تحرير | ڪارآمد | فائديمند |
| پهلو | پاسو، رخ | نقش | نشان |
| انفرادي | شخصي | معيار | ڪسوٽي، پيمانو |
| مظاهرو ڪرڻ | ڏيکارڻ، ظاهر ڪرڻ | تعمير | اڏاوت |
| سرانجام ڏيڻ | مڪمل ڪرڻ، پورو ڪرڻ | | |

# اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ ڪردار جي اوسر

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- ڪردار جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- اخلاقي قدرن جي تعريف ڪري سگهندا.
- سهڻي ڪردار ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي اهم خوبين جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ڪردار ۽ اخلاقي قدرن ۾ سٺي ۽ خراب هجڻ جو فرق بيان ڪري سگهندا.
- سهڻي ڪردار اپنائڻ جي اهميت کي سمجهي سگهندا.
- سهڻي ڪردار ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن کي اپنائڻ لاءِ مقدس ڪتابن مان چونڊ ڳالهيون بيان ڪري سگهندا.

## ڪردار جي وصف:



سماج ۾ رهڻ دوران هر هڪ ماڻهو جي رهڻ ڪهڻ، سوچڻ سمجهڻ، ڪم ڪار ڪرڻ، ڏيتي ليتي ڪرڻ، ٻين سان اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو انداز مختلف ٿئي ٿو. جنهن کي ان ماڻهو جو ڪردار سڏجي ٿو. جيڪڏهن ان جي زندگي گذارڻ جو انداز ٻين انسانن لاءِ فائديمند آهي ته اهو سٺو ڪردار ليکجي ٿو ۽ جيڪڏهن ٻين ماڻهن کي ڪنهن جي معيارِ زندگي نقصان پهچائي ٿي ته اهو خراب ڪردار شمار ڪيو وڃي ٿو. ڪردار کي بهتر بنائڻ لاءِ مذهب ئي انسان جي هدايت ڪري ٿو.

## اخلاقي قدر:

جهڙي ريت وڻن کي ڦل ۽ ٻوٽن کي گل سونهن بخشيندا آهن. اهڙي ريت انسان کي ان جون خوبيون ۽ اخلاقي گڻ خوبصورت بڻائيندا آهن. اهي خوبيون ڪڏهن انسان جي ذات جو حصو بڻجنديون آهن ته ڪڏهن ڪنهن قبيلي ۽ قوم جو اهڃاڻ بڻجي وينديون آهن. جن کي ”اخلاقي قدر“ سڏيو ويندو آهي.

ثقافتي اعتبار سان هر هڪ قوم جا پنهنجا پنهنجا اخلاقي قدر ٿيندا آهن. مثال طور: مهمان نوازي، بهادري، ننڍن تي شفقت ڪرڻ، وڏن سان احترام سان پيش اچڻ، والدين جي خدمت، ٻين جي مدد ڪرڻ، هر هڪ سان خوش اخلاقي سان پيش اچڻ.

هيٺين ڪهاڻين مان سهڻي ڪردار ۽ اخلاقي اقدار کي ظاهر ڪرڻ جي عڪاسي ٿئي ٿي.

## 1. والدين جي خدمت

حضرت بايزيد بسطامي رحمة الله عليہ وڏو صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. هو پنهنجي ماءُ جي خدمت کي وڏي عبادت سمجهندو هو. هڪ رات سندس ماءُ هن کان پاڻي گهريو. بايزيد پاڻي کڻڻ ويو، گهگهي ڏنائين تہ خالي هئي. ٻئي ڪنهن ٿانو ۾ بہ پاڻي نہ هو. هو پاڻي ڀرڻ لاءِ درياهہ ڏانهن روانو ٿيو ۽ سخت سيءُ هجڻ جي باوجود اتان پاڻي ڀري آيو. جڏهن پاڻي کڻي واپس آيو تہ سندس ماءُ سمهي چڪي هئي. هو پاڻيءَ جو پيالو جهلي پنهنجي ماءُ جي کٽ جي پرسان بيهي رهيو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هن جي ماءُ جي اک کلي تہ هن بايزيد کي پاڻي جهلي پنهنجي پرسان بيٺل ڏٺو. هن اُٿي پاڻي پيتو ۽ چوڻ لڳي ”پُٽَ! تو ايتري تڪليف ڇو ڪئي؟ بستري جي ويجهو پاڻي رکي ڇڏين ها، آءٌ اٿي پاڻ پي وٺان ها“. حضرت بايزيد رحمہ الله عليہ جواب ڏنو تہ ”توهان مون کان پاڻي گهريو هو، مون کي ان ڳالهہ جو ڊپ هو تہ جڏهن اوهان جي اک کُلي، تہ متان آءٌ اوهان وٽ موجود نہ هجان“. هن جي ماءُ اهو جواب ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ۽ کيس تمام گهڻيون دعائون ڏنائين.

## 2ـ ماکيءَ جي مَکِ مان سبق (نظم)

مَک ماکيءَ لئہ اُٿي سويرو،
ڦڙو ڦڙو ڪيو گھرُ پري ٿي،
ٽِتيءَ ٽڏيءَ ڏي ڪين نهاري،
محنت ڪان سا ڪين ڏري ٿي،
ڪم تي صبح سوير اُٿي ٿي،
سج لٿي پوءِ گھر وري ٿي،
مِني ماکي نِيو گھر لائي،
ميٺي ماٺهن ڪاڻ ڌري ٿي،
چوکر گھرجي آن ڪي جائي،
وجي گلن لئہ پري پري ٿي،

گُلن مٿان سا ڏئي ٿي ڦيرو.
سُستي ڪڏهن ڪين ڪري ٿي.
پورهئي ۾ ٿي ڏينهن گُذاري.
سُستي ڪڏهن ڪين ڪري ٿي.
ڪين ڪمائيءَ ڪان ٿَڪجي ٿي.
سُستي ڪڏهن ڪين ڪري ٿي.
ائين نہ چئي ٿي ٿوري آهي.
سُستي ڪڏهن ڪين ڪري ٿي.
مَک جيان ڪريو خوب ڪمائي.
سُستي ڪڏهن ڪين ڪري ٿي.

(محمد صديق مسافر)



هن نظم ۾ محمد صديق مسافر سيني شاگردن کي اها نصيحت ڪري ٿو تہ اوهان صبح جو سوير اٿو ۽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ خوب محنت ڪريو. جيئن ماکيءَ جي مک تتي ٽڏيءَ ڏانهن ناهي ڏسندي ۽ گُلن مان رَسُ جو ڦڙو ڦڙو چوسي، پنهنجو گهر پريندي آهي، اهڙيءَ طرح اوهان بہ تتي ٽڏي ڏسي، سُستي ڇڏيو ۽ پڙهائيءَ ۾ خوب محنت ڪريو تہ هڪ ڏينهن اوهان ضرور ڪامياب ٿيندا.

# 3ـ هاريءَ جي سادگي



ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ غريب هاري رهندو هو، جنهن جي زال مکڻ ٺاهيندي هئي، جنهن سان سندن گهر جو گذر سفر ٿيندو هو. هڪ ڀيري هن مکڻ ٺاهي پنهنجي مُڙس کي ڏنو، ته جيئن هو شهر ۾ وڪڻي اچي ۽ ان جي بدران گهر جو سيڌو وٺي اچي. هاري شهر وڃي دڪاندار کي هميشه جيان مکڻ ڏنو ۽ ان کان چانهن جي پتي، کنڊ، تيل ۽ صابڻ وغيره وٺي واپس پنهنجي ڳوٺ موٽيو.

هاريءَ جي وڃڻ کان پوءِ دڪاندار مکڻ کي فريزر ۾ رکي ڇڏيو. هن کي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته ڇو نه مکڻ کي توري ڏسجي. جڏهن هن مکڻ کي توريو ته اهو هڪ ڪلو گرام بدران 900 گرام هو. جنهن تي دڪان دار کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ ڏک پهتو.

ٻئي ڀيري جڏهن هاري مکڻ کڻي دوڪاندار وٽ پهتو ته دوڪاندار هاريءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي چيو: تون ته هڪ دوکي باز شخص آهين، توسان واپار ڪرڻ ته مون کي نه جڳائي.

غريب هاريءَ ڏکائتي لهجي ۾ چيو: ”منهنجا ياءُ مون کان بدظن نه ٿيءُ. اسين ته غريب ۽ سادا ماڻهو آهيون. اسان وٽ ته تورڻ لاءِ وٽَ به ناهن. آءٌ توکان جيڪا هڪ ڪلو کنڊ وٺي ويندو آهيان، ان کي تارازيءَ جي هڪ پُڙ ۾ رکي، ٻئي پُڙ ۾ ايتري ئي وزن جو مکڻ توري، تو وٽ کڻي ايندو آهيان“.

اهو ٻڌندي ئي دڪاندار لڇي ٿي پيو ۽ پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪيو. هن پنهنجي جرم جو اعتراف ڪيو ته ان بي ايمانيءَ ۽ ماپ تور جي کوٽ جو اصل ذوهاري آءٌ ئي آهيان، تون ناهين. چاڪاڻ ته تنهنجي تور منهنجي کنڊ جو وزن آهي، جنهن ۾ 100 گرام جي کوٽ آهي. انهيءَ ڪري هاڻي مون کي احساس ٿيو آهي ته هر بري عمل جو نتيجو سدائين برو ئي نڪرندو آهي. ڪنهن سچ ئي چيو آهي ته ”جيڪا شيءِ پوکبي، اُها ئي لڻبي“.

# 4۔ ٻين ڪاڻ جيئڻ



هڪ ڳڏهه گاڏي وارو شخص دڪاندار سان انهيءَ ڪري بحث ڪري رهيو هو ته دڪاندار پنهنجي دڪان جون شيون ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ جائز حد کان ٻاهر ڪڍي غيرقانوني طور تي اڳتي وڌائي ڇڏيون هيون، جنهن ڪري سامان سان ڀريل ڳڏهه گاڏي واري کي اتان لنگهڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي.

ٻيو مسئلو اِهو هو ته دڪاندار پنهنجي دڪان جو گند ڪچرو عام ماڻهن جي هلڻ جي واٽ تي اڇلايو هو، جنهن ڪري ڳڏهه گاڏو اڳتي وڌي نه پيو سگهي. دڪاندار انهن مسئلن کان لاپرواهه ٿي ڪري پنهنجن خيالن ۾ محو هو. هن کي ڳڏهه گاڏي واري جي تڪليف جي ڪابه پرواهه ۽ ڪو به احساس نه هو.

”نيٺ هن مسئلي جو فيصلو ڪير ڪندو؟“ ڳڏهه گاڏي جي مالڪ شڪايت ڪندي ڏاڍيان چيو. ڪنهن مُحتسب کي وڃي اهو ٻڌايو، جنهن جي ذميواري بازار ۾ شين جي قيمتن ۾ توازن رکڻ، بازار ۾ موجود دڪاندارن جي باري ۾ شڪايتون نبيرڻ، سبزي، گوشت ۽ ڪپڙي وارن، درزين، حجامن، موچين، پاٽي وڪٽندڙن جي معاملن جي سار سنڀال لهڻ آهي.

جڏهن مُحتسب کي ان مسئلي جي خبر پئي ته هو جلدي اُتي پهتو ۽ هن ٻنهي ڌرين جي ڳالهه غور سان ٻُڌي ۽ پوءِ شڪايت کي حل ڪندي، دڪاندار کي حڪم ڏنائين ته هو جلدي پنهنجي دڪان جو سامان مقرر ڪيل حد کان هٽائي ۽ آئنده عوام لاءِ ڇڏيل رستي تي ناجائز قبضو نه ڪندو.

هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي هيءُ سبق ملي ٿو ته اسين ٻين لاءِ رحمت بڻجون، زحمت نه بڻجون.

# 5_ خوش اخلاقي



هڪ با اخلاق دڪاندار ماکيءَ جو واپار ڪندو هو. سندس خوش مزاجي ۽ سٺن اخلاقن جي ڪري هن جي دڪان تي گراهڪن جي رش لڳل هوندي هئي ۽ هن جي ماکي تمام گهڻي وڪامندي هئي.

هڪ ٻيو شخص، جيڪو بدڪلام ۽ بدمزاج هو، ان جڏهن ڏٺو ته هن جو واپار ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، ته سندس دل ۾ ساڙ پيدا ٿيو ۽ سوچڻ لڳو ته هيءُ شخص اڪيلو فائدو ڇو پيو حاصل ڪري. هن دل ۾ خيال ڪيو: ”آءٌ به ماکي وڪڻندس ۽ ان جي گراهڪن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندس“. اهو سوچي، هن پهرين شخص جي دڪان جي پرسان ماکيءَ جو دڪان کوليو، پر ڪيترن ئي ڏينهن تائين سندس دڪان تي ڪوبه گراهڪ نه آيو.

نيٺ تنگ اچي، هن هڪ ڏينهن پنهنجي زال کي چيو: ”خبر ناهي ته منهنجي ماکيءَ ۾ ڪهڙي خرابي آهي، جو ڪو هڪ گراهڪ به منهنجي دڪان تي نه ٿو اچي، جڏهن ته هن جي دڪان تي ماڻهن جي رش لڳي پئي آهي“.

هن جي ڏاهي زال، جيڪا پنهنجي مڙس جي مزاج کان واقف هئي، اها ڳالهه ٻڌي چوڻ لڳي: ”ڪَوڙي زبان واري شخص جي ماکي به ڪَوڙي هوندي آهي“.

# 6_ مهرباني ڪرڻ



ايچ جي ويلز انگريزي ادب ۾ هڪ ناليواري مصنّف طور سڃاتو ويندو آهي. هن لنڊن جي شهر ۾ هڪ عاليشان گهر ٺهرايو هو، پر ان گهر ۾ رهڻ بدران، هو هڪ معمولي گهر ۾ رهندو هو. هن پنهنجو گهر پنهنجن نوڪرن کي ڏئي ڇڏيو هو.

جڏهن ان ڳالهه جي خبر ايچ جي ويلز جي مٽن مائٽن ۽ دوستن کي پئي ته اهي ڏاڍو حيران ٿيا. هنن ايچ جي ويلز کان ان ڳالهه جي وضاحت پڇي ته آخر هن ائين ڇو ڪيو؟ ڇاڪاڻ ته عام طور تي خوبصورت ۽ عاليشان گهرن جا مالڪ پنهنجن بنگلن ۾ پاڻ ئي رهندا آهن، پنهنجن نوڪرن کي ناهن رهائيندا.

ايچ جي ويلز جواب ڏنو ته آءٌ ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ سان گڏ ننڍي گهر ۾ رهندو هئس. مون کي خبر آهي ته اتان جي زندگي ڪيئن هوندي آهي؟ ماڻهو ڪهڙين حالتن ۾ رهندا آهن؟ هاڻي جڏهن آءٌ اڪيلو رهجي چڪو آهيان ۽ گهر ۾ ڪير به ناهي ته اهڙي عاليشان بنگلي ۾ مان رهي ڇا ڪريان؟ بهتر آهي ته ان وڏي بنگلي ۾ منهنجا نوڪر پنهنجن ٻارن ٻچن سان گڏ خوشي ۽ آرام سان رهن، ته جيئن انهن جي ٻارن کي ڪا ڏکيائي ڏسڻي نه پوي. منهنجي لاءِ ته هيءُ معمولي گهر ئي ڪافي آهي، جتي آءٌ سڪون سان پنهنجو ڪم ڪري سگهان.

ايچ جي ويلز جي دوستن جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته سندس ڏاڍي واکاڻ ڪيائون ته هو هڪ اهڙو شخص آهي، جيڪو پاڻ تڪليف ۾ رهي، ٻين کي خوشي ڏيڻ جو فن ڄاڻي ٿو.

## سهڻي ڪردار ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن بابت مقدس ڪتابن جون چوند ڳالهيون

- ماڻهن سان سهڻو ڳالهايو. (قرآن مجيد)
- انسان ڪي اهوئي ملندو آهي جنهن جي هو ڪوشش ڪندو آهي. (قرآن مجيد)
- نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ڪريو. (قرآن مجيد)
- جيڪڏهن اوهان بهادر ڏسڻ چاهيو ٿا ته ان ماڻهو کي ڏسو جيڪو معاف ڪري ٿو. (ڀڳود گيتا)
- جهنم ڏانهن ويندڙ رستا ٽي آهن نفساني خواهش، ڪاوڙ ۽ لالچ. (ڀڳود گيتا)
- جيڪو شخص ڪنهن جي چڱائي جا گڻ نه ٿو ڳائي اهو انسانيت لاءِ هڪ داغ آهي. (رامائڻ)
- بزدل ۽ ڪمزور ماڻهو مقدر تي اعتماد رکندو آهي جڏهن ته مضبوط ۽ خود اعتماد انسان ڪڏهن به قسمت تي ڀروسو ناهي رکندو. (رامائڻ)
- جتي غرور داخل ٿئي اتي رسوائي داخل ٿئي ٿي. پر درگذر ڪرڻ وارن لاءِ حڪمت آهي. (امثال)
- سچار شخص جي سچائي ان جي راهه هموار ڪري ٿي ۽ شرير ماڻهو پنهنجي شرارت ۾ ڪري پوي ٿو. (امثال)
- اوهان سان برائي چاهيندڙ لاءِ برڪت گهرو ۽ پنهنجي مخالفن لاءِ دعا ڪريو. (متي)
- پنهنجي پاڻ کي عزت ڏيو ته ٻيا اوهان جو احترام ڪندا. (اينالِيٽڪس)
- عقلمند ڪڏهن شڪ ناهي ڪندو، انسان ڪڏهن فڪر ناهي رکندو ۽ بهادر ڪڏهن خوف ناهي رکندو. (اينالِيٽڪس)
- وڏن ۽ عظيم ڪمن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ننڍن ننڍن ڪمن کان شروعات ڪرڻ گهرجي. (اينالِيٽڪس)
- جيڪو ڏاهو سچ جو علم بلند رکي ٿو ۽ ان مطابق عمل ڪري ٿو اهو ئي اوهان جو تمام گهڻو مددگار ٿي سگهي ٿو. (گاٿا)
- سهڻي سوچ، سهڻن لفظن ۽ سٺي عمل کان پاڻ کي ڪڏهن به پري نه رکو. (گاٿا)

• جيڪو برائي خلاف ڪو تحرڪ نٿو وٺي اهو ئي برو آهي. (گاتا)

• جنگ ۾ هزارين ماڻهن تي ڪاميابي ماڻيندڙ ڪان اهو ماڻهو وڏو فاتح آهي جيڪو پنهنجي پاڻ تي سوڀ حاصل ڪري ٿو. (ڌما پڌا)

• ذميواري يا فرض جي ادائيگي اوهان تي لازم آهي. ان تي پڇتاءُ نہ ڪريو جيتوڻيڪ ان جو نتيجو ڪهڙو بہ هجي. (ڌما پڌا)

• هميشہ اهڙو ڳالهايو جنهن مان اوهان کي يا ٻئي کي تڪليف نہ پهچي. (ستانيپاتا)

## متين سبقن جو خلاصو هي آهي تہ:

• هر مذهب جي اها تعليم آهي تہ هيءَ ڪائنات هڪ عظيم ۽ بالاتر هستيءَ جي جوڙيل آهي. • اسان سڀني کي ان عظيم مالڪِ حقيقيءَ جي آڏو متو ٽيڪڻ گهرجي. • سڀئي مقدس ڪتاب انسان لاءِ رهنمائيءَ جو سرچشمو آهن. • هر مذهب اها گهر ڪري ٿو تہ ان جا مڃيندڙ ان مذهب جي ٻڌايل اصولن تي هلن. • هر مذهب صبر ۽ تحمل، رواداري ۽ برداشت جي تلقين ڪري ٿو. • عالم ۽ مفڪر ڪي ٽي اڪيون هونديون آهن. ٽين اک ”علم جي اک“ آهي. • هر مذهب اخلاقيات جي جوهر کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ جي تعليم ڏئي ٿو. • مذهبي ڪتابن جي مطالعي کان سواءِ ٻين علمن جي سٺن ڪتابن جو پڻ مطالعو ڪرڻ گهرجي. • مذهبي تعليمات تي عمل ڪرڻ سان انسان حيوانن کان مُمتاز ٿئي ٿو.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ڪردار جي وصف بيان ڪريو.
2. اخلاقي قدرن مان ڇا مراد آهي؟
3. بايزيد پنهنجي والده جي ڪهڙي ريت خدمت سرانجام ڏني؟
4. ماڪيءَ جي ڪردار مان اسان کي ملندڙ سبق بيان ڪريو.
5. هاريءَ جي ڳالهہ ٻڌي دڪاندار ڇو لڄي ٿي ويو؟
6. هر دڪاندار لاءِ خوش مزاجي ڇو ضروري آهي؟

(ب) صحيح جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. ايڇ جي ويلز جنهن گهر ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو، سو هو:

(الف) وڏو / ڪشادو (ب) ننڍو / سوڙهو

(ج) مسواڙ وارو (د) معمولي، پُرسڪون

2. گڏهه گاڏي وارو پنهنجي شڪايت ڪٿي ويو:

(الف) دڪاندار وٽ (ب) ڳوٺ جي وڏيري وٽ

(ج) محتسب وٽ (د) پوليس وٽ

3. ڪَوڙي زبان واري شخص جي ماڪي بہ هوندي آهي:

(الف) ڪَوڙي (ب) مٺي

(ج) سستي (د) مهانگي

4. جيڪو برائي خلاف تحرڪ نہ وٺي اهو:

(الف) برو آهي (ب) چڱو آهي

(ج) سست آهي (د) چست آهي

5. هميشہ اهڙو ڳالهايو جنهن مان ٻئي کي نہ پهچي:

(الف) ڪاوڙ (ب) غُصو

(ج) تڪليف (د) فائدو

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پريو:

1. حضرت بايزيد پاڻي پرڻ لاءِ __________ ڏانهن روانو ٿيو.
2. هاري مڪڻ جي تور __________ سان ڪري آيو هو.
3. پنهنجي پاڻ کي __________ ڏيو تہ ٻيا اوهان جو __________ ڪندا.
4. جيڪا شيءِ __________ اها ئي لڀي.
5. عقلمند ڪڏهن بہ __________ ناهي ڪندو.

(د) سبق ۾ ڏنل هر هڪ ڪهاڻي مان ملندڙ سبق پنهنجن لفظن ۾ لکو:

1. ______________________________
2. ______________________________
3. ______________________________
4. ______________________________

5. ____________________

6. ____________________

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همتايو تہ اهي اسڪول ۾ موجود ٻوٽن کي پاڻي ڏين ۽ پنھنجن پنھنجن گھرن ۾ ٻوٽا پوکڻ لاءِ والدين سان گڏ وجي ٻج وٺن ۽ انھن ٻجن کي پوکڻ جو بندوبست ڪن.

## نوان لفظ ۽ انھن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| ڏيتي ليتي | ڏيڻ وٺڻ، واپار ڪرڻ | بدظن | شڪ، بدگماني |
| سونهن | خوبصورتي | اعتراف | مڃڻ |
| ڳڻ | ليڇڻ، صفت | محو | گم سُم |
| اهڃاڻ | نشان، علامت | لاپرواھ | بي پرواھ |
| عڪاسي | ظاهر ڪرڻ، ڏيکارڻ | محتسب | حاڪم، حساب وٺندڙ |
| گھگھي | هڪ ڳاڙهي رنگ جو پکي | بد ڪلام | برو ڳالهائيندڙ |
| ڏري تي | ڏيڃي تي | بد مزاج | خراب طبيعت وارو |
| مقدر | نصيب، ڀاڳ | تعاون | مدد، همراهي |
| شرير | شرارتي | رسوائي | بدنامي، خواري |
| تحرڪ | چُرپُر، حرڪت | عَلَمُ | جهندو |

# سک مذهب جو تعارف ۽ اوسر

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- سک مذهب بابت وضاحت ڪري سگهندا.
- سک مذهب جي اهم اصولن بابت ڄاڻي سگهندا.
- سک مذهب جي ”پنجن نشانين“ کي ڄاڻي سگهندا.
- سک مذهب جي بڻ بنياد ۽ ترقي بابت بيان ڪري سگهندا.

## سک مذهب جو تعارف:



سک مذهب تاريخي اعتبار سان ايترو پراڻو ڪين آهي بلڪ ان جي ابتدا سورهين صدي عيسوي ۾ پيدا ٿيندڙ عظيم رهنما بابا گرو نانڪ کان ٿي آهي. حقيقت ۾ سک مذهب هڪ اصلاحي تحريڪ جو عملي روپ آهي جنهن ۾ بابا گرو نانڪ سناتن ڌرم ۽ اسلام کي هڪ ٻئي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لفظ ”سک“ جي معنیٰ ”پيروڪار“ آهي جنهن تان هن مذهب کي سک مذهب سڏيو ويو آهي.

بابا گرو نانڪ 15 اپريل 1459ع تي لاهور پرسان تل ونديءَ ۾ پيدا ٿيو جنهن کي هاڻي ننڪاڻه صاحب سڏجي ٿو. سندن ماءُ پيءُ مذهبي طور تي هندو هئا. سندن پيءُ جو نالو ڪليان چند سنگهه هو ليڪن مهتا ڪالو جي نالي سان مشهور هو. پاڻ بيري خاندان ڪشتري مان هو ۽ پنهنجي ڳوٺ جو مکي هو. بابا گرو نانڪ جي ڇهن سالن کان تعليم شروع ڪئي ۽ هندو توڙي مسلمان استادن کان علم پرايائين. 1488ع ۾ سندن سلکڻي نالي عورت سان شادي ٿي جنهن مان سري چند ۽ لڪشمي داس پيدا ٿيا. ڏهن سالن تائين پاڻ سلطان پور جي نواب خان لوڌي وٽ نوڪري ڪندا رهيا ۽ پوءِ پنهنجي روحاني ترقي ماڻڻ لاءِ دنيا جي ڏکهي سفر تي روانا ٿي ويا. 1521ع تي واپسي کان پوءِ ڪرتارپور کي پنهنجي روحانيت جو مرڪز بڻايائون جتي 22 سٽمبر 1539ع ڌاري پاڻ ديهانت ڪري ويا.

سک مذهب ۾ مالڪِ حقيقي جي تابعداري، انسانيت سان محبت ۽ برابري،

ايمانداري ۽ حلال جي روزي جي هدايت ڪئي وجي ٿي. ”گرو گرنٿ صاحب“ سک مذهب جو مقدس ڪتاب آهي. ننڪاڻہ صاحب ۽ پنجہ صاحب سکن جا مقدس ٽڪاڻا آهن. جتي سندن عبادت گاهہ ”گردوارا“ بہ قائم آهن.

## سک مذهب جا اهم اصول:

سک مذهب مالڪِ حقيقي جي وحدانيت جو قائل آهي گڏوگڏ ايمانداري ۽ انسانيت جي خدمت کي بہ اهم حيثيت ڏئي ٿو. انهن ڳالهين جي بنياد تي سک مذهب جا اهم اصول هن ريت آهن:

**نام جپڻ:** جنهن جو مطلب آهي مالڪِ حقيقي کي ياد رکڻ، ان جي نالي جو هميشہ ورد ڪرڻ، سندس گيت ڳائڻ، هر وقت زبان کي ان جي نالي سان تازو رکڻ.

**ڪرت ڪرڻ:** جنهن جو مطلب آهي ديانت داري ۽ محنت سان حلال روزي ڪمائڻ.

**ونڊ چکڻ:** ان جو مطلب آهي پنهنجي مال ملڪيت ضرورتمندن ۾ ورهائڻ ۽ ٻين سان گڏجي کائڻ.

## سک مذهب جون پنج علامتون:

سک مذهب کي مڃيندڙ پنهنجي زندگي ۾ پنجن نشانين کي لازمي طور اپنائيندا آهن ۽ ان کي مذهبي حڪم سمجهي عمل ڪندا آهن. انهن پنجن نشانين جي ابتدا ڪاف سان ٿئي ٿي. ان ڪري انهن کي ”پنج ڪاف“ يا ”پنج ڪڪار“ سڏيو ويندو آهي. جيڪي هن ريت آهن.

| | | |
|---|---|---|
|  | **ڪيس:** | پنهنجي جسم جا وار نہ ڪٽيا ويندا. چو تہ سيئي گرو بہ پنهنجا وار نہ ڪٽيندا هئا. |
|  | **ڪنگي:** | مٿي جي وارن کي ڦٽي ڪرڻ ۽ سنوارڻ لاءِ ڪنگي ساڻ رکي ويندي. |
|  | **ڪڙو:** | اسٽيل يا ٻئي ڪنهن ڌاتوءَ جو چوڙو قوت لاءِ پاتو ويندو. |
|  | **ڪڇو:** | سلوار اندران چستي ۽ ڦڙتي لاءِ ڇيو پهريو ويندو. جنهن جي ڊيگهہ گوڏن تائين هوندي. |
|  | **ڪرپان:** | هڪ ننڍي تلوار جنهن سان قرباني ڪئي وجي، ساڻ رکي ويندي. |

## سک مذهب جو بڻ بنياد ۽ اوسر:

بابا گرو نانڪ ديو جي جي دؤر ۾ سکن تي سندن شخصيت ۽ سکيا جا گهرا اثر پيا. هوندئن تہ هن سکن جي مذهبي جماعت بنائڻ جي شعوري ڪوشش نہ ڪئي ۽ نہ ئي ان کي سياسي جماعت بڻايو، پر پنهنجن پوئلڳن جي رهنمائيءَ لاءِ پاڻ کان پوءِ گرو انگد ديو جي کي جانشين مقرر ڪيائين. ان جي مقرري سک مذهب لاءِ مفيد ثابت ٿي. گرو انگد ديو جي نہ صرف بابا گرو نانڪ جي روايتن کي جاري رکيو، پر ڪيرتن (پوڄا پاٺ) ۽ لنگر جي روايت کي وسيع ڪيائين. هن گُرمُکي لپي ايجاد ڪئي ۽ صوفين ۽ ڀڳتن جو ڪلام گڏ ڪيو ۽ ان کي "گرو گرنٿ صاحب (ڪتاب)" ۾ شامل ڪيو. اهڙيءَ ريت هن بابا گرو نانڪ جي سوانح عمري پڻ مرتب ڪرائي، انهن اپائن سان سندس پوئلڳن ۾ عقيدتمندن ۾ اتحاد ۽ هڪ جماعت هئڻ جو احساس پيدا ٿيو. گرو انگد ديو جي جي دؤر ۾ "سنگت" ادارو قائم ٿيو، جيڪو اڳتي هلي گردواري جو بنياد بڻيو. ٽئين گرو امرداس نظم ۽ ضبط جو اهتمام ڪيو. گرو امرداس اڪبر بادشاهہ سان ملي ڪوڙ سارا عام ٻلائيءَ جا ڪم ڪيا، جن سان ماڻهن جي دلين ۾ سکن لاءِ نرمي پيدا ٿي ۽ اها تحريڪ مضبوط ٿيڻ لڳي، جيڪا سک مذهب اختيار ڪرڻ وارن لاءِ ڪشش جو سبب بڻي.

اڄ سک مذهب جا پوئلڳ دنيا جي سيني حصن ۾ ٿوري گهڻي تعداد ۾ موجود آهن. پاڪستان، انڊيا، يورپ، آمريڪا، ڪينيڊا، دبئي، ايران ۽ افغانستان ۾ سکن جو گهڻو تعداد آهي. اهو سک مذهب جي عالمي مذهب هئڻ جو دليل آهي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

• بابا گرو نانڪ جو هندو مذهب سان واسطو هو پر هن ذات پات جي فرق بنا برابري جو پيغام ڏنو. • بابا گرو نانڪ شروعاتي تعليم هندو پنڊتن ۽ مسلم عالمن کان حاصل ڪئي ۽ ٻين مذهبن جي دانشورن، درويشن ۽ عالمن سان پڻ مليو. • سک مذهب جي اهم تعليم مالڪِ حقيقي جي تابعداري ڪرڻ آهي. • ڪيس، ڪڙو، ڪنگي، ڪڇو ۽ ڪرپان هن مذهب جون مکيہ علامتون آهن، جڏهن تہ نام جپڻ، ڪرت ڪرڻ ۽ ونڊ چکڻ سک مذهب جا بنيادي اصول آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. سک مذهب جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن؟
2. سک مذهب جون پنج علامتون ڪهڙيون آهن؟
3. نام جپڻ جو مطلب ڇا آهي؟
4. ”ڪرت ڪرڻ“ جو مفهوم بيان ڪريو.
5. ونڊ چکڻ جو مقصد ڇا آهي؟

**(ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:**

1. سيئي گرو پنهنجي جسم جا __________ نہ ڪٽيندا هئا.
2. قوت لاءِ __________ يا __________ جو چوڙو پائڻ گهرجي.
3. هڪ ننڍي __________ ساڻ رکي وڃي، جنهن سان قرباني وغيره ڪجي.
4. __________ ۽ __________ سکن جا مقدس ٽڪاڻا آهن.
5. بابا گرو نانڪ جي پيءُ جو نالو __________ هو.

**(ج) هيٺين جملن مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. سلکڻي بابا گرو نانک جي ڌيءُ هئي. | | |
| 2. لفظ ”سک“ جي معنیٰ پيروڪار آهي. | | |
| 3. بابا گرو نانک جي وفات پنجہ صاحب ۾ ٿي. | | |
| 4. ونڊ چکڻ جو مطلب آهي دولت گڏ ڪرڻ. | | |
| 5. گرو انگد ديوجي ”سنگت“ نالي ادارو جوڙيو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سک مذهب جي بنيادي ڳالهين بابت اسائنمينٽ تيار ڪري اچڻ جي هدايت ڪئي وڃي جهڙوڪ:

* سک مذهب جا بنيادي اصول
* سک مذهب جون نشانيون

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو ته اهي بابا گرو نانڪ ديو جي پنهنجي روحاني ترقي ماڻڻ لاءِ دنيا جي ڏکهي سفر تي روانا ٿي ويا هئا، ان سفر بابت پنهنجي والدين کان معلومات حاصل ڪري اچي ڪلاس ۾ پيش ڪن.

### نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| اوسر | ترقي | ٽڪاٽو | ٽڪڻ جي جاءِ |
| اصلاحي | ڀلائي واري | اهتمام | ڪوشش ڪرڻ |
| روپ | نمونو | وحدانيت | اڪيلو هجڻ |
| مُکي | سردار، پريو مڙس | قائل | چوندڙ، مڃيندڙ |
| ديهانت | وفات، لاڏاڻو | سوانح عمري | زندگي جا حال احوال |

# سک مذهب جا مهان گرو

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- سک مذهب جي مهان گروئن جا نالا ٻڌائي سگهندا.
- سک مذهب جي مهان گروئن جا ڪارناما بيان ڪري سگهندا.




”گرو“ سنسڪرت زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ”اونداهين ۾ روشني پکيڙيندڙ“. جڻ ته گرو ڪنهن فرد جي دل ۽ روح مان جهالت جي اونداهيءَ کي دور ڪري ٿو. مالڪِ حقيقيءَ جي عشق ۽ ان تائين پهچائڻ لاءِ هڪ رهنما جي ضرورت آهي. گروءَ جي رهنمائي ۽ تعليم ئي مالڪِ حقيقيءَ تائين رسائيءَ جو سبب بڻجي ٿي، انهيءَ ڪري سک مذهب ۾ گروءَ جي ضرورت ۽ اهميت تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. جن جو تعداد يارهن آهي. انهن مان ڏهه گرو انسان ۽ يارهون گرو مقدس ڪتاب ”گرو گرنٿ صاحب“ کي مڃيو وڃي ٿو. سک مذهب ۾ بابا گرو نانڪ جي پهريون گرو هو. باقي ٻين ڏهن گروئن جو ذڪر هن ريت آهي:

## گرو انگد ديوجي (لهڻا پائي)

گرو انگد ديو جي 1504ع ۾ پيدا ٿيو. هيءُ ڪنهن مندر جو پوڄاري هو ۽ هر سال پڳتن جو جٿو وٺي جوالا مکي جي هنڌ تي ديوي جي مندر ويندو هو. اتي هڪ پيرو گرو نانڪ ديو جي جي پوئلڳ جوڌا پائيءَ کان متاثر ٿيو ۽ ان کان پوءِ بابا گرو نانڪ سان اچي ملاقات ڪيائين. ان وقت سندس عمر 28 سال هئي. پوءِ پوري عمر لاءِ اتي ئي رهي پيو. بابا گرو نانڪ ديو جي جي دؤر ۾ هن لنگر جي ڪم کي نهايت سهڻي طريقي سان سنڀاليو. بابا گرو نانڪ ديو جي پنهنجي وفات کان ويهه ڏينهن اڳ کيس پنهنجو جانشين بڻايو هو.

گرو انگد ديو جي هيٺيان اهم ڪارناما سرانجام ڏنا: سک جماعت جي نظام ۾ مضبوطي پيدا ڪئي. ”گُر مکي لپي“ ايجاد ڪئي ۽ بابا گرو نانڪ ديو جي جي سوانح عمري تيار ڪرائي، هن پهرين اپريل 1552ع تي وفات ڪئي. وفات کان اڳ هن گرو امرداس جي کي گرو مقرر ڪيو.

## گرو امرداس جي:

گرو امرداس جي 1479ع ۾ امرتسر جي ويجهو هڪ ڳوٺ باسرڪي ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق هڪ مذهبي گهراڻي سان هيو. هو بابا گرو نانڪ ديو جيءَ جو هڪ گيت ”جپ جي“ (صبح جي دعا) ٻڌي متاثر ٿيو ۽ سندس پوئلڳ بڻجي ويو. سندس وڏو ڪم سکن کي مُنظّم ڪرڻ آهي. گرو امرداس جيءَ جو ٻيو اهم ڪم اڪبر بادشاهه سان سٺن ناتن کي وڌائڻ آهي. بادشاهه جي مدد سان هن عام ڀلائيءَ جا ڪيترائي ڪم ڪيا. مثال طور ڍل معاف ڪرايائين، هن مقدس ڪتاب ”گرو گرنٿ صاحب جي“ ۾ مذهبي دعائن جو واڌارو ڪيو. گرو امرداس جي پهرين سيپٽمبر 1574ع تي وفات ڪئي ۽ پنهنجي جاءِ تي گرو رامداس جي کي گرو مقرر ڪيائين.

## گرو رامداس جي:

گرو رامداس جي جو نالو جيٺا ڀائي هو. هو لاهور ۾ 1534ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ 1574ع کان 1581ع تائين گروءَ جا فرض نڀايائين. گرو رامداس جي مذهبي ڏڻ ملهائڻ لاءِ پنهنجن پوئلڳن کي هندن کان الڳ ڪيو ۽ وري شادي ۽ مرڻ جون رسمون پڻ الڳ مقرر ڪيون ۽ خاص طور تي ستيءَ جي رسم جي مخالفت ڪئي.

گرو رامداس جي امرتسر شهر کي وسايو ۽ اتي ئي بابا گرو نانڪ ديو جي جي تعليم کي عام ڪيو. پاڻ 28 سيپٽمبر 1581ع تي وفات ڪيائين.

## گرو ارجُن ديو جي:

گرو ارجن ديو جي کي سندس پيءُ گرو رامداس جي وفات کان پوءِ 18 سالن جي عمر ۾ گرو مقرر ڪيو ويو. گرو ارجن ديو جي 15 سيپٽمبر 1563ع تي گووندوال ۾ پيدا ٿيو هو.

گرو ارجن ديو جي امرتسر تالاب (سروور) ۾ مرڪزي عبادت گاهه ”هري مندر صاحب“ اڏايو، جنهن کي هاڻي ”گولڊن ٽيمپل“ چئجي ٿو. هن اُتي سک گروئن جي رهائش گاهه پڻ نهرائي. انهيءَ ڪري ان جڳهه کي ”دربار صاحب“ جو نالو ڏنو ويو آهي، جتي ته ڪو گرو رهندو گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ ٿيندو، ان کي ”دربار صاحب“ چئبو آهي.

مالي طور تي سکن کي منظم بنائڻ لاءِ گرو ارجن ديو جي سکن لاءِ عشر (ڏهون حصو) جي نظام کي رائج ڪرايو. گرو ارجن ديو جي راوي ۽ بياس درياهہ جي وچ ۾ شهر ترن تارن، ڪرتارپور ۽ هرگوبند پور وسايا. گرو جي کي 16 مئي 1606ع ۾ قتل ڪيو ويو.

## گرو هرگوبند سنگهہ جي:

گرو هرگوبند سنگهہ جي 14 اپريل 1595ع تي پيدا ٿيو. سک جماعت لاءِ سندس دور مشڪل ۽ ڏکيو دور هو. مغل بادشاهہ مخالف ٿي پيو هو. گرو هرگوبند سنگهہ جي ظلم جي خلاف هٿيار کنيو. سندس زندگي جنگي تيارين ۾ گذري. هن سپني پوئلڳن کي هر وقت تيار رهڻ جو حڪم ڏنو. هن پنجاب جي مغل گورنر خلاف جنگيون وڙهيون. مغلن سان حالات بهتر ٿي وري خراب ٿيندا رهيا. پوءِ کيس گواليار جي قلعي ۾ بند ڪيو ويو. جتي سندس انتقال 1644ع ۾ ٿيو.

## گرو هر راءِ صاحب جي:

گرو هر راءِ صاحب جي 26 فيبروري 1630ع تي پيدا ٿيو. تيرهن سالن جي عمر ۾ سندس ڏاڏو گرو هرگوبند جي کيس گرو مقرر ڪيو هو. هو نرم دل ۽ صلح پسند انسان هو. هن مغلن جي خلاف ڪابہ فوجي ڪارروائي نہ ڪئي، پر دارا شڪوه کي بچائڻ ۾ اڳرو رهيو. کيس دهلي گهرايو ويو ۽ اتي ئي 16 آڪٽوبر 1661ع تي انتقال ڪيائين.

## گرو هر ڪرشن جي:

گرو هر ڪرشن جي 7 جولاءِ 1656ع تي پيدا ٿيو. کيس پنجن سالن جي عمر ۾ گرو مقرر ڪيو ويو. ان وقت دهليءَ جي راڄڌاني ۾ ماتا جي وبا پکڙجي چڪي هئي ۽ روزانو هزارين ماڻهو مري رهيا هئا. گرو هر ڪرشن جي کي مالڪِ حقيقيءَ ماتا جي علاج جي صلاحيت ڏني هئي. انهيءَ ڪري هن دهليءَ ۾ ماتا جي گهٽڻ ئي بيمارن جو علاج ڪيو. دهليءَ جي ماڻهن تہ ان بيماريءَ مان شفا حاصل ڪئي، پر پاڻ گرو هر ڪرشن جي ماتا جي بيماريءَ ۾ وڪوڙجي ويو ۽ انتقال ڪيائين. سندس عمر ست سال، ست مهينا ۽ 23 ڏينهن هئي.

## گرو تيغ بهادر جي:

گرو تيغ بهادر جي 1621ع تي امرتسر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ گروءَ هرگوبند جي جو پُٽ هو. صوفي طبيعت وارو ماڻهو هو. هن ڏهن سالن تائين گروءَ جا فرض نڀايا. اورنگزيب بادشاهہ جي دؤر ۾ دهليءَ ۾ چانڊني چوڪ تي کيس 1675ع ۾ قتل ڪيو ويو.

## گرو گوبند سنگهه جي:

گرو گوبند سنگهه جي پنهنجي پيءُ کان پوءِ گرو بڻيو. هن سک مذهب ۾ سک روايت جي مخصوص ڪردار جي جوڙجڪ جو ڪم سرانجام ڏنو.

مغل بادشاهت ۾ ٻين راجا مهاراجائن سان وڙهڻ ۾ بدلو وٺڻ جي پوري زندگي پرپور تياري ڪندو رهيو. هن سکن کي فوجي تربيت ڏني ۽ ڪيس جابلو رياستن جي راجائن سان 19 جنگيون وڙهڻيون پيون. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هو هڪ مسلمان رياست حيدرآباد دکن هليو ويو ۽ باقي زندگي اتي گذاريائين.

هن مذهب ۾ هر سک مرد جي نالي سان گڏ ”سنگهه“ ۽ عورت جي نالي جي آخر ۾ لفظ ”ڪور“ جي واڌاري کي لازمي قرار ڏنو. وفات کان اڳ هن ”گرو گرنٿ صاحب جي“ (سکن جي مقدس ڪتاب) کي گروءَ جو درجو ڏنو .

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

گرو لفظ جي معنىٰ آهي اونداهين ۾ روشني پکيڙيندڙ. سک مذهب جي بنياد رکندڙ شخصيتن کي گرو جي لقب سان سڏيو ويندو آهي، جن مان ڏهہ انسان ۽ هڪ گرو گرنٿ صاحب ڪتاب آهي، جيڪي گڏجي سک مذهب جا يارهن گرو سڏجن ٿا. جن مان پهريون خود بابا گرو نانڪ ديو جي آهي، جڏهن تہ آخري گرو گرنٿ صاحب آهي.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. ”گرو“ ڇا آهي؟
2. سک مذهب جا مکيہ گرو ڪهڙا آهن؟ نالا ٻڌايو.
3. سک مذهب ۾ مرد ۽ عورت لاءِ ڪهڙا لقب آهن؟
4. گرو گرنٿ صاحب مان ڇا مراد آهي؟
5. عمر جي لحاظ کان سڀ کان ننڍو گرو ڪهڙو آهي؟

(ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پريو:

1. بابا گرو نانڪ ديو جي جي وفات کان پوءِ __________ ڏينهن پوءِ انگد ديوجي گرو مقرر ٿيو.
2. گرو امرداس جي __________ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو.
3. گرو رامداس جي جو نالو __________ هو.
4. هري مندر نالي عبادت گاهه __________ جوڙائي.
5. پنجاب جي مغل گورنر خلاف گرو __________ وڙهيو.

(ج) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. دارا شڪوه کي بچائڻ ۾ گرو هرراءِ جي وڏو ڪردار ادا ڪيو. | | |
| 2. گرو هرڪرشن جي جي دور ۾ ڪورونا جي بيماري پکڙي. | | |
| 3. گرو تيغ بهادر جي کي اڪبر بادشاهه جي دور ۾ قتل ڪيو ويو. | | |
| 4. گرو گرنٿ صاحب هاڻي سک مذهب جو آخري گرو آهي. | | |
| 5. هر سک مرد جو لقب سنگهه ۽ عورت جو ڪور آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سک مذهب مان هر هڪ گروءَ جي اهم ڪارنامن بابت هڪ صفحي جو تعارف لکي اچڻ ۽ ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ چيو وڃي.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي همٿايو تہ اهي سک مذهب جا سبق پڙهڻ کان پوءِ ان مذهب جي تعليم ۽ پنهنجي مذهبي تعليم جو جائزو وٺن ۽ استاد صاحب هن ڳالھ جو خيال ڪن تہ سندن جائزي مان ڪنهن بہ مذهب جي پوئلڳ جي دل آزاري نہ ٿئي، پر ان تعليم جي ڪري مذهبن جا پوئلڳ هڪ ٻئي جي ويجهو اچن.

### نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| جهالت | اڻ ڄاڻائي | رهنما | رستو ڏيکاريندڙ |
| رسائي | پهچ | جٿو | گروھ |
| وبا | وچڙندڙ بيماري | ڇاٽو | نياڻو / ناڻي |
| لپي | صرتخطي، رسم الخط | | |

# سک مذهب جا مقدس ڪتاب

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- سک مذهب جي مقدس ڪتاب بابت ڄاڻي سگهندا.
- مقدس ڪتاب گرو گرنٿ صاحب جي سکيائن کي بيان ڪري سگهندا.
- بابا گرو نانڪ جي اهم سکيائن کي بيان ڪري سگهندا.
- ننڍي کنڊ اندر مذهبي هم آهنگي جي ترقي ۾ بابا گرو نانڪ جي سکيائن جي ڪردار جو جائزو وٺي سگهندا.

## گرو گرنٿ صاحب جي



گرو گرنٿ صاحب جي، سکن جو مقدس ڪتاب آهي. هن کي گرو انهيءَ ڪري چيو پيو وڃي، جو سکن جي ڏهين گرو گوبند سنگهه جي پاڻ کان پوءِ ڪنهن سک کي چونڊڻ بدران ڪتاب گرو گرنٿ صاحب جي کي سکن جي رهنمائيءَ لاءِ چونڊيو.

گرو گرنٿ صاحب جي دنيا جي مذهبي ڪتابن ۾ انهيءَ ڪري منفرد حيثيت رکي ٿو جو هن ۾ گروئن جي شبدن ۽ شلوڪن کان سواءِ 27 اهڙن ماڻهن جو ڪلام شامل آهي، جيڪي نه ته پاڻ سک هئا ۽ نه ئي سک مذهب سان انهن جو ڪو تعلق هو، سندن مذهب مختلف هئا، پر سندن انسانيت کي هٿي وٺائڻ، اخلاقيات جي تربيت ۽ روحاني روشنيءَ جي ڳولا جو جذبو هڪ جهڙو هو.

گرو گرنٿ صاحب جي ۾ ستن گرو صاحبن، ستن مسلمان صوفين ۽ يارهن ٻين شاعرن جو ڪلام شامل آهي، جن جو ڪلام ننڍي کنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گونجندو رهي ٿو. اصل ۾هي روحاني شاعريءَ جو مجموعو آهي. هن ڪتاب ۾ سک مذهب جي بنيادي عقيدن جي حوالي سان ذڪر موجود آهي ته مالڪِ حقيقي ئي عبادت جي لائق آهي ۽ هر انسان هن دنيا ۾ ٿوري وقت لاءِ آيو آهي، ته جيئن سٺا ڪم ۽ عبادت ڪري، پيهر آخرت

ڏانهن هلي، جيڪو هر انسان جي زندگيءَ جو مقصد آهي.

گرو گرنٿ صاحب جي ڪي گُرمُکي لپيءَ ۾ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ پنجابي، سنڌي، مراٺي، برج ڀاشا، هندي، سنسڪرت، عربي، فارسي، بنگالي ۽ تامل ٻولين جا لفظ شامل آهن. انهيءَ ڪري ڪيس ”ٻولين جو خزانو“ بہ چيو ويندو آهي. هي سک مذهب جي پوئلڳن لاءِ رهنما بہ آهي تہ روحاني سرچشمو پڻ. سک هن کي ”زنده گرو شهنشاهہ“ مڃين ٿا.

## گرو گرنٿ صاحب جون اهم سکيائون:

- مالڪِ حقيقي جي هيڪڙائي تي يقين رکڻ گهرجي ۽ زندگي سچائي ۽ ايمانداري سان گذارڻ گهرجي.
- دنيا جا سڀئي انسان برابر آهن. اهي هڪ جهڙي گوشت، هڏن ۽ رت جا ٺهيل آهن. انهن سڀني ۾ مالڪِ حقيقي جي روشني آهي. تنهن ڪري هڪ انسان کي ٻئي انسان سان ڪنهن بہ قسم جو تعصب يا نفرت نہ ڪرڻ گهرجي.
- هر انسان کي عام زندگي ۾ اعلىٰ اخلاقي قدرن جهڙوڪ سچ، دان، ديا، عاجزي، سيوا، صبر، وئراڳ، تياڳ، معافي، سنتوش ۽ پيار کي پنهنجي ڪردار جو حصو بنائڻ گهرجي ۽ ڪام ،ڪروڌ ، لوڀ ،موهہ، اهنڪار، فخر، وير، اناپرستي ۽ خود غرضي جهڙين بڇڙائين کان بچڻ گهرجي.
- هر عورت جي عزت ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن بہ عورت تي هٿ نہ کڻڻ گهرجي.
- ڇوٽڪارو صرف ۽ صرف مالڪِ حقيقي جي ياد ۽ ان جي مخلوق جي سيوا ڪرڻ ذريعي ئي ملي سگهندو.
- ناپاڪي صرف ريتن رسمن ادا ڪرڻ سان دور نہ ٿي ڪري سگهجي. پاڪائي روح جي هئڻ گهرجي.

## مذهبي هم آهنگي ۾ بابا گرو نانڪ جي سکيائن جو ڪردار:

سک مذهب جي باني بابا گرو نانڪ ديو جي هڪ اصلاح پسند شخص هو. هو جنهن سماج ۾ پيدا ٿيو، ان ۾ سناتن ڌرم ۽ اسلام بہ اهڙا مذهب هئا، جن جا پوئلڳ سڀ کان وڌيڪ هئا.

بابا گرونانڪ ديو جي جو خيال هو ۽ هو چوندو هو تہ رام ۽ رحيم هڪ ئي مالڪِ حقيقيءَ جا نالا آهن. انهيءَ ڪري بابا گرو نانڪ ”نہ ڪو هندو ۽ نہ ڪو مسلم“ جو نعرو

لڳائي اهو فاصلو گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو چوندو هو تہ مختلف مذهب، هڪ حقيقت تائين پهچڻ جا مختلف رستا آهن. هن توحيد يعني مالڪِ حقيقيءَ جي وحدانيت جي پرچار ڪئي. انساني برابري ۽ ڀائيچاري جو سبق ڏنو ۽ ذات پات جي خلاف آواز اٿاريو.

توڙي جو پاڻ بابا گرو نانڪ جو تعلق هندن جي اعليٰ ذات سان هو، پر سندس تعليم اسلام جي تعليم جي وڌيڪ ويجهو نظر اچي ٿي. هن ماڻهن ۾ برابري، ڀين جي لاءِ پيار ۽ محبت، مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت ۽ اهڙين ڀين تعليمات جي ذريعي سڪ مذهب ۾ مذهبي برابري پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

## بابا گرو نانڪ جي جون اهم سکيائون:

- سڀئي انسان برابر آهن انهن جو خلقيندڙ هڪ آهي. انسان صرف پيار جي جادوئي ڏور ذريعي مالڪِ حقيقي سان ملي سگهي ٿو.
- جيڪو ماڻهو مالڪِ حقيقي سان محبت ڪري ٿو تہ مالڪ بہ هن سان محبت ڪري ٿو.
- جيڪو مالڪِ حقيقي طرفان مليل نعمت بعد عاجزي ڏيکاري ٿو ۽ مالڪِ حقيقي جي دين سمجهي ٿو تہ مالڪِ حقيقي هن کي وڏي شان ۽ مان واري جڳهہ تي ويهاري ٿو.
- حق حلال جي ڪمائي ڪريو. ايمانداري جي ڪمائي سان مالڪِ حقيقي خوش ٿئي ٿو. پنهنجي ڪمائي جو ڏهه سيڪڙو غريبن ۾ ورهائي ڏيو. حق حلال جي ڪمائي مان پاڻ پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ کان پوءِ جيڪو بچي ٿو اهو ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيو. جيترو ورهائبو اوترو وڌيڪ ملندو.
- ڏينهن ۽ رات مالڪِ حقيقي جي نالي جو سمرن ڪريو. نام جپڻ سان اوهان الاهي رحمت جا حقدار ٿيندؤ ۽خوش گذاريندؤ.
- سدائين ست سنگ ۾ ويندا ڪريو. ست سنگ معنیٰ سچ ۽ حق جي سنگت. نيڪ ساڌوئن ۽ سنتن جي صحبت ڪريو. انهن جا وچن ۽ راڳ ٻڌو. ست سنگ جو رنگ جلدي چڙهندو آهي ۽ انهيءَ سان ڇوٽڪارو ملندو.
- انا پرستي ڇڏي، پاڻ کي مالڪِ حقيقي جي راهہ ۾ غير مشروط وقف ڪري ڇڏيو. مالڪ جي مرضي تي راضي رهو. ڪوڙن سهارن کي ڇڏي هميشہ هن کي مدد لاءِ سڏيو هو هميشہ سچن جو حامي ٿئي ٿو.
- هميشہ صبر ڪريو ۽ مالڪ جي مرضي تي مطمئن رهو.
- رحم ڌرم جو جوهر آهي. رحم دلي مالڪِ حقيقي جي خوبي آهي. جيڪڏهن اوهان

چاهيو ٿا تہ اوهان کي معاف ڪيو وڃي تہ اوهين بہ پنهنجي دل ۾ رحم رکي ٻين کي معاف ڪري ڇڏيو.

- مالڪِ حقيقي جي ذات پاڪ آهي. اوهين بہ پاڪ ۽ صاف زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪريو. دل ۾ مالڪِ حقيقي جو پيار ڏاريو. ٻي مخلوق سان محبت ڪريو. انهي کي پنهنجي زندگي جو مقصد بنائي ڇڏيو. اهو ئي گڻ اوهان کي مالڪِ حقيقي سان ملائيندو.

بابا گرو نانڪ جون اهي سکيائون ڪنهن بہ مذهب يا ڌرم سان ٽڪراءُ ۾ نہ آهن. انهن سکيائن جي ڪري سکن جو ٻين انسانن سان پيار محبت ، پائيچارو، عزت ۽ احترام پيدا ٿيو. ۽ انهن سنڌي ڪنڌ ۾ سيني مذهبن، ڌرمن جي ماڻهن ۾ مذهبي هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

• بابا گرو نانڪ جو تعلق هندو مذهب جي اعلىٰ ذات سان هو، پر هن ذات پات جي فرق کي نہ مڃيندي، برابريءَ جو پيغام ڏنو. • بابا گرو نانڪ شروعاتي تعليم هندو ۽ مسلمان استادن کان حاصل ڪئي. • سک مذهب جي تعليمات ۾ گرو يعني رهنما جي هدايت هڪ اهم پهلو آهي. ان مطابق گروءَ جي هدايتن جي ڪري انسان مالڪِ حقيقيءَ جي سڄاڻپ حاصل ڪري سگهي ٿو. • سک مذهب جي سيني گروئن پاڻ کان پوءِ پنهنجو جانشين مقرر ڪيو. پر ڏهين گروءَ، گرو گوبند سنگهہ جي پاڻ کان پوءِ "گرو گرنٿ صاحب جي ڪتاب" کي سکن جو يارهون ۽ آخري گرو مقرر ڪيو. • گرو گرنٿ صاحب جي ڪتاب ۾ گهڻي ڀاڱي گروئن جي تعليم موجود آهي. ان سان گڏ صوفين، هندو مهاتمائن ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام بہ شامل آهي. • سنڌي ڪنڌ ۾ سک مذهب جي بانيءَ ماڻهن جي وچ ۾ پيار ۽ محبت، پائيچاري ۽ رواداريءَ جو سبق ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ڪنڌ ۾ مذهبي برابري پيدا ڪرڻ ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. گرو گرنٿ صاحب کي گرو جو سڏيو وڃي ٿو؟
2. گرو گرنٿ صاحب ۾ ڪنهن جو ڪلام شامل آهي؟
3. گرو گرنٿ صاحب ۾ ڪهڙين ٻولين جا لفظ شامل آهن؟
4. گرو گرنٿ صاحب جون ڪي ٻه پنج سکيائون بيان ڪريو.
5. مذهبي هم آهنگيءَ ۾ انهن سکيائن جو ڪهڙو ڪردار آهي؟

**(ب) صحيح جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:**

**1. بابا گرو نانڪ ديو جي جنهن شخصيت جو مالڪ هوءِ سا آهي:**

(الف) اصلاح پسند (ب) خود پسند

(ج) دولت پسند (د) شهرت پسند

**2. گرو گرنٿ صاحب ۾ سک مذهب کان علاوه جن ماڻهن جو ڪلام آهي تن جو تعداد آهي:**

(الف) 26 (ب) 27

(ج) 28 (د) 29

**3. گرو گرنٿ صاحب جنهن لپي ۾ لکيل آهي، سا آهي:**

(الف) سنڌي (ب) هندي

(ج) گرمکي (د) ديونا گري

**4. بابا گرو نانڪ جو تعلق جنهن قوم سان هوءِ سا آهي:**

(الف) مسلمانن جي اعلىٰ ذات (ب) مسيحين جي اعلىٰ ذات

(ج) يهودين جي اعلىٰ ذات (د) هندن جي اعلىٰ ذات

**5. بابا گرو نانڪ مطابق رام ۽ رحيم نالا آهن:**

(الف) فرشتن جا (ب) مالڪِ حقيقي جا

(ج) ديوتائن جا (د) گروئن جا

**(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:**

1. __________ جي ڪمائي سان مالڪِ حقيقي خوش ٿئي ٿو.
2. نام جپڻ سان اوهان __________ جا حقدار ٿيندؤ.
3. سيئي انسان __________ آهن انهن جو خلقيندڙ __________ آهي.

4. بابا گرو نانڪ ديو جي مالڪِ حقيقي جي __________ جي پرچار ڪئي.
5. سک مذهب جو بنيادي عقيدو آهي ته مالڪِ حقيقي ئي __________ جي لائق آهي.

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

سک مذهب جي مقدس ڪتاب ”گرو گرنٿ صاحب“ جي تعارف ۽ ان جي مکيه شلوڪن کي چارٽ تي لکي پنهنجي گهر ۾ ديوار تي آويزان ڪريو.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو ته اهي مذهبن جي روشنيءَ ۾ علم پرائڻ بابت اهم مذهبي ڪتابن مان مختلف اقوال گڏ ڪن ۽ ڪلاس ۾ ان جو خلاصو پيش ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ

| لفظ | معنىٰ | لفظ | معنىٰ |
|---|---|---|---|
| منفرد | نرالو، جدا | پرچار | تبليغ |
| ڪلام | شاعري، بيت | وحدانيت | اڪيلائي |
| گونجندو | وجندو، ڦهلجندو | وقف ڪرڻ | حوالي ڪرڻ، ڏئي ڇڏڻ |
| خزانو | دولت، قيمتي شيءِ | انا پرستي | پاڻ پڏائڻ، پنهنجي تعريف ڪرڻ |
| تعصب | نفرت، بغض | جوهر | بنياد، سَتُ، اصل |
| رحيم | ٻاجهارو، رحم ڪندڙ | | |

باب پيو

# سماجي ۽ اخلاقي قدر

## تدريسي معيار

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- اخلاقي قدرن جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- سماجي زندگيءَ جي ترقيءَ ۾ مددگار اخلاقي قدر بيان ڪري سگهندا.
- اخلاقي قدرن تي عمل ڪرڻ دوران پيش ايندڙ رڪاوٽن کي ڄاڻي ۽ انهن کي ختم ڪرڻ بابت اپاءَ وٺي سگهندا.
- اخلاقي قدرن جي قدر و قيمت جو جائزو وٺي سگهندا.

سماج ۾ انسانن جي رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقن جو بهتر انداز ماڻهن جي ڪردار ۽ سيرت کي سنوارڻ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. سماج جي جوڙجڪ ۾ ٻارن ۽ ٻڍن، مردن ۽ عورتن توڙي نوجوانن جو هڪ جهڙو ڪردار آهي. اهي سيئي گڏجي هڪ معتدل ماحول جوڙين ٿا. انهن مان ڪنهن ٻه هڪ جي نه هجڻ سان سماج اڻ پورو نظر ايندو آهي. جيڪي اسان کي پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ خاندان، ڪم جي جاين ۽ ٻين موقعن تي سهولتون ۽ خوشيون مهيا ڪندا آهن. تنهن ڪري ٻارن، گهريلو زندگي ۾ مرد ۽ عورت، سيني گهرڀاتين ۽ ٻانهن ٻيلي ٻڻجندڙ عملي جي سماج ۾ تمام مٿاهين اهميت آهي.

هن باب ۾ سماجي ۽ اخلاقي قدرن جي حوالي سان خاندان ۾ ٻار جو ڪردار، گهريلو ڪمن ڪارين ۾ گهرڀاتين جي مدد ڪرڻ، گهرڀاتين ۾ مرد ۽ عورت جي برابريءَ وارو مرتبو، گهريلو زندگيءَ ۾ ٻانهن ٻيلين جو احترام، قاعدن ۽ قانونن جي احترام ۽ انهن تي عمل ڪرڻ سان گڏ خاندان ۽ اسڪول جي قاعدن ۽ قانونن بابت سبق شامل ڪيا ويا آهن.

# خاندان ۾ ٻار جو ڪردار

**تدريسي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- خاندان جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- خاندان ۾ ٻار جي ڪردار جي وضاحت ڪري سگهندا.
- مثالن سان واضح ڪري سگهندا ته ٻار خانداني زندگي ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿو.



خاندان اهو سماجي ايڪو / گروپ آهي، جيڪو مائٽن ۽ سندن ٻارن تي مشتمل هوندو آهي. هن گروپ ۾ هڪ ئي ڏاڏي جا پونئيرا گڏجي رهندڙ هوندا آهن. سماجي ۽ قانوني طرح مجيل انهي گروپ جا سيئي ڀاتي پاڻ ۾ رت جي رشتي سان جڙيل هوندا آهن. انهن جو پاڻ ۾ پيار سان پرپور جذباتي تعلق هوندو آهي ۽ اهي هڪ ٻئي جو خيال رکندڙ هوندا آهن.

ٻار پنهنجي خاندان، سماج، ملڪ توڙي هن دنيا لاءِ آس، اميد، خوشي ۽ پيار جو ذريعو آهن اهي حال توڙي مستقبل جي زندگي جو آثار ۽ تسلسل آهن. هي دنيا ٻارن سان ئي خوش ۽ خوبصورت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. بنا ٻارن جي هي دنيا انهي رڻ پَٽ يا بيابان وانگر هوندي جنهن ۾ ڪڏهن به ڪو وڻ يا ٻوٽو نه اپرندو آهي. بنا ٻارن جي دنيا وارو خواب به ڏاڍو ڀيانڪ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته ماڻهو جيڪا محنت ڪري روزي ڪمائي ٿو، ڏينهن ۽ رات هڪ ڪري هن دنيا کي رهڻ جو هنڌ بنائڻ لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو. سائنسدان نت نيون ايجادون ڪري زندگي کي سولو، سکيو، سکون وارو ۽ آرامده بنائڻ جا جتن ڪري رهيا آهن اهي صرف انهي اميد سان ته اهي آئنده جي نسلن لاءِ ڪم ايندين. جي ٻار ئي نه هوندا ته پوءِ ڪير ڪنهن لاءِ اهي ڪم ڪندو.

ٻار ڇئن پنجن سالن جي عمر تائين ته پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين لاءِ سندن اکين

جا تارا ٻٽيل هوندا آهن. انهن کي ڪاٺ پيئڻ، ننڊون ڪرڻ، نچڻ ٽپڻ يا راند روند ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به ڪو نه ڪرڻو پوندو آهي. البته ڪي مائٽ پنهنجن ٻارن کي ٽي يا چار سالن جي عمر ۾ نرسري، ڪي جي يا پري اسڪول ڪلاسن ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليندا آهن ۽ ڪين ٿورو گهڻو لکڻو پڙهڻو يا تصويرن ۾ رنگ پرڻ وارو ڪم ڪرڻو پوندو آهي. نه ته انهن تي ڪا به ذميواري ڪو نه هوندي آهي. پر جيئن جيئن ٻار وڏا ٿيندا ويندا آهن تيئن تيئن انهن جا فرض به وڌندا ويندا آهن ۽ انهن جو پنهنجي خاندان ۽ سماج لاءِ ڪردار به اهم ٿيندو ويندو آهي. انهن لاءِ لازم ٿي پوندو آهي ته انهن کي پنهنجن مائٽن کان جيڪو پيار ملي ٿو ۽ انهن جي هر ضرورت جو خيال رکيو وڃي ٿو. هن وقت به سندن مائٽ پنهنجو سک آرام ڦٽائي قربانيون ڏيئي انهن جي سک سهنج ۽ صحت جو خيال ۽ خبرداري رکي رهيا آهن ان جي بدلي ۾ ٻارن کي انهن جو چيو مڃڻ گهرجي ۽ انهن جي عزت ڪرڻ گهرجي. انهن جي ڏنل تربيت ۽ سيڪاريل سماجي اصولن، ادبن ۽ طور طريقن تي عمل ڪري پنهنجو ڪردار مثالي بنائڻ گهرجي.

ٻار خانداني زندگي ۾ هيٺيان فرض ۽ ذميواريون پوريون ڪري مثال قائم ڪري سگهن ٿا:

- وڏا ٻار ماءُ پيءُ جي مصروفيتن جي گهڙين ۾ ننڍڙن ٻارن جي سار سنڀال لهن ڪين هنج ڪڻن ۽ کيڏائن. انهن کي چري، ڪاتي، سوئي، باهه ۽ بجلي جي بٽڻن يا سامان جي ويجهو وڃڻ کان روڪين.
- ڇوڪرو گهر جو سيڌو سامان دڪان کان يا دوائون ميڊيڪل اسٽور کان آڻي ڏيئي ۽ ڇوڪري برتن ڌوئڻ، فرش کي پوچو ڏيڻ يا ٻهاري ڏيڻ، ڪپڙن ڌوئڻ ۽ شين کي ترتيب سان رکڻ ۾ ماءُ جي مدد ڪري، ڇوڪرو به انهن ڪمن ۾ هٿ ونڊرائي.
- چوپائي مال کي گاهه پنو ڏيڻ، پاڻي پيارڻ ۽ انهن جي ويهڻ واري هنڌ جي صفائي واري ڪم ۾ گهر وارن جي مدد ڪن.
- گهر ۾ آيل مهمانن جي خدمت چاڪري ڪن.
- گهر جي اڱڻ وڻ ٻوٽا پوکين ۽ انهن جي هر طرح حفاظت ۽ سار سنڀال لهن، وقت سر پاڻي ڏين.
- ماحول کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ گهر جو ڪن ڪچرو ڊسٽ بن (Trash) يا گند ڪچري جي دٻي يعني ڊسٽ بن (Dustbin) ۾ وجهن ۽ ان جي ڀرجڻ تي ان جي مقرر هنڌ تي رکي اچن جتان کان ميونسپل ڪاميٽي واري گاڏي کڻي وڃي. پاڻي جي اجائي هار وير نه

ڪن.

- اسڪول ۾ پنهنجي پڙهائي ۾ دلچسپي وٺن، محنت ڪن ۽ پنهنجن استادن جو ادب ڪن. اسڪول ۾ هم نصابي سرگرمين ۾ بہ وڏي چاهہ سان حصو وٺن، جيئن مائٽن جو پيسو سجايو ٿئي.
- پنهنجي خاندان جي ننڍن ڪلاسن ۾ پڙهندڙ ڀينرن ۽ ڀائرن جي هوم ورڪ ڪرائڻ ۾ مدد ڪن. جيڪڏهن سندن گهر ۾ ڪو اڻ پڙهيل نوڪر، نوڪرياڻي يا انهن جا ٻار هجن تہ انهن ڪي پڙهائن.
- معذورن، وڏي عمر وارن ۽ ٻار ڪنيل ماڻهن جي لاءِ دروازو کولڻ ۽ انهي مان لنگهڻ ۾ مدد ڪن.
- غريبن ۽ محتاجن جي مدد لاءِ چندو گڏ ڪرڻ، بلڊ بينڪ لاءِ رت گڏ ڪرڻ، اکين جي مفت آپريشن لاءِ ڪيمپ، پاڙي جي صفائي سترائي وارين مُهِمُن يا ٻين سماجي ڀلائي وارن ڪمن ۾ رضاڪارانہ ڀهرو وٺن.

ٻارن جا اهڙا ڪم، ڪردار ۽ رويا سندن خاندان ۽ سماج جي لاءِ وڏي خوشي، فخر ۽ اطمينان جو باعث بڻجندا ۽ انهن جي پنهنجي عزت ۽ ناموس ۾ اضافو ٿيندو.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

خاندان سماجي ايڪو آهي، جيڪو ٻارن، مٽن مائٽن ۽ وڏڙن سان جڙي ٿو. جنهن ۾ ٻار جو اهم ۽ بنيادي ڪردار آهي. هو ملڪ، سماج ۽ قوم لاءِ آس، اميد، خوشي ۽ پيار جو اهڃاڻ ٿيندو آهي. ننڍپڻ ۾ ٻار مائٽن ۽ خاندان جي وڙونهن ۽ ونڊر جو سبب هوندا آهن البتہ جيئن سندن عمر وڌندي آهي تيئن انهن جي سرگرمين ۽ ذميوارين ۾ واڌارو ايندو آهي، تنهن ڪري ٻار جي باوقار زندگي، نيڪ اخلاق ۽ سهڻي ڪردار لاءِ ننڍي عمر کان ئي سندس مناسب تربيت جي ضرورت هوندي آهي. ان سان سندس زندگي پراعتماد ۽ ٻين لاءِ ڪارآمد بڻجندي آهي.

# گهريلو ڪم ڪارن ۾ گهرڀاتين جي مدد ڪرڻ

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- گهريلو ڪمن ڪارن جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- هڪ عام ڪٽنب جي روزاني معمولات ڪي جاچي سگهندا.
- روزاني جي ڪمن ڪارين ۾ گهرڀاتين سان هٿ ونڊائڻ جي اهميت بابت بحث ڪري سگهندا.
- مثالن سان واضح ڪندا تہ روزاني معمولات ۾ گهرڀاتين سان ڪهڙن ڪهڙن طريقن سان مدد ڪري سگهن ٿا.



جڏهن معاملو گهر ۽ گهر جي ماڻهن جي وچ ۾ هجي تہ اسين سؤ سيڪڙو ان ڳالهہ جي تائيد ڪنداسين تہ زندگي گذارڻ لاءِ اسان کي گهر جي سڀني فردن جي مدد ۽ رهنمائيءَ جي خاص ضرورت هوندي آهي ۽ اسان جون ضرورتون هڪ ٻئي جي سهاري ئي پوريون ٿين ٿيون.

اسين ٿوري دير لاءِ غور ڪريون تہ ڇا پنهنجي زندگي پنهنجي گهر وارن کان سواءِ گذارڻ ممڪن آهي ۽ ڇا اسان پنهنجي زندگي انهن کان سواءِ سٺي طريقي سان گذاري سگهون ٿا؟ اسان جوجواب نفيءَ ۾ هوندو. انهيءَ ڪري ان عظيم نعمت جي بدلي اسان پنهنجي پروردگار جا انتهائي ٿورائتا آهيون، جنهن اسان کي ايترو پيارو گهراڻو عطا ڪيو. جهڙوڪ: پيءُ، ماءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ڏاڏو، ڏاڏي، پڦي، چاچو وغيره، جيڪي هر وقت اسان جو فڪر ڪندا ۽ اسان جو خيال رکندا آهن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اسان بہ انهن جي ضرورتن وقت انهن جي مدد ڪريون ٿا؟ انهن جو هٿ ونڊايون ٿا يا انهن جي ڪم اچون ٿا؟ توڙي جو اهي اسان کان عمر ۽ تجربي ٻنهي ۾ وڏا آهن، پر اهي اسان جي ۽ اسان انهن جي

مدد ڪري سگھون ٿا.



يقيني طور تي اسان سيئي شاگرد ۽ شاگردياڻيون اها ڳالھه سوچي رهيا هونداسين تہ اسان پنهنجي گھر وارن جي مدد ڪيئن ڪري سگھنداسين، جنهن جي ڪري انهن جو بار گھٽ ٿئي ۽ فارغ وقت ۾ اهي اسان جي وڌيڪ رهنمائي ڪري سگھن. توڙي جو گھر جي ڪمن ڪارن جي فهرست ڊگھي آهي، پر انهن مان ڪجھه ڪم سولائيءَ سان ڪري اسين پنهنجي والدين، بزرگن ۽ پائرن پينرن جو هٿ ونڊائي سگھون ٿا. مثال طور:

- اسڪول وڃڻ لاءِ پنهنجو يونيفارم ۽ ٿيلها رات جو ئي تيار ڪري رکڻ.
- صبح جو اٿي ناشتي کان اڳ چڱيءَ طرح هٿ منهن ڌوئي، ڏند صاف ڪرڻ.
- اسڪول کان واپسيءَ تي پنهنجو يونيفارم، بوٽ ۽ ٻيو سامان صحيح جاءِ تي رکڻ.
- پنهنجي ڪاڏي جي ٽفن باڪس ۽ پاڻيءَ جي بوتل کي پاڻ ئي پنهنجي ٿيلهي ۾ رکڻ.
- گھر ۾ پکڙيل شين کي صحيح جڳھه تي رکڻ ۾ پنهنجي والدين جي مدد ڪرڻ.
- پنهنجي مطالعي جي لاءِ ٽائيم ٽيبل بنائڻ ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ.

حقيقت ۾ اهي سيئي ڪم اسان جا پنهنجا ئي آهن. جيڪڏهن اسين اهي ڪم پاڻ ڪنداسين تہ يقيني طور تي پنهنجي گھروارن جي مدد ڪرڻ ۾ اها اسان جي طرفان هڪ ننڍڙي ڪوشش هوندي. جنهن جي ڪري اسان پنهنجي والدين کي ٿوري خوشي ڏئي سگھنداسين ۽ پنهنجو پاڻ کي مُنظّم ٻارن جي فهرست ۾ شامل ڪرائي سگھنداسين.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

گھرياتين جي هڪ ٻئي سان سھولت ۽ آساني مهيا ڪرڻ واري رويي سان سيني گھرياتين ۾ پيار ۽ محبت سان گڏ ملي جلي بهتر انداز سان ڪمن کي سرانجام ڏيڻ وارو رجحان پيدا ٿيندو آهي. تنهن ڪري سيني شاگردن ۽ شاگرديائين کي ٻين کان ڪم وٺڻ بجاءِ پنهنجي پاڻ ۾ ٻين لاءِ سھولت پيدا ڪرڻ جي عادت پيدا ڪرڻ گھرجي، جنهن سان ڪم سولائي ۽ جلدي پنهنجي وقت تي پورا ٿي ويندا.

# گهرياتين ۾ مرد ۽ عورت جي برابري وارو مرتبو

**ٿـکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- روزاني زندگي ۾ مرد ۽ عورت جي مختلف ڪردارن کي واضح ڪري سگهندا.
- متوازن ترقي ۾ مرد ۽ عورت جي حصيداري جو احساس ڪري سگهندا.
- جنس جي بنياد تي مرد ۽ عورت جي درميان پيدا ڪيل امتيازي سلوڪ جا ڪارڻ ٻڌائي سگهندا ۽ ان فرق کي ختم ڪرڻ جون تجويزون پيش ڪري سگهندا.



ولسن خوش ٿيندي گهر ۾ داخل ٿيو ۽ پاڻ سان گڏ چار پنج خوبصورت ۽ رنگ برنگي ڪارڊ کڻي آيو. گهر ۾ ايندي ئي هن پنهنجي ماءُ، ڏاڏي، پڦيءَ ۽ پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي ڊرائنگ روم ۾ گڏ ٿيڻ لاءِ چيو. وڏي احترام سان هر هڪ کي ڪارڊ ڏنائين ۽ کين ٻڌايائين ته اڄ 8 مارچ يعني عورتن جو عالمي ڏينهن آهي، جيڪو پوري دنيا ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو پيو وڃي.

گهر جون عورتون رنگ برنگي ڪارڊن تي ولسن جي لکيل هٿ اکري عبارت پڙهي ڏاڍو خوش ٿيون جن تي ماءُ، پڦي ۽ ڀيڻ لاءِ دعائيه ڳالهيون لکيل هيون. گهر وارن ولسن جي انهيءَ ڪوشش جي ساراهه ڪئي ۽ کيس پاڪر پاتو ۽ دعائون ڏنيون.

ڪاڏي دوران ولسن ٻڌايو ته اڄ صبح اسيمبليءَ ۾ عورتن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان استادن عورتن جي اهميت ۽ انهن جي ڪارنامن جي موضوع تي تقريرون ڪيون. ان سان گڏوگڏ استاد عورتن جي جواب ۾ ٿورا مجيبندي ڪجهه اهم موضوع، جن ۾ مرد ۽ عورت جي گڏيل حقن ۽ ڪردارن، عورتن جي تعليم جي ضرورت ۽ عورتن لاءِ شهري ۽ ضلعي سطح تي سهولتن جي موضوع تي تفصيلي معلومات پيش ڪئي ۽ هن پيغام کي

باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ گھر جي سيني فردن جو فرض آهي تہ اهي عورتن کي مذهبي، سماجي، معاشي ۽ قانوني آزادي ڏين، جيڪو سندن پيدائشي حق آهي.



تقريرن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ اڄ جي عورت نہ رڳو پنهنجي گھر ۽ ٻارن جي سار سنڀال ڪري ٿي پر ملازمت جي ميدان ۾ بہ ٻين سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي. پنهنجي ذات ۾ خوداعتمادي ۽ جرئتمنديءَ سبب هوءَ اڄ ڊاڪٽر، پائليٽ، انجنيئر، استاد، وڪيل ۽ جج، ايستائين جو ملڪ جي وزير اعظم جي عهدن تي بہ مقرر ٿيندي نظر آئي آهي. عورتن جي اها ترقي صرف ان وقت ئي ممڪن آهي، جڏهن سماج ۾ رهندڙ سڀئي عورتون ۽ مرد هن سچائيءَ کي دل سان مڃيندا تہ عورت جو ڪم صرف ٻارن جي پيدائش تائين محدود ناهي، پر ان سان گڏوگڏ هوءَ سماج ۾ انهن سڀني مهذّب ملازمتن جي پڻ حقدار آهي، جنهن جي ڪري سندس پنهنجي ذهني، جسماني، عقلي ۽ سماجي صلاحيتن ۽ طاقتن کي جِدّت ملي.

انهن تقريرن کان پوءِ هيڊماستر صاحب اختتامي ڳالھ ڪندي چيو تہ اسان جي سماج ۾ ڪجھ گھٽ ذهن ۽ پراڻن رواجن ۽ پراڻين سوچن جي ڪري عورتن کي پُٺتي رکيو ويندو هو. سماج ۾ مردن جي بالادستي هوندي هئي. عورتن کي مردن جي برابري جو درجو نہ ڏنو ويندو هو. مذهب انهن کي برابري جا حق ڏنا آهن ۽ عورتن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ اهي ڪنهن بہ ڏکئي ڪم ڪرڻ ۾ مردن کان گھٽ نہ آهن ۽ انهن جو خاندان توڙي ملڪ جي ترقي ۾ برابر حصو آهي. تنهن ڪري اسان کي پنهنجي ماحول ۾ جنس جي بنياد تي انهيءَ فرق کي ختم ڪرڻ گھرجي. ڇوڪرن وانگر ڇوڪرين جي کاڌي پيتي، ڪپڙي لٽي ۽ تعليم ڏيارڻ ۾ برابري رکي وڃي انهيءَ سلسلي ۾ ڪو بہ تعصب رکڻ نہ گھرجي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

اٺ مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن آهي، جيڪو پوري دنيا ۾ عورتن جي حقن، خدمتن ۽ مڃتا طور ملهايو ويندو آهي. ولسن جي اسڪول ۾ بہ عورتن جي ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ اُستاد، شاگردن ۽ شاگردياڻين کي عورتن جي احترام ۽ سندن برابري واري مرتبي کان واقف ڪيو. ولسن گھر اچي پنهنجي ماءُ، ڀينرن ۽ گھر جي ٻين عورتن کي تحفا پيش ڪيا ۽ کين عورتن جي ڏهاڙي جي حوالي سان آگاهي ڏني. جنهن تي انهن کي بي حد سرهائي ٿي.

# گهريلو زندگيءَ ۾ هٿ وندرائيندڙن جو احترام

تدريسي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- گهريلو زندگي جي هٿ وندرائيندڙن جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- گهريلو هٿ وندرائيندڙن جي اهميت بابت بحث مباحثو ڪري سگهندا.
- ڄاڻي سگهندا ته گهريلو هٿ وندرائيندڙن کي ڪهڙن ضابطن ۽ شرطن تي مقرر ڪيو وڃي.
- هٿ وندرائيندڙن جي افاديت ۽ سندن خدمتن جو قدر ڪري سگهندا.
- مثالن سان واضح ڪندا ته ڪهڙن طريقن سان هٿ وندرائيندڙن جو احترام ڪيو وڃي.

هڪ شهر ۾ خوشحال جوڙو رهندو هو. زال ۽ مڙس ٻئي ڪُل وقتي سرڪاري ملازم هئا. ڊاڪٽر هيرالال سرڪاري اسپتال ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ سندس زال سلوچنا هاءِ اسڪول ۾ ماسترياڻي هئي. ڪين ٽي ٻار هئا. وڏو پٽ سنيل ڪمار ٻارنهن ورهين جو، ڌي آشا ستن سالن جي ننڍو پٽ عالم ڪمار هڪ سال جو هو. انهن جي گهر ۾ صفائي سترائي ۽ ننڍي ٻار جي سار سنڀال لهڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ هڪ جز وقتي ملازمہ رکيل هئي.



هڪ ڏينهن صبح جو سنيل پنهنجي سمهڻ واري ڪمري ۾ ڪرسي تي ويٺو هو ته گهريلو ملازمہ ماسي گهر کي پوچو ڏيندي جڏهن هن جي ويجهو پهتي ته کيس چيائين: پٽ! توهان پنهنجي ڪرسي تان اٿي هن بيڊ تي ويهو ته آءُ پوچو ڏيئي وٺان. سنيل جيڪو ننڊ مان هينئر ئي اٿيو هو کيس ڪاوڙ وچان چوڻ لڳو: ”پوڙهي! تو کي صبح جو سوير اچي مٿو کاڌو آهي، آءُ نہ تو اٿان! اميءَ ادي ادي ڪري تنهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي، تون نوڪرياڻي آهين، گهر جي مالڪياڻي تي حڪم نہ ڏي.“ هن جي ماءُ سنيل جو گوڙ ٻڌي يڪدم ڪمري ۾ آئي ڏٺائين تہ ماسي مايوس ۽ پريشان بيني آهي. اها ڳالهہ سنيل جي ماءُ کي ڏاڍي ناگوار لڳي. هن سنيل کي چيو: ”پٽ! ملازمن سان ايئن بدتميزي واري انداز سان نہ ڳالهائبو آهي. اهي بہ معزز شهري آهن، انهن جي ڪري اسان جي ڪمن ۾ سهولت ۽ آساني ٿئي ٿي. ان جو اهو مطلب نہ ناهي تہ اوهين سندن بي عزتي ڪريو بلڪ توهان کي

انهن سان عزت ۽ احترام سان ڳالهائڻ گهرجي. توهان ماسيءَ کان معافي ورتو. ماءُ جي چوڻ تي سنيل ماسي کان معافي ورتي پر ماءُ کي محسوس ٿيو تہ گهريلو ڪمن ۾ هٿ ونڊرائيندڙن جي اهميت ۽ افاديت ڏيارڻ لاءِ سنيل کي اڃان وڌيڪ سمجهاڻي ڏيڻ جي ضرورت آهي.

رات جي ماني کان پوءِ جيئن ئي سيئي گهرياتي ڊرائينگ روم ۾ ويٺا تہ سلوچنا ٻارن کي چوڻ لڳي ”گهريلو زندگي ۾ اسان کي مختلف ڪمن ڪارن ۾ مختلف ماڻهن جي مدد جي ضرورت رهي ٿي ۽ جيڪي ماڻهو اجوري تي اسان کي مدد ۽ سهولتون ميسر ڪن ٿا تن کي مددگار يا هٿ ونڊرائيندڙ سڏبو آهي. انهن لاءِ نوڪر يا نوڪرياڻي جهڙا لفظ استعمال ڪرڻ نهايت غلط عادت آهي اها سندن خدمت جي بي قدري آهي. حقيقت ۾ اهي اسان جا همدرد ۽ خيرخواه آهن مثال طور: اسان وٽ ڪم ڪندڙ هي ماسي اوهان جي ننڍپڻ ۾ اوهان جي سار سنڀال ۾ منهنجي مدد نہ ڪري تہ اسين ٻئي ڄڻا ڪيئن پنهنجي نوڪري ڪري سگهون ها. اسان مان ڪنهن هڪ کي نوڪري ڇڏڻي پوي ها.“ ٻارن ماءُ جي ڳالهہ سان متفق ٿيندي پنهنجو ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

ڊاڪٽر هيرالال ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو، اڄڪلهہ جي مصروف زندگي ۾ ماڻهن کي گهر جي صفائي سترائي، ٻارن جي سار سنڀال جي لاءِ آيا يا ماسي ، بزرگن يا بيمارن جي سار سنڀال لاءِ نرس، گهرجي چوڪيداري لاءِ چوڪيدار، باغيچي جي سار سنڀال لاءِ مالهي ۽ ڪار لاءِ ڊرائيور جون خدمتون حاصل ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. اها ڳالهہ ضرور آهي تہ انهن جون خدمتون حاصل ڪرڻ مهل انهن اصولن ۽ شرطن جو خيال رکجي. مثال طور: انهن کي سندن ذميواريون ۽ فرضن بابت چٽي طرح ٻڌائڻ گهرجي، ڪم جي وقتن، پگهار، موڪل، معيار، ماني ٽڪي بابت اڳواٽ طئي ڪرڻ گهرجي. اڳ ۾ ڪيل ڪم جي تجربي ۽ اڳيئين گهر مالڪ جي حوالي کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي توقعات بابت بہ ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي.

ڊاڪٽر هيرالال ٻارن کي وڌيڪ چيو تہ توهان جي ماءُ اسڪول ۾ ۽ آءُ اسپتال ۾ ڪم ڪريون ٿا اسان کي ان جي پگهار ملي ٿي پر جيڪڏهن اسان سان ڪير بدتميزي سان پيش اچي ۽ اسان جو احترام نہ ڪري تہ يقيناً اسان کي اهو برو لڳندو. ساڳي طرح اسان جي گهريلو زندگي ۾ جيڪي مددگار يا هٿ ونڊرائيندڙ آهن اهي بہ اسان جهڙا انسان آهن. مالڪِ حقيقي جي نظر ۾ سيئي انسان برابر آهن. انهن جو پيشو ڪٽي ڪهڙو بہ هجي انهن جو احترام ڪرڻ اسان تي واجب آهي. تنهن ڪري هر ماڻهو کي هيٺين اصولن ۽ قدرن،

اخلاقي طور طريقن تي عمل ڪرڻ گهرجي:

- گهر ۾ ڪم ڪندڙ کي پنهنجو گهر ڀاتي سمجهي، انهن سان پيار ۽ نرمي وارو سلوڪ ڪرڻ گهرجي ۽ انهن سان ڳالهه ٻولهه وقت به مهربان ۽ مهرباني جهڙن لفظن جو استعمال ڪرڻ گهرجي.
- انهن کي پنهنجي سامهون پٽ تي ويهڻ لاءِ مجبور نه ڪجي ۽ سندن نالي سان ماسي، ناني، چاچا، ماما جهڙا لفظ ملائڻ گهرجن.
- انهن کي پگهار پوري ۽ وقت تي ڏيڻ گهرجي، پراڻن ملازمن کي بونس به ڏيڻ گهرجي.
- انهن کي ماني ٽڪي کارائجي ۽ چانهه يا جوس وغيره به پيارجي.
- ڪڏهن ڪڏهن وڏي ڏڻ يا خاص موقعي تي تحفو ڏيڻ گهرجي.
- پنهنجي ٻارن جا ننڍا ٿي ويل ڪپڙا، گرم ڪپڙا، سوئيٽر، جئڪيٽ يا جوتا انهن کي سندن ٻارن لاءِ ڏيڻ گهرجن پر اهڙي نموني جو انهن جي عزت نفس مجروح نه ٿئي.
- انهن جي ڪنهن غير معياري ڪم تي تعميري نموني ڪجهه واڪاڻ ڪري پوءِ سڌارڻ جي صلاح ڏجي، رڙيون ڪري وڏي واڪي حڪم ڏيڻ يا گارگند اصل نه ڏيڻ گهرجي.
- ڪنهن خاص تقريب لاءِ انهن جي ڊيوٽي کان وڌيڪ ڪم وٺڻ تي ڪين اضافي خرچي ڏيڻ گهرجي.
- نوڪري مان ڪڍڻ جو دڙڪو نه ڏجي، جيڪڏهن ڪين فارغ ڪرڻو هجي ته ڪيس اڳوات نوٽيس ڏيئي احترام سان رخصت ڪرڻ گهرجي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

• سماج ۾ هر هڪ ماڻهو جي اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ۽ ڪاروهنوار هلائڻ کي ڪردار چئبو آهي. جيڪڏهن سماج ۾ ان جو ڪاروهنوار سٺو آهي ته ان جو ڪردار به سٺو آهي. • ڪنهن به شخص يا قوم ۾ ننڍن سان پيار، وڏن جي عزت ۽ خدمت ڪرڻ، ٻين جي مدد ڪرڻ جهڙيون صفتون اخلاقي قدر آهن. • سماج جي بهتري لاءِ ٻين جي احساسن، جذبن جو قدر، پيار، محبت، رواداري، همدردي، خوش اخلاقي، ايمانداري ۽ وڏن جي خدمت ڪرڻ ضروري آهي. • هر مذهب سٺي ٿيڻ ۽ برائي کان پاسو ڪرڻ، چڱا ڪم ڪرڻ، سهٺي سلوڪ، انسانيت ۽ معاف ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. هيرا لال جي خاندان جو تعارف ڇا آهي؟
2. سنيل کان ڪهڙي غلطي ٿي؟
3. گهرجي هٿ وندرائيندڙ عورت بابت ماءُ سنيل کي ڇا سمجهايو؟
4. هڪ خوشحال گهراڻي کي ڪهڙن هٿ وندرائيندڙن جي ضرورت پوي ٿي؟
5. هٿ وندرائيندڙ ماڻهن بابت ڪي خاص اخلاقي اصول ٻڌايو.

**(ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:**

1. هيرا لال هڪ __________ ۽ سندس زال __________ هئي.
2. ماسي گهر ۾ __________ جو ڪم ڪندي هئي.
3. گهريلو هٿ وندرائيندڙن لاءِ __________ ۽ __________ جهڙا لفظ استعمال نہ ڪرڻ گهرجن.
4. مالڪِ حقيقي جي نظر ۾ سڀئي انسان __________ آهن.
5. وڏي ڏينهن يا خاص موقعي تي گهريلو هٿ وندرائيندڙن کي __________ ڏيڻ گهرجي.

**(ج) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. گهريلو ڪمن لاءِ اجوري تي مقرر ڪيل ملازم هٿ وندرائيندڙ سڏجن ٿا. | | |
| 2. هر انسان جو پيشي جي اعتبار سان احترام ڪرڻ گهرجي. | | |
| 3. هر ملازم سان ڪم جو وقت، پگهار ۽ موڪل خرچي طئي ڪرڻ گهرجي. | | |
| 4. هيرا لال جو ڪٽنب هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکندڙ هو. | | |
| 5. ماسي جو ڪم ٻارن کي ٽيوشن ڏيڻ هو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هڪ شهري خوشحال گهراڻي ۾ گهربل هٿ وندرائيندڙن ۽ انهن جي ڪم جو مختصر تذڪرو بيان ڪرڻ گهرجي مثلاً:

- ڊرائيور — گاڏي هلائڻ ۽ سنڀالڻ
- ________ — ________________
- ________ — ________________
- ________ — ________________

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همتايو ته اهي گروپ ناهي ”عورت، مرد سان گڏ“ عنوان تي هڪ تقريري مقابلي جو اهتمام ڪن. هن مقابلي ۾ استادن ۽ اسڪول جي پرنسپل کي به دعوت ڏين.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنىٰ

| لفظ | معنىٰ | لفظ | معنىٰ |
|---|---|---|---|
| ڪُل وقتي | پوري وقت لاءِ | ناقدري | بي قدري |
| جز وقتي | ڪجهه وقت لاءِ | اجورو | پگهار، مزدوري |
| پوچو ڏيڻ | فرش کي صاف ڪرڻ | توقعات | اميدون |
| هار وير | اجايو زيان ڪرڻ | سلوڪ | رويو |
| ناگوار | ناپسند، اڻ وڻندڙ | مجروح | زخمي، شرمسار |
| معزز | عزت وارو | مُهمِّن | ڪوشش |
| ميسر | دستياب، موجود | | |

# قاعدن ۽ قانونن جو احترام ۽ انهن تي عمل ڪرڻ

**تدريسي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- قانون ۽ قاعدي جي وصف بيان ڪري سگهندا.
- قاعدي ۽ قانون جوڙڻ جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
- قاعدي ۽ قانون تي نه هلڻ سان سماج ۾ پيدا ٿيندڙ خرابين بابت ٻڌائي سگهندا.
- قاعدي ۽ قانون تي پيروي ڪرڻ ۽ ان جي پابندي ڪرڻ جا فائدا بيان ڪري سگهندا.

## تعارف:

هن ڪائنات ۾ قدرتي ڪاروهنوار هڪ قاعدي سان هلي ٿو. دنيا ۾ جڏهن ماڻهو اڪيلي سر رهندا هئا ۽ جهنگ جا ميوا ۽ پاڃيون ڪائي جانورن جو شڪار ڪري پنهنجي پيٽ جي بک مٽائيندا هئا تڏهن ڪين ڪنهن به قاعدي جي ضرورت ڪو نه هوندي هئي. وقت گذرڻ سان انهن پهرئين خاندانن ۽ پوءِ قبيلن جي صورت ۾ گڏجي رهڻ شروع ڪيو. ان وقت ڪين پنهنجن جانورن جهڙين عادتن جهڙوڪ: پاڻ ۾ وڙهڻ، ٻئي جي شيءِ زوري



ڪسي ڪائڻ ۽ هر ڳالهه ۾ پنهنجي ڏاڍ مڙسي ڏيکارڻ وغيره تي ضابطو رکڻ ۽ هڪ پر امن سماج جي اڏڻ لاءِ ڪن اصولن ۽ قاعدن ناهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ ضروري ٿي پيو. انهي ضرورتن تحت انهي دور جي ماڻهن پاڻ ۾ باهمي رضامندي سان ڪجهه اصول ۽ قاعدا جوڙيا. اهڙي ريت جڏهن رياستون يا ملڪ وجود ۾ آيا تڏهن هر رياست يا ملڪ پنهنجو حڪومتي نظام هلائڻ ۽ ماڻهن کي هڪ منظم ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ڪن قاعدن ۽ اصولن کي قانوني شرستي تحت ملڪ ۾ رائج ڪيو ۽ هر شهري لاءِ انهن قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرڻ لازم قرار ڏنو ويو. ڀڃڪڙي جي صورت ۾ سزائون مقرر ڪيون ويون.

موجوده زماني ۾ قاعدن ۽ قانونن مان مراد اهڙن اصولن ۽ قاعدن جو سسٽم آهي جنهن کي سرڪار يا اختياري پاران ملڪ ۾ نافذ ڪيو وڃي ٿو. انهن جو احترام ڪرڻ ۽ پيروي ڪرڻ هر شهري لاءِ واجب هوندو آهي. انتظاميہ انهن قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرائيندي آهي ۽ ڀڃڪڙي جي صورت ۾ سزا ڏيڻ عدليہ جي ذميواري هوندي آهي. رياست جي لاءِ قاعدن ۽ قانونن جوڙڻ جي وڏي اهميت هوندي آهي. ڇاڪاڻ جو قانون جي حڪمراني ڪانسواءِ حڪومتي نظام هلائڻ ناممڪن هوندو آهي. تاريخ جا ورق ورائبا تہ معلوم ٿيندو تہ جنهن ملڪ يا رياست ۾ قاعدن ۽ قانونن جو احترام ۽ عمل گهٽجي وڃي ٿو تہ اتي حڪومت جي ماڻهن تي گرفت ڪمزور ٿي ويندي آهي. ماڻهو ڇڙواڳ ٿي ويندا آهن. ملڪ ۾ جهنگ جو قانون يعني ”جيڪو ڏاڍو سو گابو“ قائم ٿي ويندو آهي. هيٺن ۽ ڪمزورن جي زندگي عذاب بڻجي ويندي آهي. ملڪ جي ترقي رڪجي ويندي آهي ۽ معاشي حالت بدتر ٿي ويندي آهي. ملڪ ۾ غربت، بک، بيماري، بدحالي، بي علمي، بيروزگاري ۽ بي انصافي وڌي ويندي آهن. ماڻهن جا بنيادي حق ڪسجي ويندا آهن. انهن ۾ فرقي پرستي ۽ مذهبي اختلاف چوٽ چڙهي ويندا آهن. پورو ملڪ انتشار ۽ انارڪي جو شڪار ٿي ويندو آهي. حادثا وڌي ويندا آهن سماج جي تهذيبي حيثيت بلڪل ڪمزور ٿي ويندي آهي. انهي سان پورو ملڪ بہ تباهي ۽ بربادي جي ڪناري تي پهچي ويندو آهي.

ان جي برعڪس قاعدن ۽ قانونن جو احترام ڪرڻ ۽ پابندي سان پيروي ڪرڻ جا ڪيترائي فائدا آهن. مثال طور:

- ملڪ تيزي سان ترقي ڪندو ۽ معاشي طور مضبوط ٿيندو.
- ملڪ ۾ ماڻهو امن، خوشي ۽ سڪون سان زندگي گذاري سگهندا ۽ خوشحال ٿيندا.
- ماڻهن جا بنيادي حق محفوظ رهندا ۽ هر ڪنهن کي انصاف پلئہ پوندو.
- ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت يقيني ٿي ويندي.
- ملڪ مان بک، بيماري، بدحالي، بيروزگاري ۽ بي علمي ختم ٿي وينديون.
- ملڪ مان چوري، ڌاڙا، ڦر ۽ قتل جهڙا ڏوهہ گهٽ ٿي ويندا.
- روڊن تي ٽريفڪ جا حادثا بہ گهٽ ٿي ويندا.
- ملڪ مان انتشار ۽ انارڪي جو ڦهلجڻ بند ٿي ويندو ۽ ماڻهن اندر اتحاد ۽ ڀائيچاري ۾ اضافو ٿيندو.

اهڙي نموني ملڪ ۾ قانون جي حڪمراني قائم ٿي ويندي ۽ ملڪ ۽ قوم جي ناماچاري پوري جڳ ۾ وڌندي ويندي.

### هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

موجوده زماني ۾ قاعدن ۽ قانونن مان مراد اهڙن اصولن ۽ قاعدن جو سسٽم آهي جنهن کي سرڪار يا اختياري پاران ملڪ ۾ نافذ ڪيو وڃي ٿو. انهن جو احترام ڪرڻ ۽ پيروي ڪرڻ هر شهري لاءِ واجب هوندو آهي. انتظاميہ انهن قاعدن ۽ قانونن تي عمل ڪرائيندي آهي ۽ ڀڃڪڙي جي صورت ۾ سزا ڏيڻ عدليہ جي ذميواري هوندي آهي. رياست جي لاءِ قاعدن ۽ قانونن جوڙڻ جي وڏي اهميت هوندي آهي. ڇاڪاڻ جو قانون جي حڪمراني کانسواءِ حڪومتي نظام هلائڻ ناممڪن هوندو آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. ابتدائي دور جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڪيئن هئي؟
2. ڪنهن بہ رياست يا ملڪ لاءِ قانون ۽ قاعدا ڇو ضروري آهن؟
3. قانون ۽ قاعدي مان ڇا مراد آهي؟
4. قانون تي نہ هلڻ جا ڪهڙا نقصان آهن؟
5. قانون جي احترام ۽ پابندي جا ڪي فائدا بيان ڪريو.

**(ب) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. قانون تي هلڻ سان ٽريفڪ جا حادثا گهٽ ٿيندا. | | |
| 2. قاعدي ۽ قانون نہ هجڻ سان حڪومت مضبوط ٿئي ٿي. | | |
| 3. قانون جي پابندي سان بدامني ختم ٿئي ٿي. | | |
| 4. قانون تي هلڻ صرف شهرين جي ذميواري آهي. | | |
| 5. قانون ۽ قاعدا جوڙڻ لاءِ اسڪول ڪم ڪن ٿا. | | |

**(ج) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:**

1. **جنهن دور ۾ انسان کي قاعدي ۽ قانون جي ضرورت نہ هئي، سو آهي:**

(الف) ابتدائي دور (ب) موجوده دور (ج) سائنسي دور

2. هڪ پرامن سماج اڏڻ لاءِ جنهن ڳالھ جي ضرورت هوندي آهي، سا آهي:

(الف) علم ۽ هنر (ب) قانون ۽ قاعدو (ج) جانور ۽ ملڪيت

3. جنهن شيءِ جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي انسان کي سزا ملندي آهي، سا آهي:

(الف) واعدو (ب) عهدو (ج) قانون

4. قانون نافذ ڪرڻ جو اختيار حاصل آهي:

(الف) سرڪار کي (ب) عوام کي (ج) فوج کي

5. قانون تي مڪمل عمل ڪرڻ سان فائدو ٿيندو:

(الف) ملڪي ترقي جو (ب) جان ۽ مال جي تحفظ جو (ج) امن امان جو

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون "قاعدي ۽ قانون جي اهميت" بابت مضمون لکن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ان ڳالھ تي راضي ڪيو وڃي تہ هو پنهنجي والدين سان گڏجي پنهنجي علائقي ۾ موجود ٽرئفڪ سگنل جو مشاهدو ڪن ۽ ان ڳالھ جو جائزو وٺن تہ ماڻهو ٽرئفڪ جي قانون جي پابندي ڪن ٿا يا نہ. پنهنجا تاثر هڪ مختصر رپورٽ جي صورت ۾ لکن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| ڏاڍ مڙسي | ڏاڍائي، ظلم | ڇڙواڳ | ڇڙتل، آزاد |
| اڏڻ | ناهڻ، جوڙڻ | انارڪي | وڳوڙ، انتشار |
| سرشتو | نظام، سنَاءُ | برعڪس | ابتڙ |
| ڀڃڪڙي | خلاف ورزي | ناماچاري | شهرت |
| گرفت | پڪڙ، جهل | جڳ | جهان، ملڪ |

# خاندان ۽ اسڪول جا قاعدا قانون

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- خانداني ضابطن ۽ رواجن جي وضاحت ڪري سگهندا.
- خانداني ضابطن ۽ رواجن جي اهميت بيان ڪري سگهندا.
- خانداني روايتن ۽ ضابطن تي ڪيئن عمل ڪري سگهجي ٿو. مثالن سان واضح ڪندا.
- اسڪول جي قاعدن ۽ قانونن جي وضاحت ڪري سگهندا.
- اسڪول جي قاعدن ۽ قانونن جي مقصدن بابت بحث ڪري سگهندا.
- خانداني ۽ اسڪولي قاعدن ۽ قانونن تي عمل نه ڪرڻ جي نقصانن کي بيان ڪري سگهندا.

ٿر جي هڪ شهر ۾ سبل سنگهه نالي هڪ راجپوت رهندو هو. هو پوليس کاتي ۾ هيڊمنشي طور ڪم ڪندو هو. سندس خاندان جا بيا ماڻهو اجان تائين پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. اهو خاندان هن زماني ۾ به قدامت پسند هو. پنهنجن پراڻين ريتن رسمن ۽ اصولن تي هلڻ جو قائل هو. سبل سنگهه جا ٽي ٻار هئا وڏو پٽ شير سنگهه شهر جي سرڪاري هاءِ اسڪول ۾ ڪلاس نائين ۽ ٻيو نمبر پٽ سڄڻ سنگهه ستين ڪلاس جا شاگرد هئا. ننڍي ڌيءَ آشاڪنور پنجن سالن جي هئي ۽ کيس پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. هو گهر ۾ هر وقت پنهنجي ڀائرن جي ڪتابن جا پنا پئي اٿلائيندي هئي ۽ پڙهڻ جو ڏيکاءُ ڪري جيڪو دل ۾ ايندو هئس سو پئي چوندي هئي. هوءَ سدائين ڀاڻ کي اسڪول موڪلڻ لاءِ ضد ڪندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن آشا ڪنور گهڻو ضد ڪندي پنهنجي ماءُ کي چوڻ لڳي: ”مون کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو، آءُ اسڪول ۾ پڙهنديس، منهنجا ڀئي ڀائر اسڪول ۾ پڙهن پيا مون کي به اسڪول ۾ پڙهايو.“

آشا ڪنور جو ايڏو شوق ۽ ضد ڏسي ماءُ چيو: ”اڄ توهان جو بابا گهر اچي ته هن سان اها ڳالهه ڪنديس.“

شام جو جڏهن هيڊ منشي سبل سنگهه گهر آيو ته آشاڪنور جي ماءُ کيس آشا کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ چيو. تنهن تي سبل سنگهه چيو اسان جي خاندان ۾ اهو اصول آهي ته ڇوڪرين کي پڙهڻ لاءِ اسڪول ڪو نه موڪليو ويندو آهي. اسان جي خانداني

رواج موجب عورتن لاءِ پردو ڪرڻ لازمي آهي اسان آشاڪنور ڪي اسڪول ۾ موڪليندا سين تہ پنهنجي خاندان وارا مخالفت ڪندا ۽ چوندا تہ سبل سنگهہ اسان جي خانداني اصولن ۽ رواجن جي پيچڪڙي ٿو ڪري. تنهن ڪري پاڻ آشا ڪي اسڪول ڪو نہ موڪليندا سين. اهو ٻڌي آشا ڊوڙي وڃي پنهنجي ڪمري ۾ ڏاڍيان روئڻ لڳي. سندس ماءُ بہ هن جي پويان ڪمري ۾ وئي ۽ هن ڪي اهو چئي ماٺ ڪرايائين تہ آءُ وري توهان جي بابا ڪي توهان ڪي اسڪول موڪلڻ لاءِ راضي ٿي ڪريان.

آشا جي ماءُ ڊرائنگ روم ۾ ويٺل پنهنجي مڙس ڪي وري چوڻ لڳي: اوهان ٿورو سوچيو: اڄڪلهہ تہ وڏن گهراڻن جون ڇوڪريون بہ تعليم پرائي رهيون آهن. پنهنجي پاڙي ۾ رهندڙ اهڙا بہ خاندان هئا جيڪي ڏاڍا پنتي پيل هئا پر هاڻي تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪري انهن جي رهڻي ڪهڻي جي معيار ۾ وڏو فرق اچي ويو آهي. اهي هاڻي سکيا ستابا ٿي ويا آهن. انهن جون ڪيتريون ئي نياڻيون ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ماسترياڻيون ٿي ويون آهن. پنهنجي پاڙيسري ٻاڳومل جي جئونتي تہ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي وئي آهي. پاڻ راجپوت اڄان تائين انهن خانداني اصولن ۽ ريتن رواجن ۾ جڪڙيا پيا آهيون. ڪنهن زماني ۾ انهن ريتن ۽ رواجن جي اهميت هئي، جو اهي غريبن جي فائدي ۾ هوندا هئا. خانداني ماڻهو پنهنجن ڪڙمين ۽ ڪاسبين جي مرڻي ۽ پرڻي جو خرچ پريندا هئا. هاڻي نہ اهي غريب ڪاسبي رهيا آهن ۽ نہ اهي امير راجپوت، تنهن ڪري اسان ڪي آشا ڪنور ڪي اسڪول موڪلڻ گهرجي. سياڻن جو بہ چوڻ آهي تہ ”هڪ ڇوڪرو پڙهندو تہ جهڙوڪ هڪ فرد پڙهيو پر جيڪڏهن هڪ ڇوڪري پڙهي تہ هڪ خاندان پڙهيو.“ اوهان جيڪڏهن پنهنجي خاندان وارن ڪي نياڻين جي تعليم جي اهميت جي باري ۾ سمجهايو تہ اهي سمجهي ويندا ۽ راضي ٿي چوندا تہ اسان ڪي اهو رواج هاڻي تبديل ڪرڻ گهرجي. سبل سنگهہ پنهنجي گهرواري جون اهڙيون سياڻپ واريون ڳالهيون ٻڌي آشا ڪي اسڪول موڪلڻ لاءِ هائو ڪار ڪئي ۽ چيائين تہ آءُ سڀاڻي اسڪول وڃي آشا ڪنور جي داخلا ڪرائي ايندس. اهو ٻڌي آشا ڏاڍو خوش ٿي.

ايندڙ ڏينهن سبل سنگهہ پنهنجي نياڻي آشا ڪي وٺي اسڪول ويو. اسڪول جي پرنسپال هن ڪان داخلا جو فارم ڀرائي، نادرا جو ”ب“ فارم وٺي آشا ڪي اسڪول ۾ داخل ڪري ڇڏيو. اسڪول جي وقتن، ڪورس جي ڪتابن، ڊريس ۽ ٻين قاعدن قانونن جي باري ۾ پڇڻ تي پرنسِپال چيو: ” اسڪول کلڻ جو وقت صبح جو اٺ بجہ ۽ موڪل جو پوڻا بہ آهي، وچ ۾ 11 بجہ رسيس ٿيندي، رسيس دوران اسڪول جو گيٽ بند هوندو آهي ۽ ڪنهن



ٻه ٻار کي ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڪو نه هوندي آهي. صبح جو به گيٽ 8:20 تي بند ڪيو ويندو آهي. اسڪول ۾ ٻارن جي لاءِ ڪائڻ پيئڻ، شين جي خريداري لاءِ ڪينٽين به آهي. ڇوڪرين جي لاءِ الڳ ڪامن روم ۽ واش روم آهي. اسان وٽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو ڪورس پڙهايو وڃي ٿو. جيڪو اوهان ڪنهن به بڪ اسٽور تان خريد ڪري سگهو ٿا. اسڪول جي يونيفارم ڇوڪرن لاءِ هلڪي بلو شرٽ ۽ گهري بلو پينٽ ۽ پيرن ۾ ڪارا بوٽ اڇن جورابن سان ۽ ڇوڪرين جي هلڪي بلو قميص ۽ گهري بلو شلوار ۽ اڇي رنگ جي وي ۽ پيرن ۾ ڪارا بوٽ ۽ اڇا جوراب آهن. شاگردن کي ٻن ڏينهن جي موڪل ڪلاس ٽيچر کان اڳواٽ منظور ڪرائڻي پوندي ۽ انهي کان وڌيڪ موڪل پرنسِپال کان منظور ڪرائڻي پوندي، بنا اڳواٽ اطلاع جي پنج ڏينهن غيرحاضر رهڻ تي مائٽن کي مطلع ڪيو ويندو. مائٽن جي رابطي نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڏهن ڏينهن جي غير حاضري تي شاگرد جو نالو اسڪول کان خارج ڪيو ويندو. شاگرد جي اسڪول ۾ ڪنهن استاد يا ٻي شاگرد سان بدتميزي جي صورت ۾ ٽي دفعا ڪيس سڌرڻ جي وارننگ ڏني ويندي نه سڌرڻ جي صورت ۾ سندس نالو اسڪول کان خارج ڪيو ويندو. وارن جي ڪٽائي جي هر مهيني ۽ ننهن جي ڪٽائي جي هر هفتي ۽ ڏندن جي برش ڪرڻ جي چيڪنگ هر روز ڪئي ويندي. اسڪول جي انهن قاعدن ۽ قانونن جو مقصد، نظم ۽ ضبط صحيح رکڻ ۽ پڙهائي لاءِ موافق ماحول فراهم ڪرڻ آهي. انهن جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ ٻارن جي پڙهائي کي نقصان پهچندو ۽ سندس اخلاقي تربيت به نه ٿي سگهندي.

سہل سنگهه پرنسِپال جون ڳالهيون صبر سان ٻڌيون ۽ هن جي ڳالهه وچ ۾ ڪو نه ڪاٽي، پر پوءِ پرنسِپال کي ادب سان عرض ڪيو ته اسان جي خاندان ۾ مٽي اڳهاڙي ڇوڪري جو ٻاهر نڪرڻ بلڪل خراب سمجهيو وڃي ٿو. انهي ڪري آءُ پنهنجي نياڻي کي هن اسڪول ۾ وڌيڪ عرصي لاءِ پڙهائي نه سگهندس ۽ هن کي تعليم ڏيارڻ بند ڪرڻي پوندي.

سہل سنگهه جو اهڙو اعتراض ٻڌي پرنسِپال دل ۾ خيال ڪيو ته هن جو اهڙو اعتراض صحيح آهي. مون کان اهڙي گُهر ڪافي ڇوڪرين جي مائٽن به ڪئي آهي تنهن

ڪري اسڪول جي ڊريس ۾ رئي يا پوتيءَ سان مٿو ڍڪي اچڻ جي اجازت ڏيڻ گهرجي. اهو خيال ڪري هن سبل سنگهه کي چيو ته اوهان جي انهي خانداني رواج لاءِ احترام آهي. هاڻي سيني ڇوڪرين جي يونيفارم ۾ مٿي تي سفيد رئو اوڍي اچڻ لازم قرار ڏيون ٿا.

پرنسِپال جي اهڙي فيصلي تي سبل سنگهه هن جو شڪريو بجا آندو ۽ جواب ۾ پرنسِپال صاحب به هن کي چيو "You are welcome" (اوهان کي سدائين پليڪار).

هن سبق مان اسان کي درس مليو ته وقت ۽ ضرورت موجب قاعدن ۽ اصولن ۾ تبديلي ڪري سگهجي ٿي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

سبل سنگهه جي خاندان ۾ نياڻين کي گهر کان ٻاهر ڪڍڻ تي بندش هئي، پر سندس ننڍڙي نياڻي کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. ان جو پڙهڻ لاءِ ضد ڏسي سندس ماءُ ڌيءُ کي اسڪول ۾ موڪلڻ لاءِ سبل سنگهه کي راضي ڪيو. جڏهن اهي اسڪول پهتا ته ڪين پرنسِپال صاحب اسڪول جي قاعدن ۽ قانونن بابت وضاحت ڪئي. جنهن ۾ خاص رعايت ڏئي ڇوڪرين لاءِ رئي پائڻ وارو اصول وڌايو ويو. سبق مليو ته اصولن ۽ قاعدن ۾ تبديلي ممڪن آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. راجپوت گهراڻي جو ڪهڙو اصول هو، جنهن ڪري آشا ڪنور اسڪول نه ٿي وڃي سگهي؟
2. سبل سنگهه کي آشا ڪنور جي ماءُ سندس پڙهائي لاءِ ڪيئن آماده ڪيو؟
3. اسڪول جي پرنسِپال، سبل سنگهه جي خانداني رواج کي ڪيئن قبول ڪيو؟
4. اسڪول جي قانون ۽ قاعدي جو مقصد ڇا آهي؟
5. اوهان جي خيال ۾ ڇا ڪنهن خاندان جا ڪي قانون ۽ قاعدا بدلائي سگهجن ٿا؟

(ب) **مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:**

1. شاگردن کي اسڪول مان __________ موڪل منظور ڪرائڻي پوندي آهي.
2. آءُ پڙهڻ چاهيان ٿي مون کي __________ ۾ ضرور داخل ڪرايو.
3. پاڙيسريءَ جي ڌيءَ __________ جو امتحان پاس ڪري __________ بڻجي وئي آهي.
4. جيڪڏهن هڪ ڇوڪري پڙهندي ته ڇڻ هڪ __________ پڙهيو.
5. سپل سنگهه چيو اسان جي __________ موجب عورتن لاءِ __________ لازم آهي.

(ج) **هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. سپل سنگهه جو خاندان قديم رسمن تي هلڻ جو قائل هو. | | |
| 2. آشا ڪنور روزانو اسڪول نه وڃڻ جو ضد ڪندي هئي. | | |
| 3. ڌهه ڏينهن غير حاضر رهڻ تي اسڪول مان نالو خارج ڪيو ويندو. | | |
| 4. خانداني رواج لاءِ به احترام رکڻ گهرجي. | | |
| 5. سفيد ٽوپي پائڻ يونيفارم جو حصو بڻجي ويو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

هن سبق ۾ لکيل "خاندان جي اصولن ۽ رواجن " ۽ اسڪول جي قاعدن قانونن" جي عنوان سان شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گهرو ڪم ڏنو وڃي. ٻئي ڏينهن جدا جدا شاگرد کان ٻنهي قسمن جون فهرستون چڪاس ڪيو وڃن.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگرد ۽ شاگردياڻين کي ”قاعدن ۽ قانونن جو احترام“ جي عنوان تي هڪ تقرير تيار ڪري اچڻ لاءِ هدايت ڪن. جنهن شاگرد يا شاگردياڻي جي تقريري مواد توڙي ادائگي بهترين هجي ته ان کي اسڪول اسيمبلي ۾ تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

### نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| قدامت | اڳوڻو وقت، پوين زمانو | فرد | اڪيلو، هڪڙو |
| ڏيکاءُ | نمائش، ڏيکارو | خارج ڪرڻ | ڪيڏڻ |
| معيار | اندازو، قاعدو | موافق | مطابق، مناسب |
| ڪڙمي | هاري، آبادگار | ڳَهَر | طلب، تمنا |
| ڪاسبي | محنتي، ڏنڌو ڪندڙ | اوڊڻ | ڍڪڻ، پائڻ |

باب ٽيون

# سماجي آداب

**تدريسي معيار**

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- ڪاڏي کائڻ مهل کائڻ جي درست طريقن تي عمل ڪندا.
- سمجهندا ته ڪاڏي جو زيان هڪ ناپسنديده عمل آهي.
- عملي مظاهرو ڪندا ته ڪاڌو ٻين سان گڏجي کائڻ سماجي ۽ مذهبي فرض آهي.

سماج ۾ ماڻهن جي سجاڻپ ادب، طور طريقن ۽ ڪردار جي ڪري ٿئي ٿي. سٺا گڻ اپنائيندڙ شخص نه صرف سٺي شخصيت جا مالڪ نظر ايندا آهن، پر سڀ ماڻهو کين پسند ڪندا آهن ۽ انهن جي عزت به ڪندا آهن.

سٺين عادتن جي شروعات سدائين گهر کان ٿيندي آهي. گهر اسان جي شروعاتي تربيت گاهه آهي. اتان ئي اسان کي اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ ۽ ڳالهه ٻولهه جا ادب نه صرف سيکاريا ويندا آهن، پر عملي طور تي سرانجام ڏيڻ جو موقعو به ملندو آهي. اصل ۾ سٺا گڻ ۽ سٺيون عادتون خوشبوءِ وانگر آهن، جن جو هُڳاءُ تمام پري تائين پکڙجندو آهي ۽ چوڌاري سمورو ماحول خوشبوءِ سان واسجي ويندو آهي. انهيءَ ڪري اها ڳالهه انتهائي ضروري آهي ته اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ نِنڍپڻ کان ئي والدين ۽ استادن جي رهنمائيءَ ۾ آداب ۽ سٺيون ڳالهيون سکون ۽ انهن کي زندگيءَ جو حصو بڻايون.

هن باب ۾ سماجي آداب مان ڪاڏي کائڻ کان اڳ، کائڻ مهل ۽ کائڻ کان پوءِ جا ڪاڏي پيتي بابت اهم سبق بيان ڪيا ويا آهن.

# 1_ کائڻ پيئڻ جا آداب

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- کاڌي کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ هٿن کي چڱي ريت ڌوئڻ جي اهميت بابت بحث ڪري سگهندا.
- ٻين سان گڏجي کاڌي کائڻ جي اهميت تي بحث ڪري سگهندا.
- کاڌي کي مناسب انداز سان چٻاڙي کائڻ جو عملي مظاهرو ڪندا.
- کاڌي کي زيان کان بچائڻ جي اهميت جي وضاحت ڪري سگهندا.
- مثالن ذريعي واضح ڪندا ته کاڌي جي شين کي ڪهڙي ريت وري قابل استعمال بڻائي سگهجي ٿو.



سيني نعمتن مان رزق هڪ اهڙي نعمت آهي، جيڪا انسان کي اعلىٰ درجي کان ادنىٰ درجي تائين وٺي وڃي سگهي ٿي. گهڻي طلب مهل کاڌي پيتي جي شين جي نه ملڻ تي انسان به ڪجھ وقت حيوان جهڙو سلوڪ ڪندو آهي. اها ڳالھ چٽي آهي ته دنيا ۾ موجوده مخلوق لاءِ رزق مُقدّر آهي ۽ ان جو ڪوبه نعم البدل ناهي.

هڪ ٻيري جي ڳالھ آهي ته حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ (حضرت محمد الله تعالىٰ جو رسول آهي ۽ الله تعالىٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن (صلي الله عليه وسلم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڀني رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعالىٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي.) وٽ هڪ مهمان آيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو ته ڪير آهي جيڪو هن مهمان کي کاڌو کارائي. هڪ صحابيءَ مهمان کي کاڌو کارائڻ جي ذميواري قبول ڪئي. هو پنهنجي گهر ويو ۽ گهر واري کان پڇيائين ته گهر ۾ کاڌي لاءِ ڪجھ آهي؟ گهر واري چيس ته ٻارن لاءِ ٿوري ماني پئي آهي، جيڪا هنن اڃا ناهي کاڌي. هن گهر واري کي چيو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

وَعَلٰی آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جو مهمان آهي. ان کي ڪاڌو ڪارائڻو آهي. انهيءَ ڪري تون ٻارن کي ٻُڪيو سمهاري ڇڏ. جيئن ئي اسان ڪاڌو کائڻ ويهون تہ تون ڏيئو وسائي ڇڏجانءِ. جڏهن صحابي ۽ مهمان ڪاڌو کائڻ لاءِ ويٺا تہ سندس گهرواريءَ ڏيئو وسائي ڇڏيو. مهمان ڪاڌو کائيندو رهيو ۽ صحابي وات مان ڪاڌي کائڻ جو رڳو آواز ڪيندو رهيو. مهمان هي سمجهيو تہ صحابي بہ مون سان گڏ ڪاڌو کائي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح مهمان ڪاڌو کائي ڍؤ ڪيو. مالڪِ حقيقيءَ کي صحابيءَ جي اها مهمان نوازي ڏاڍي پسند آئي.

اسان کي گهرجي تہ ٻين جي ضرورت وقت اسين پنهنجي ذات ۾ پنهنجي ضرورتن کي پاسيرو رکي، انهن جي مدد ڪريون.

ڪاڌي کائڻ جي آدابن ۾ سڀ کان ضروري ڳالهہ هي آهي تہ دسترخوان تي ويهندي ئي ڪاڌو آرام سان چٻاڙي صحيح طريقي سان ڪاڌو وڃي. اجاين ڳالهين کان پاسو ڪيو وڃي. ڪي ماڻهو ڪاڌي کائڻ دوران اجايو بحث ڪندا رهندا آهن. جنهن جي ڪري وقت جو زيان ٿيندو آهي ۽ خاص طور تي ڪاڌي جو مزو بہ ختم ٿي پوندو آهي. جنهن ڪاڌي لاءِ انسان ڏينهن رات محنت ڪري ٿو جيڪڏهن اهو ئي ڪاڌو کائڻ وقت سندس ڌيان ڳالهين ۾ جهيڙن ڏانهن ٿئي تہ اهڙي ڪاڌي کائڻ ۾ ڪهڙو مزو؟

ڪڏهن ڳالهائڻ دوران اسان گراهہ کي صحيح طرح چٻاڙيندا ناهيون گراهہ معدي جي نالي ۾ يا معدي وٽ پهچي هضم بہ ناهي ٿيندو. جنهن جي ڪري پريشاني ٿيندي آهي.

ڪي ٻار تڪڙو تڪڙو کائيندا آهن جنهن سان انهن کي کائڻ مهل کنگهہ ٿي پوندي آهي ۽ اهي ڪاڌي کي چڱي طرح چٻاڙي نہ سگهندا آهن. ڪاڌي کي صحيح طريقي سان نہ چٻاڙڻ سان سواد بہ نہ ايندو ۽ نہ ئي ڪاڌو صحيح طور تي معدي ۾ پنهنجي جاءِ وٺندو آهي. تڪڙ ۾ بنا چٻاڙڻ جي ڪاڌو هضم ٿيڻ ۾ وقت وٺندو آهي. جنهن جي ڪري بک بہ نہ لڳندي آهي ۽ معدو خراب رهڻ جي شڪايت پڻ رهندي آهي.

تنهن ڪري ضروري آهي تہ اسان ڪاڌو کائڻ مهل ڳالهائڻ کان پاسو ڪريون، وات بند رکي، خاموشي سان ڪاڌي کي وات ۾ چڱي طرح چٻاڙيون. اهڙي طريقي سان ڪاڌو کائڻ ڪري ڪاڌو معدي ۾ سولائي سان هضم ٿي ويندو آهي ۽ اسان جي جسم کي بہ ڀرپور توانائي ميسر ٿي ويندي آهي.

ڪاڌي کي مالڪِ حقيقي جي نعمت ڄاڻي اطمينان سان کائڻ جي عادت ناهڻ گهرجي.

# 2_هٿ ڌوئڻ



اسان جي اسڪول ۾ ”هفته صفائي“ جي سلسلي ۾ اج پهريون ڏينهن ملهايو ويو، جنهن ۾ اسڪول جي سيني ٻارن ۽ استادن کان سواءِ ٻئي عملي کي صحت ۽ صفائيءَ بابت ڄاڻ ڏني وئي. مختلف اسپتالن جي ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي پڻ گهرايو ويو هو ته جيئن هو ٻارن کي سٺي صحت جي اصولن بابت ڄاڻ ڏئي سگهن.

اڄ جو عنوان ”هٿ ڌوئڻ جي ادبن“ بابت هو، جنهن ۾ سيني شاگردن کي هن موضوع بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏوگڏ عملي مشق پڻ ڪرائي وئي، ته جيئن اُهي سٺا ادبَ اپنائين ۽ بيمارين کان پري رهن.

ڊاڪٽر احمر ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيندي ئي سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين کان وڏي آواز ۾ هڪ سوال پڇيو ”توهان جي خيال ۾ هٿن جي صفائي ڇو ضروري آهي؟“ هن وڌيڪ سوال ڪندي چيو ته ”جيڪڏهن هٿ صاف نه هجن ته ان جا ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا؟“ سيني شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي تجربي مطابق جواب ڏنا جن کي ڊاڪٽر احمر غور سان ٻڌو. پوءِ تفصيل سان هر ڳالهه کي ورجايو ته جيئن ٻار ان کي ياد ڪن.

ڊاڪٽر احمر چيو ته پنهنجي پوري ڏينهن جي لاڳاپيل ڪمن ۾ اسان ماڻهن سان ملندا آهيون. انهن سان هٿ ملائيندا آهيون. شيون ڪٽندا ۽ رکندا آهيون. راند روند ۾ حصو وٺندا آهيون. مطلب ته پورو ڏينهن مٽيءَ سان اسان جو منهن، هٿ ۽ پير ميرا ٿيندا آهن ۽ انهن تي جيوڙا لڳندا آهن. انهيءَ ڪري جيتري قدر ممڪن هجي، اسان کي پنهنجي منهن، هٿن ۽ پيرن جي صفائيءَ جو خيال رکڻ گهرجي. ڊاڪٽر صاحب چيو ته ”Clean hands lead to safe life“ يعني هٿن جي صفائي محفوظ زندگيءَ جي ضمانت آهي.

ڪلاس مان هڪ ڇوڪري پڇيو ”ڊاڪٽر صاحب! اسان کي پوري ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا هٿ ڌوئڻ گهرجن؟“ ڊاڪٽر صاحب مُرڪندي جواب ڏنو: ”جڏهن اوهان محسوس ڪريو ته توهان جا هٿ صاف ناهن ته پوءِ انهن کي ڌوئو. هونئن ته ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار پنج ڀيرا هٿ ڌوئڻ لازمي آهي. خاص طور تي ڪاڌو ڪائڻ کان اڳ ۽ ڪاڌو ڪائڻ کان پوءِ

پنهنجن هٿن کي چڱيءَ طرح ڌوئجي. ان کان سواءِ ليٽرين مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ به هٿن کي چڱيءَ طرح ڌوئڻ لازمي آهي“.

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ چيو ته توهان مان اهي ٻار، جن جي گهرن ۾ پالتو جانور ۽ پکي آهن ۽ هو انهن سان کيڏندا هجن ته کيڏڻ کان پوءِ پنهنجا هٿ ضرور ڌوئن. پاڻ سان گڏ پالتو جانورن ۽ پکين جي صفائيءَ جو به خاص خيال رکجي.

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ ٻڌايو ته جيڪڏهن کو زخم لڳي يا زخم تي دوا لڳائجي ته ان کان پوءِ به هٿن کي چڱيءَ طرح ڌوئجي. ننهن ڪٽڻ کان پوءِ به هٿن کي چڱيءَ طرح ڌوئجي، ته جيئن جيوڙا ننهن جي اندر نه رهجن.

ڊاڪٽر صاحب آخر ۾ سوال پڇندي چيو ته ”هٿ ڪيئن ڌوئڻ گهرجن؟“ پوءِ پاڻ ئي جواب ڏيندي چيائين ته هٿن کي صابڻ لڳائي لڳ ڀڳ 10 يا 20 سيڪنڊن تائين چڱيءَ طرح مهٽيو پوءِ صاف پاڻيءَ سان چڱيءَ ريت ڌوئو. جيڪڏهن ممڪن هجي ته هلڪو گرم پاڻي استعمال ڪريو، ته جيئن هٿن ۾ جيوڙن جي رهڻ جو خطرو نه ٿئي. پوءِ صاف ٽوال سان هٿن کي خشڪ ڪريو.

انهن سڀني هدايتن کان پوءِ ڊاڪٽر احمر ۽ ان جي عملي ٻارن ۾ صابڻ جي هڪ هڪ ننڍي ڇَڪي ورهائي. آخر ۾ ڊاڪٽر احمر ٻارن کي ”صحت ۽ صفائي جي هفتي“ متعلق وڌيڪ آگاهي ڏيندي چيو ته اجوڪي عنوان سان گڏوگڏ اوهان جا استاد اوهان کي ”ڪاڌو ورهائي کائڻ جي اهميت“، ”ڪاڌي کائڻ جا آداب“ ۽ ”ڪاڌي جي زيان کان بچڻ جي اهميت“ بابت وڌيڪ ٻڌائيندا ۽ ڪجهه عملي مشقون پڻ ڪرائيندا.

# 3_ ڪاڌو ورهائي کائڻ جي اهميت



مالڪِ حقيقي اسان کي گهڻين ئي نعمتن سان نوازيو آهي. انهن سڀني مان رزق هڪ اهڙي نعمت آهي جنهن تي اسان جي جياپي جو دارومدار آهي. هر ساهه واري مخلوق کي زنده رهڻ لاءِ هوا، پاڻي ۽ کاڌي جي بيحد گهڻي ضرورت هوندي آهي. ڪا به جاندار شي انهن کانسواءِ زنده رهي نه سگهندي آهي. هوا نه قدرتي طور تي هر هنڌ ميسر هوندي آهي. پيئڻ جي صاف پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي ٿوري گهڻي محنت ڪرڻي پوندي آهي پر کاڌي جي حصول لاءِ نه هر ساهواري کي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي. وڏائي فقير چواڻي نه "رزق مالڪ ڏئي ضرور ٿو پر ڪنگهائي ڪنگهائي ڏئي ٿو" جيڪو ماڻهو روزي لاءِ وڌيڪ جاکوڙ ڪري ٿو نه مالڪِ حقيقي ڪيس جهجهي روزي عطا ڪري ٿو. پر مالڪِ حقيقي پاران ان تي اهو به فرض ڪيو ويو آهي نه هو اها روزي پاڻ به کائي ۽ ٻين کي به کارائي.

دنيا جي سڀني مذهبن ۾ کاڌو ورهائي کائڻ ۽ ضرورت کان وڌيڪ ٻيون شيون ٻين ماڻهن ۾ ورهائڻ جو درس ڏنو ويو آهي. ڇاڪاڻ جو ڪي ماڻهو عمر ۾ ننڍا نه ڪي وڏا هوندا آهن. ڪمزور ۽ ضعيف هئڻ ڪري ڪجهه ڪرڻ لائق نه هوندا آهن. ڪي عورتون دائمي بيمار هونديون آهن ۽ اهي روزي ڪمائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ کان لاچار هونديون آهن بيواهه عورتون نه اسان جي سماج ۾ ٻاهر به ڪونه نڪرنديون آهن ڪڏهن ڪا وبا، ڏڪار، ٻوڏ، زلزلو يا ٻي ڪا قدرتي آفت اچي ويندي آهي نه غريبن جي لاءِ کاڌي پيتي جو حصول به محال ٿي پوندو آهي. بک ۽ بيروزگاري انسان کي اعلىٰ درجي کان ادنىٰ درجي تائين پهچائي سگهي ٿي. رزق يعني کاڌي پيتي جون شيون وقت تي نه ملڻ ڪري انسان ڪجهه وقت لاءِ حيوانن جهڙو رويو اختيار ڪري سگهي ٿو. هڪ مشهور چوڻي آهي نه "بک بڇڙو ٽول، دانا ديوانا ڪري".

اهڙين حالتن ۾ جيڪي سرندي وارا آهن، تن کي گهرجي نه ضرورتمندن جي امداد لاءِ اڳتي اچن ۽ ماڻهن جي کاڌي پيتي ۽ ٻين ضرورتن جي پورائي ڪرڻ جو بندوبست

ڪن. انهن جي اهڙي عمل سان انهن کي مالڪِ حقيقي جو راضپو حاصل ٿيندو.

اسلام ۾ پاڙ بکيو رهي ۽ مهمان کي کارائڻ جي تلقين ڪئي ويئي آهي. مسيحيت، هندو ڌرم / سناتن ڌرم، سک ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم ۾ خيرات ۽ دان ڏيڻ تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. انهن سڀني مذهبن ۽ ڌرمن ۾ انسانن سان گڏوگڏ پکين، مڇين ۽ جانورن جي لاءِ داڻي پاڻي جو تمام گهڻو خيال رکڻ جي هدايت ٿيل آهي.

اسان جي پياري وطن پاڪستان ۾ غريبن ۽ ضرورت مندن جي لاءِ سرڪاري لنگرخانا کوليا ويا آهن. اسان جي ملڪ ۾ ٻيا گهڻا ئي مخير حضرات موجود آهن جيڪي هر وقت غريبن، يتيمن، بيواهن ۽ محتاجن جي هر طرح امداد ڪندا رهندا آهن.

اسان سڀني کي گهرجي ته پنهنجو ڪاڏو هميشه ٻين سان ورهائي کائون.

# 4_ ڪاڌي جي زيان ڪان بچڻ جي اهميت



مالڪِ حقيقي انسان کي بي شمار نعمتن سان نوازيو آهي. انهن عظيم نعمتن مان هڪ رزق به آهي جنهن کي اسان سيئي خوراڪ جي صورت ۾ ڪائيندا آهيون. انهي خوراڪ جي ڪري انسان تندرست ۽ صحتمند رهي ٿو. هڪ صحتمند انسان ئي سيني سرگرمين کي صحيح طريقي سان سرانجام ڏيئي سگهي ٿو. هو دنياوي ۽ مذهبي ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺي سگهي ٿو. سنڌي ۾ هڪ چوڻي آهي: ”جهڙو ان تهڙو من“. اسان جو ڪاڌو اسان جي جسم، ذهن ۽ روح تي تمام گهڻو اثر ڪري ٿو. اسان جي سوچ سمجهه ۽ سکيا حاصل ڪرڻ ۾ ڪاڌو وڏي اهميت رکي ٿو. اهو به چيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ماڻهو جو جسم صحت مند هوندو ته ان جو دماغ پڻ صحتمند هوندو. استاد توڙي شاگرد ذهني پورهيو ڪندڙ انسان آهن. تنهن ڪري هر انسان کي ڪاڌي جي اهميت جو احساس هئڻ گهرجي. پر اسان پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ ڪاڌي جي بي ادبي ۽ اجايو زيان ٿيندي ڏسون ٿا. خاص طور تي وڏن گهرن، هوٽلن ۽ شادي هالن ۾ ماڻهو اڪثر ڪاڌي پيتي جي شين جو اجايو زيان ڪندا آهن. ماڻهن جو اهو عمل مالڪِ حقيقي جي ڏنل انهي نعمت جي سراسر ناشڪري آهي.

مالڪِ حقيقي هن خوبصورت ڪائنات ۾ هر شيءِ کي انسان جي تابع ڪيو آهي ته جيئن هو مالڪِ حقيقي کي سڃاڻي سگهي. پنهنجي مالڪِ حقيقي طرفان ڏنل نعمتن کي ضايع ڪرڻ کي ناشڪري ۽ احسان فراموشي وارو عمل ڪري سمجهي ڪيس هيٺ ڏنل ڳالهين کي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته:

- دنيا جي آبادي ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي. پر انهي تناسب سان زرعي پيداوار ۾ اضافو نه پيو ٿئي. دنيا ۾ اڄ به ڪيترن ئي ملڪن ۾ ماڻهن کي مناسب ڪاڌو خوراڪ ميسر نه آهي. تنهن ڪري اسان کي ڪاڌي جي زيان ڪان بچڻ گهرجي.
- اسان کي ڪاڌو پنهنجي گهرن ۾ پنهنجي ضرورت مطابق تيار ڪرڻ گهرجي.

- ڪاڌو وڌن برتنن / ڊشن ۾ رکي. پوءِ پنهنجي پنهنجي پليٽ ۾ اوترو ئي رکڻ گهرجي جيترو کائي سگهجي.
- گهر ۾ بچيل کاڌو ضرورتمندن يا پکين ۽ جانورن کي ڏيئي ڇڏڻ گهرجي.
- هوٽل تي کاڌو کائڻ جي صورت ۾ بچيل کاڌو پئڪ ڪرائي گهر آڻي ريفريجريٽر ۾ رکڻ گهرجي ته جيئن ضرورت مهل گرم ڪري وري استعمال ڪري سگهجي.
- اڄڪلهه ته گهڻن ملڪن ۾ ائين ڪيو وڃي ٿو، سعودي عرب ۾ ڪي ماڻهو کاڌو گهر کان ٻاهران ريفريجريٽر ۾ رکي ڇڏيندا آهن جتان ضرورتمند کڻي ويندا آهن.
- لنگرن، هوٽلن، شادي هالن ۾ بچيل مانين کي گڏ ڪري اس ۾ سڪائي وري استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- باراني علائقن ۾ سڪل ماني کي وري پٽ وانگر پچائي مرچ مصالحه ڏئي کاڌو وڃي ٿو. ٻين ماڻهن کي به انهن جي پيروي ڪرڻ گهرجي.

## مٿين سبقن جو خلاصو هي آهي ته:

• سماج ۾ ماڻهن جي سڃاڻپ سندن آداب يعني طور طريقي ۽ ڪردار سان ٿئي ٿي. • گهر اسان جي شروعاتي تربيت گاهه آهي، جتي سنن آدابن جي سکيا ڏني ويندي آهي. • جن ماڻهن کي مالڪِ حقيقيءَ رزق ۾ گهڻائي عطا ڪئي آهي، انهن تي واجب آهي ته هو ٻين ماڻهن ۾ رزق کي ورهائين. • کاڌي کي آرام سان چٻاڙڻ ۽ صحيح طريقي سان کائڻ گهرجي. • مالڪِ حقيقيءَ جي ڏنل شين جو تمام گهڻو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. • صحت جي حفاظت جي اصولن تي عمل ڪندي، صفائيءَ جو خاص خيال رکڻ گهرجي.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مهمان جي مهمان نوازي ڪيئن ڪئي وئي؟
2. کاڌي کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ هٿ ڌوئڻ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

3. ٻين سان ونڊي کائڻ جو مطلب ڇا آهي؟
4. کاڌي پيتي جي شين کي ضايع ٿيڻ کان بچاءَ جا ڪي ٻه پنج طريقا لکو.
5. کاڌي جي ضرورت ڪنهن کي آهي؟

(ب) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. جانورن ۽ پکين سان کيڏڻ بعد هٿ ڌوئڻ ضروري ناهي. | | |
| 2. دنيا جا مڪيہ مذهب انسانن، جانورن ۽ پکين جي خيال رکڻ جو درس ڏين ٿا. | | |
| 3. کاڌي پيتي دوران ماڻهو کي گهٽو ۽ وڏي آواز سان ڳالهائڻ گهرجي. | | |
| 4. کاڌي جون بچيل شيون ڪنهن ضرورت مند انسان يا پکي پکڻ کي ڏيڻ گهرجي. | | |
| 5. کاڌي کي چڱي طرح چٻاڙي کائڻ گهرجي. | | |

(ج) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:

1. سٺا ادب سکڻ جو ذريعو آهن:

(الف) والدين (ب) استاد (ج) اهي ٻئي

2. دنيا ۾ موجود مخلوق لاءِ رزق جي صورت حال آهي:

(الف) محدود (ب) مقدر (ج) ڪشاده

3. پاڪ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصۡحَابِهٖ وَسَلَّمَ جي مهمان جي مهمان نوازي جنهن ڪئي سو هو:

(الف) هڪ بزرگ (ب) هڪ صحابي (ج) هڪ عورت

4. بيمارين کان بچڻ جو اهم ذريعو آهي:

(الف) دوائون کائڻ (ب) پئسا خرچ ڪرڻ (ج) صفائي رکڻ

5. کاڌي جو زيان هڪ قسم جي:

(الف) بيماري آهي (ب) نشاني آهي (ج) ناشڪري آهي

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪاڏي ڪائڻ جي آدابن بابت هيٺ ڏنل هڪ هڪ موضوع تي اسائنمينٽ تيار ڪري اچڻ لاءِ چيو وڃي ۽ پوءِ ڏينهن هر هڪ پار ڪلاس ۾ پيش ڪري:

* ڪاڏي ڪائڻ لاءِ مذهب جا آداب
* ڪاڏي ڪائڻ مهل صفائي جي اهميت
* ڪاڏي کي زيان کان بچائڻ
* ڪاڏو ونڊي ڪائڻ

## استادن لاءِ هدايتون

استاد صاحب اسڪول ۾ ڪنهن سني ڊاڪٽر يا نرس جي مدد سان ٻارن جي لاءِ غذائيت بابت هڪ معلوماتي پروگرام منعقد ڪن، جن ۾ والدين کي پڻ شرڪت جي دعوت ڏين.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| هڳاء | خوشبو | تابع | هيٺاهون، فرمانبردار |
| مقدر | لکيل، مقرر ڪيل | دانا | داناءُ، عقل مند، سياڻو |
| جيوڙا | خوردبين ۾ نظر ايندڙ جاندار | ضمانت | گارنٽي، اعتماد |
| نعم البدل | جهڙو، عيوض، مثال | ديوانا | چريا، بي عقل |

باب چوٿون

# اهم شخصيتون

**تدريسي معيار**

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- ڪنهن قوم / سماج جي اخلاقي سڌاري لاءِ شخصيتن جي ڪردار کي ڄاڻي سگهندا.
- انهن شخصيتن جي سکيائن ڏانهن شوق وارو جذبو ڏاريندا.
- سندن مسئلن حل ڪرڻ ۽ فيصلو ڪرڻ واري ڏاهپ کي سمجهي سگهندا.
- انهن جي زندگي مان حاصل ڪيل تجربن کي استعمال ڪري سگهندا.

## تعارف:

زماني جي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ ان کي مختلف انتظامي شعبن ۾ ورهايو ويو آهي. جن ۾ مختلف شخصيتون پنهنجي خدمتن ذريعي مڃتا ماڻين ٿيون. ڪي ماڻهو تعليمي شعبي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪن ٿا ته ڪي ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ۾ پاڻ موڪين ٿا. ساڳي نموني مذهبي ۽ اخلاقي شعبن ۾ غير معمولي خدمتون سر انجام ڏيندڙ اهم شخصيتون به پنهنجي سيرت، ڪردار، تعليم، تربيت توڙي تجربن ۽ مشاهدن جي اعتبار سان عوام ۾ مقبول ٿي وينديون آهن.

اهڙين اهم شخصين جي زندگي جا حالات پڙهڻ سان ماڻهن ۾ سندن لاءِ عقيدت ۽ احترام سان گڏوگڏ انهن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيندو آهي.

هن باب ۾ حضرت مقدسه مريم عليها السلام، بادشاهه اشوڪا، مقدس ٿامس اڪوئينس جي حالات زندگي بابت سبق ڏنا ويا آهن.

# حضرت مقدسه مريم عليها السلام

(حضرت يسوع مسيح جي والده. اسلام ۽ مسيحيت ۾ سندس پاڪدامني جي اهميت)

**تدريس جا حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- وضاحت ڪري سگهندا ته حضرت مقدسه مريم عليها السلام ڪڏهن ۽ ڪيئن حضرت يسوع مسيح جي ماءُ بڻجي وئي.
- ڪنواري حضرت مقدسه مريم عليها السلام جي شروعاتي زندگي بابت ٻڌائي سگهندا.
- پاڪ تثليث جي وضاحت ڪري سگهندا.
- سمجهي سگهندا ته حضرت مقدسه مريم عليها السلام "ٻاجهه جي ماءُ" چو ٿي سڏجي.
- اسلام ۽ مسيحيت ۾ حضرت مقدسه مريم عليها السلام جي اهميت جو جائزو وٺي سگهندا.
- پاڪدامني ۽ ان جي اهميت جي وضاحت ڪري سگهندا.
- پاڪدامني واري عهد بابت ڄاڻي سگهندا.

## تعارف:

حضرت مُقدّسه مريم کي مسيحي دنيا ۽ اسلامي دنيا ٻنهي ۾ هڪجهڙو درجو حاصل آهي. ٻنهي مذهبن جا پوئلڳ کين انتهائي عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندا آهن. حضرت مُقدّسه مريم جو ذڪر عهدنامه جديد ۽ قرآن مجيد ۾ ڪافي ڀيرا آيو آهي. قرآن مجيد ۾ ته سندن نالي سان "سورت مريم" به موجود آهي.

## حضرت مُقدّسه مريم جي عزت:

حضرت مُقدّسه مريم جي والده جو نالو مُقدسه حنّه بنت فاقوذا ۽ والد جو نالو يوياقيم يا عمران هو. اهي ٻئي پوڙها ۽ بي اولاد هئا. اهي مسلسل مالڪِ حقيقيءَ کان اولاد لاءِ دعا گهرندا هئا. مالڪِ حقيقيءَ انهن کي پوڙهائپ ۾ هڪ ڌيءُ عطا ڪئي، جنهن جو نالو هنن "مريم" رکيو. مُقدسه مريم پنهنجي والدين سان گڏ 'جليل' نالي علائقي جي هڪ شهر 'ناصرت' ۾ رهندي هئي. هڪ ڏينهن هڪ ملائڪ مالڪِ حقيقيءَ جي طرفان بيبي سڳوري ڏانهن موڪليو ويو. انجيل ۾ لکيل آهي:

"۽ ملائڪ ان وٽ اندر اچي چيو: سلام اي عزت واري! مالڪِ حقيقي

توسان گڏ آهي. تون عورتن ۾ مبارڪ آهين“. (لوقا: باب 1: 28)

اهو حوالو مُقدسه مريم جي بزرگي، عزت، مرتبي، پاڪائيءَ جي ڀرپور شاهدي ڏئي ٿو. هن ملائڪ مُقدّسه مريم کي پيغام ڏنو تہ:

”توکي هڪ پٽ پيدا ٿيندو، جنهن جو تون نالو يسوع رکجانءِ.“

قرآن مجيد ۾ هيءُ واقعو بيان ڪيو ويو آهي تہ ملائڪ حضرت مقدّسه مريم وٽ آيو ۽ کيس بشارت ڏني:

”اي مريم! الله توکي چونڊيو ۽ توکي پاڪ ڪيائين ۽ توکي جهانن جي زائفن تي چونڊيائين.“ (آل عمران: آيت 42)

## حضرت مُقدّسه مريم جو ڪردار:

حضرت مُقدسه مريم عليها السلام نهايت ئي پاڪيزه خاتون هيون. ڪين مالڪِ حقيقي پنهنجي خاص قدرت سان ڪنواري هجڻ باوجود حضرت يسوع مسيح جي والده بڻايو ۽ اهو هڪ معجزو هو. تنهن ڪري حضرت يسوع مسيح جي والده هئڻ جي ناتي سان پاڻ مڙني برائين کان پري رهيون، جيئن پاڻ حضرت يسوع مسيح هر قسم جي براين کان پاڪ هئا. ان ڳالهہ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ مالڪِ حقيقيءَ ڪين حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جي لاءِ سڀني عورتن ۾ خاص فضيلت بخشي ۽ سندن سچائيءَ، پاڪ دامني، نرم دلي ۽ مالڪِ حقيقيءَ سان ڀرپور پيار جي ڪري ئي ڪين هن اهم ڪم لاءِ چونڊيو. ڪين مالڪِ حقيقيءَ تي پورو ايمان ۽ ڀروسو هو. انهيءَ ڪري جڏهن ڪين حضرت يسوع مسيح جي والده جي طور تي مالڪِ حقيقيءَ چونڊيو تہ پاڻ مالڪِ حقيقيءَ جي حڪم جي فرمانبرداري ڪندي پاڻ کي هن عظيم ڪم لاءِ هڪدم پيش ڪيو. اهو مالڪِ حقيقيءَ سان سندن قربت ۽ محبت جو واضح ثبوت هو.

پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۾ بيشمار خوشيون ڏٺائون، جن ۾ سڀ کان وڏي خوشي حضرت يسوع مسيح جي معجزانہ ولادت هئي. مالڪِ حقيقيءَ جي حڪم سان پاڻ حضرت يسوع مسيح جي پرورش عمده طريقي سان ڪئي ۽ هر وقت سندن مدد ۽ رهنمائي ڪنديون رهيون، حالانڪ سندن پنهنجو خانداني تعلق وچولي گهراڻي سان هو ۽ هن وٽ مال ۽ دولت، عيش عشرت جو سامان بہ نہ هو. پر پوءِ بہ پنهنجي بي پناهہ پيار محبت ۽ مالڪِ حقيقيءَ جي قربت ۽ سپردگيءَ جي احساس ۽ ايمان جي دولت سان حضرت يسوع مسيح جي پرورش ڪيائون. سندن دل هر وقت مالڪِ حقيقيءَ جي محبت سان ڀريل هئي ۽ هو هر ڪنهن جي مدد لاءِ تيار رهنديون هيون. اهڙن جذبن جو اظهار ڪندي پاڻ فرمايائون:

- منهنجي جان مالڪِ حقيقيءَ جي وڏائي بيان ڪري ٿي. (لوقا - باب 1- آيت 46)
- ۽ منهنجو روح منهنجي نجات ڏيندڙ مالڪِ حقيقيءَ سان خوش ٿيو.

(لوقا- باب1- آيت 47)

- ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي ٻانهيءَ جي عاجزيءَ تي نظر ڪئي ۽ ڏس ته هاڻي کان هر زماني جا ماڻهو مون کي مبارڪ چوندا. (لوقا - باب 1- آيت 48)
- ڇاڪاڻ ته هن مالڪِ حقيقيءَ منهنجي لاءِ وڏا وڏا ڪم ڪيا آهن ۽ هن جو نالو پاڪ آهي. (لوقا- باب1- آيت 49)

پر ڪين گهٽيون تڪليفون به ڏسڻيون پيون. سندن زندگيءَ ۾ ڪجهه اهڙا واقعا پيدا ٿيا، جيڪي سندن زندگيءَ ۾ ڏک ۽ تڪليف جو سبب بڻيا، جن ۾ بزرگ شمعون جي اڳڪٿي، مصر ڏانهن هجرت، يسوع مسيح جو وڃائجي وڃڻ، صليب هيٺ ڏکارو وقت گذارڻ، انهن سيني تڪليفن جي باوجود پاڻ ڄاڻندي هئي ته ڏک ڏسڻ کان پوءِ ئي ڪيس هميشه واري خوشي حاصل ٿيڻ ممڪن آهي.

حضرت مُقدّسه مريم عليها السلام بزرگي، عزت ۽ پاڪيزگيءَ جي نشاني آهي. هوءَ ”ڪنواري مُقدّسه مريم“ جي نالي سان پڻ سڃاتي ويندي آهي. مسيحيت جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڪيس ”شهزادي ماءُ“ به چيو ويو ۽ ”نئين حوا“ جو نالو به ڪين ڏنو ويو. اهو به چيو ويو ته هوءَ يسوع جي ذريعي انسانيت جي ڇوٽڪاري ۽ مالڪِ حقيقيءَ جي عبادت جي ذريعي پنهنجي ڇوٽڪاري جو بندوبست ڪري رهي آهي. يقيناً ايندڙ دنيا تائين ڪين عزت ۽ احترام سان ياد ڪيو ويندو. هوءَ يسوع مسيح جي ماءُ هئي. مسيحيت جا پوئلڳ حضرت يسوع مسيح کي رحمت جي علامت ڪري سمجهن ٿا. هوءَ تمام ٻاجهاري ۽ پيار ڪندڙ ماءُ هئي تنهن ڪري عيسائي هن کي ”ٻاجهه جي ماءُ“ ڪري مڃين ٿا.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

• حضرت مُقدّسه مريم عليها السلام انهن بزرگ هستين مان هڪ آهي، جن کي مالڪِ حقيقيءَ پنهنجي اهم ڪم لاءِ چونڊيو هو. • حضرت مُقدّسه مريم عليها السلام کي مسيحي ۽ اسلامي دنيا ۾ برابريءَ وارو احترام حاصل آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. حضرت مقدسہ مريم عليها السلام جي زندگي بابت اوهين ڇا ڄاڻو ٿا؟
2. حضرت مقدسہ مريم عليها السلام جي والدين جا نالا ۽ سندس لقب ڪهڙا آهن؟
3. ”ٻاجهہ جي ماءُ“ جو مفهوم ڇا آهي؟
4. حضرت مقدسہ مريم عليها السلام جي زندگي ۾ ڪهڙا ڏکيا ڏينهن آيا؟
5. قرآن مجيد ۾ حضرت مقدسہ مريم عليها السلام لاءِ ڪهڙو فرمان آهي؟

**(ب) هيٺين جملن مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مقدسہ مريم حضرت يسوع مسيح جي ڀيڻ هئي. | | |
| 2. حضرت يسوع مسيح جي ولادت معجزانہ بغير پيءُ جي ٿي. | | |
| 3. حضرت مقدسہ مريم عليها السلام جي ماءُ حنہ ۽ پيءُ عمران هو. | | |
| 4. مقدسہ مريم عليها السلام جا والدين مڪي جا رهاڪو هئا. | | |
| 5. مقدسہ مريم عليها السلام جو تذڪرو عهدنامي ۽ قرآن مجيد ۾ آيل آهي. | | |

**(ج) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:**

1. **مقدسہ جي معنیٰ آهي:**

(الف) پاڪيزه (ب) خوبصورت (ج) سگهڙ

2. **حضرت يسوع مسيح جي والده محترمہ کي ڪهڙي ڪري ڪيس سڏجي ٿو:**

(الف) ٻيئڻ حوا (ب) ٻاجهہ جي ماءُ (ج) شهزادي ماءُ

3. **”سورت مريم“ نالي سان مقدسہ مريم عليها السلام جي جيڪا سورت واقع آهي سا موجود آهي:**

(الف) بائيبل ۾ (ب) انجيل ۾ (ج) قرآن مجيد ۾

4. **مقدسہ مريم عليها السلام ”جهانن جي زائفن مٿان فضيلت هجڻ“ وارو بيان موجود آهي:**

(الف) لوقا ۾ (ب) سورة آل عمران ۾ (ج) بائبل ۾

5. بزرگي، عزت ۽ پاڪيزگي جي علامت سڏجي ٿي:

(الف) امان حوا (ب) بيبي بلقيس (ج) مقدسہ مريم

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي مقدسہ مريم عليها السلام جي زندگي بابت معلومات جمع ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي هينين موضوعن بابت:

- مقدسہ مريم عليها السلام جو ننڍپڻ
- مقدسہ مريم عليها السلام جي حضرت يسوع مسيح سان زندگي

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي رهنمائي ڪريو تہ هو مختلف مذهبي ڪتابن جي روشنيءَ ۾ حضرت مُقدّسه مريم عليها السلام بابت اهم معلومات گڏ ڪن ۽ ڪتابڙي جي صورت ۾ تيار ڪري نمائش لاءِ پيش ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| ڪنواري | غير شادي شده عورت | ڏڪارو | غمگين، ڏڪايل |
| تثليث | مسيحيت جو هڪ عقيدو | ٻاجهہ | رحمت، شفقت |
| پاڪدامني | بااخلاق ۽ باعزت هجڻ | زائفان | عورت، خاتون |
| قربت | ويجهڙائي | عهدنامو | بائبل |
| معجزانہ | مالڪِ حقيقي جي خاص قدرت سان | بشارت | خوشخبري |

# بادشاهه اشوڪا

(زندگي، ڪارناما ۽ قانون)

**تدريسي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- هندستان جي مٿان موريا گهراڻي جي راڄ ڪندڙ بادشاهه اشوڪا جي امتيازي حيثيت بابت ڄاڻي سگهندا.
- سندس زندگي جي مشهور واقعن جو تجزيو ڪري سگهندا.
- بادشاهه اشوڪا جي ”عذاب گهر“ جي سمجهاڻي ڏئي سگهندا.
- لڙائي کان دستبردار ٿيڻ جا ڪارڻ ۽ ان وقت سندس چيل لفظ ٻڌائي سگهندا.
- مذهبي عدم رواداري، اخلاقي ۽ سماجي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ سندس کنيل قدمن جي فهرست جوڙي سگهندا.
- سندس قربانين ۽ ٻين ڪارنامن جي وضاحت ڪري سگهندا.
- ٻڌ ڌرم جي پکيڙڻ ۾ سندس فرمانن جي ڪردار جي وضاحت ڪري سگهندا.

**تعارف:** اشوڪا موريا خاندان جو ٽيون بادشاهه هو. هو 304ق.م ۾ پيدا ٿيو ۽ 268 ق.م ۾ تخت تي ويٺو. هن ڇٽيهه سالن تائين حڪومت ڪئي. توڙي جو کيس هڪ وڏي بادشاهت ورثي ۾ ملي هئي، پر سندس بادشاهت جون حدون اتر ۾ ڪشمير کان وٺي ڏکڻ ۾ ڪرناٽڪ ۽ اوڀر ۾ گنگا جي ڊيلٽا کان اولهه ۾ افغانستان تائين پکڙيل هيون. هو پنهنجي دور ۾ دنيا جو هڪ وڏو بادشاهه رهي چڪو آهي.



پنهنجي پيءُ جي بادشاهيءَ جي دور ۾ هو اُجين صوبي جو گورنر هو. والد جي وفات کان پوءِ بادشاهي حاصل ڪرڻ لاءِ کيس پنهنجن ڀائرن سان جنگ جوٽڻي پئي، جن ۾ پنهنجن نوانوي (99) ڀائرن کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ بادشاهه بڻيو. سندس شروعاتي زندگي ۽ بادشاهت جي شروعاتي ستن سالن بابت وڌيڪ معلومات ناهي ملي سگهي، سواءِ هن جي ته هن گهڻيون شاديون ڪيون، شڪار ڪيا، تفريحي دورا ڪيا ۽ ڪيترائي علائقا فتح ڪيا.

بادشاهت جي اٺين سال ڪلنگا (موجوده اوڙيسه) جي جنگ سندس زندگيءَ جي اهم واٽ ثابت ٿي. هن جنگ ۾ گهڻو ڪوس ٿيو ۽ تقريبًا هڪ لک ماڻهو ماريا ويا ۽ ڏيڍ لک قيدي بڻايا ويا. بادشاهه اشوڪا جنگ ته کٽي، پر هيڏي ساري تباهيءَ جو سندس دل تي گهاٽو اثر پيو ۽ آئنده لاءِ هن جنگ کان توبه ڪئي ۽ ٻڌ مذهب ڏانهن مائل ٿيو، جنهن جي ڪري سندس زندگيءَ جو رخ تبديل ٿي پيو.

ٻُڌ مذهب قبول ڪرڻ کان پوءِ هن بادشاهيءَ ۾ جانورن جي ذبح ڪرڻ ۽ شڪار ڪيڏڻ تي پابندي هنئي. مهاڻن کي مڇين جي شڪار کان به جهلي ڇڏيائين. هن باقي زندگي ٻڌ مت جي ڀلاءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ڀڪشوئن کي وڏ ڪان وڏ سهولتون ڏنائين. ايستائين جو پنهنجي پٽ مهند ۽ ڌيءُ سنگهه مترا کي ٻڌ مذهب جي تبليغ لاءِ ڀڪشو بڻائي تبليغي مشن تي سري لنڪا موڪليائين. رواداري، مذهبي ۽ اخلاقي قدرن ڏانهن لاڙو ٿيڻ جي ڪري بادشاهيءَ جا ڪم ڪار متاثر ٿيڻ لڳا ۽ ڀڪشوئن جو شاهي دربار ۾ اثر رسوخ پڻ وڌي ويو.

**ٻڌ مذهب لاءِ اهم خدمتون:** بادشاهه اشوڪا ٻڌ مذهب کي پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن جي مُقدّس جاين تي عمارتون ٺهرايون. ڪَتبا هڻايا، جن تي ٻڌ مذهب جا اصول لکيل هئا. هن عام ڀلائيءَ جي ڪمن تي به گهڻو ڌيان ڏنو ۽ بادشاهيءَ ۾ گهڻا سڌارا ڪيا.

هن روڊن تي وڻڪاري ڪئي ۽ گل ۽ ٻوٽا پوکرايا. کوهه کوٽايائين ۽ مسافرن جي رهڻ لاءِ مهمان خانا ٺهرايائين. عدل ۽ انصاف جو بندوبست به ڪيائين. هن غريبن، يتيمن، بيواهن جي سار سنڀال جا انتظام به ڪيا. کيس نوان ڳوٺ ٺهرائڻ جو شوق پڻ هو، انهيءَ ڪري هن چوراسي (84) هزار عمارتون اَڏايون.

بادشاهه اشوڪا عوامي مسئلن جي حل لاءِ خاص نمائندا مقرر ڪيا ۽ انهن کي عدالتي اختيار ڏنا. اشوڪا جو هڪ وڏو ڪارنامو پٿرن تي احڪام لکرائڻ هو. هن چوڏهن احڪام پٿر جي وڏن وڏن ٿنڀن تي لکرايا، جن ۾ ڪجهه احڪام ۽ اخلاقي تعليم شامل هئي. مثال طور: ٻين کي برداشت ڪرڻ، ٻين جي مذهب جو احترام ڪرڻ، مذهبي عالمن، والدين ۽ استادن جو احترام، مالڪ کي مزدور سان سنو سلوڪ ڪرڻ، والدين ۽ اولاد، شاگردن ۽ استادن جي وچ ۾ سٺا ناتا پيدا ڪرڻ، سچائي ۽ وچترائيءَ جي تعليم، نيڪي ۽ رحمدليءَ جي تعليم وغيره.

ٻُڌ مذهب قبولڻ کان پوءِ اشوڪا موت جي سزا کي ختم ڪيو، پر انصاف جي گهرجن کي پورو ڪرڻ ۽ مذهب تي عمل ڪرائڻ لاءِ اعلىٰ آفيسرن تي مشتمل هڪ مَجلِس

ٻڌائي، جيڪا ستوسنئون انهن معاملن جو جائزو وٺندي هئي. هن شهزادن ۽ وزيرن جي عيش واري زندگي گذارڻ تي پابندي لڳائي ۽ مڪمل طور تي ٻڌ مذهب تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ بہ پنهنجي زندگي مڪمل طور تي ٻڌ مذهب تي عمل ڪندي گذاري.

**بادشاهيءَ ۾ قانون جي بالادستي:** هونئن تہ موريا خاندان جي بادشاهت ذاتي، موروثي ۽ هر قانون کان آزاد هئي، پر سڀ عدالتي، انتظامي ۽ فوجي اختيار ڪنهن هڪ شخص جي هٿ ۾ نہ هئا، بلڪ بادشاهہ اشوڪا ان ڪم لاءِ صلاحڪارن جي هڪ مجلس قائم ڪئي هئي، جيڪا سڀني معاملن ۾ ڪيس مشورا ڏيندي هئي. ان مجلس کان سواءِ حاڪمن جو هڪ طبقو اهڙو هو، جيڪو بادشاهت جا فرض سرانجام ڏيندو هو. ان طبقي جي اندر خاص صلاحڪار، مذهبي معاملن جو نگران، صوبيدار، قاضي، سپهہ سالار ۽ ليڊر وغيره شامل هئا. اشوڪا جي دور ۾ هڪ نئون عهدو قائم ڪيو ويو، جنهن جو ڪم مذهبي معاملا لاڳو ڪرڻ هو. شهرن جي انتظام لاءِ الڳ ڪميٽي جوڙي وئي هئي. يوناني سفير ميگس ٿينس



(Megasthenes) چواڻي راڄڌاني پاٽلي پتر جي نظم ضبط لاءِ هڪ مجلس هئي، جيڪا ٽيهہ (30) رڪنن تي مشتمل هئي ۽ وڌيڪ ڇهن (6) ننڍين مجلسن ۾ ورهايل هئي. هڪ صَنعت و حِرفت جي نگراني ڪندي هئي. ٻي مسافرن ۽ غيرملڪي واپارين جي سار سنڀال لهندي هئي. ٽين پيدائش ۽ موت جو حساب ڪتاب ڪندي هئي. چوٿين واپار بابت هئي. پنجين مصنوعات جي سار سنڀال لهندي هئي. ڇهين انهن اوڳاڙين (ٽيڪس) سان تعلق رکندي هئي، جيڪا وڪڻيل مال مان حاصل ڪئي ويندي هئي. ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پنچائيت جو رواج عام هو. اتي قاضي عوام جا مسئلا حل ڪندا هئا.

بادشاهہ اشوڪا قانون مطابق پنهنجي بادشاهيءَ جي هر حصي جو مالڪ هو. انهيءَ ڪري هو هارين کان زرعي پيداوار جو هڪ خاص حصو ڍل طور وٺندو هو. ڍل سان گڏ پاڻيءَ جو ٽيڪس پڻ لاڳو هو. ان کان سواءِ جانورن، گهرن، واپار جي سامان، لوڻ ناهڻ، ڪاٺين ڪوٽڻ وارن کان ٽيڪس اوڳاڙڻ لاءِ مختلف ماڻهو مقرر هئا ۽ اهو سمورو پيسو سرڪاري خزاني ۾ جمع ٿيندو هو.

چيو ويندو آهي تہ موريا بادشاهت دوران وڏيون سزائون، مثال طور ڦاسي، پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ ۽ ساڙڻ وغيره برقرار هيون، پر اشوڪا پنهنجي بادشاهيءَ ۾ انتظاميہ کي حڪم ڏنو تہ هو ماڻهن سان گڏجي سڀني اخلاقي تعليمن ۽ اشوڪا جي 14 حڪمن جي سختيءَ سان پابندي ڪن. جڏهن ماڻهو هڪ ٻئي سان صبر ۽ تحمّل جو مظاهرو ڪندا، هڪ ٻئي سان سٺو سلوڪ ڪندا تہ اهي سنگين سزائن کان بچي پوندا.

اشوڪا عوام سان گڏوگڏ پنهنجي خاندان جي سيني ياتين زالن، شهزادن ۽ شهزادين سميت وزيرن ۽ سيني اميرن کي قانون جي پابندي ڪرڻ جو پابند بڻايو هو.

**وفات:** اشوڪا 232 ق.م ۾ فوت ٿيو. سندس جانشين هيڏي وڏي بادشاهت کي صرف پنجاهه سالن تائين سنڀالي سگهيا ۽ نيٺ اها ختم ٿي وئي، پر اشوڪا جو نالو سندس ڪارنامن، ٻڌ مذهب جي خدمتن ڪرڻ ۽ قانون جي بالادستيءَ جي ڪري تاريخ ۾ سدائين لاءِ زنده رهندو.

**هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:**

• بادشاهه اشوڪا موريا خاندان جو بادشاهه هو، جنهن تقريبًا چٽيهن سالن تائين بادشاهت ڪئي ۽ پنهنجي بادشاهيءَ کي ڪشادو ڪيو. • حڪمرانيءَ جي اٺين سال ڪلنگا جي جنگ ۾ گهڻو جاني نقصان ٿيڻ تي سندس دل تي گهرو اثر پيو ۽ هن جنگ کان هميشہ لاءِ توبه ڪئي. • بادشاهه اشوڪا ٻڌ مذهب کي پکيڙڻ لاءِ بيشمار خدمتون ڪيون. • بادشاهه اشوڪا جي بادشاهيءَ واري دور ۾ قانون جي نظر ۾ شاهي خاندان جي ماڻهوءَ کان وٺي عام ماڻهو سڀئي برابر هئا.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. بادشاهه اشوڪا کي پنهنجن پائرن سان جنگ ڇو وڙهڻي پئي؟
2. بادشاهه اشوڪا ڪيترا سال بادشاهت ڪئي؟
3. هن پنهنجي بادشاهيءَ کي ڪيترو وسيع ڪيو؟
4. بادشاهه اشوڪا ٻڌ مذهب ڏانهن ڪيئن مائل ٿيو؟
5. بادشاهه اشوڪا پنهنجي بادشاهي جو انتظام ڪيئن ورجايو هو؟

**(ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:**

1. پيءُ جي بادشاهي وقت اشوڪا __________ هو.
2. پنهنجي __________ کي شڪست ڏيڻ کان بعد __________ بڻيو.
3. ڪلنگا واري لڙائي ۾ __________ ماڻهو مئا ۽ __________ قيدي بڻيا.
4. اشوڪا پنهنجي پٽ __________ ۽ ڌي __________ کي ٻڌ مذهب جو پکشو بڻايو.
5. اشوڪا جو وڏو ڪارنامو __________ تي احڪام لکرائڻ هو.

(ج) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. قانون مطابق هو پنهنجي بادشاهي جي ڪنهن بہ حصي جو مالڪ نہ هو. | | |
| 2. موريا خاندان ۾ ننڍيون سزائون: ڦاهي، پوڙڻ ۽ ساڙڻ هو. | | |
| 3. بادشاهہ هارين کان سمورو فصل ڍل ۾ وٺندو هو. | | |
| 4. بادشاهہ اشوڪا عوام ۽ انتظاميہ کي چوڏهن حڪمن جي پابندي جو حڪم ڪيو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

بادشاهہ اشوڪا جي سياسي، مذهبي ۽ انتظامي خدمتن بابت شاگرد ۽ شاگردياڻيون مضمون لکن ۽ تحريري مقابلي بعد چونڊ مضمون ٻاراڻي رسالي ۾ ڇپائڻ لاءِ موڪلين.

## استادن لاءِ هدايتون

ڪلاس جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٽن گروپن ۾ ورهائي هيٺين عنوانن تي تقريري مقابلا ڪرايو:

1. اشوڪا شهزادي جي حيثيت سان
2. اشوڪا موريا خاندان جي حيثيت سان
3. اشوڪا قوم ۾ مُصلح جي حيثيت سان

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| راڄ | حڪومت، بادشاهي | سنگين | سخت، مضبوط |
| ڪوس | قتل عام، رتو ڇاڻ | جانشين | وارث، والي |
| راڄڌاني | بادشاهت | ڍل | زمين جي اوڳاڙي |
| ڪتبا | پٿر يا سِر تي لکيل عبارت | احڪام | حڪم جو جمع، فرمان، امر |

# مقدس ٿامس اڪوئينس (St. Thomas Aquinas)

(زندگي، مسيحي فلسفي ۽ فڪر ۾ سندس خدمتون)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- مقدس ٿامس اڪوئينس جي زندگيءَ جي اهم واقعن بابت ٻڌائي سگهندا.
- تجزيو ڪندا تہ ڪيس ”چرچ جو ڊاڪٽر“ ڇو سڏيو ويندو آهي.
- سندس نظرئي جي وضاحت ڪري سگهندا.
- فلسفي ۾ ڪيل سندس خدمتن کي ساراهي سگهندا.
- سندس مذهبي فڪر جي وضاحت ڪري سگهندا.
- فطري قانون، اخلاقيات ۽ مذهبي فڪر بابت سندس ڪيل خدمتن کي ڄاڻي سگهندا.

## تعارف:




مسيحيت جي تاريخ ۾ بيشمار مُقدّس هستين جو ذڪر ملي ٿو، جن پنهنجي سٺي سلوڪ، بهادري، علم ۽ فضل، هنر ۽ فن، ايثار ۽ قربانيءَ جي ڪري پنهنجو نالو هميشہ لاءِ تاريخ ۾ لکرايو. انهن سڀني شخصيتن مان هڪ مقدس ٿامس اڪوئينس آهي، جيڪو پنهنجي پاڪيزگي، هوشياري ۽ سوچ ويچار جي ڪري تمام گهڻو مشهور ٿيو. خاص طور تي رومن ڪيٿولڪ چرچ ۾ سندس مشهوري تمام گهڻي آهي. هن کي ”فرشتہ صفت استاد“ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

مقدس ٿامس جي پيدائش 1225 ع ۾ رياست سسليءَ جي هنڊرَوڪاسيڪا ۾ ٿي. سندس پيءُ پنجن سالن جي عمر ۾ ڪيس بينا ڊڪٽن راهب وٽ تعليم ۽ تربيت لاءِ حوالي ڪيو. سندس سيئي استاد هن جي ڏاهپ ۽ تعليمي قابليت کان بي حد حيران ۽ خوش ٿيا.

## مذهب ڏانهن رجحان:

جوانيءَ ۾ ئي دنيا جي عيش کي ڇڏي ڏنو هئائين. پنهنجي والد جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ماءُ ۽ ڀائرن جي مرضيءَ جي ابتڙ مقدس ڊومينيڪن (Dominican) جيڪو مسيحيت

جو هڪ مذهبي مڪتبِ فڪر آهي، ان ۾ شامل ٿيو. جڏهن پاڻ روم وڃڻ جي تيارين ۾ هو ته سندس پائرن کيس گهر ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ هو اڳئين سال تائين نه وڃي سگهيو. پوپ چوٿين (Pope Innocent IV) جي ڪري کيس قيد مان رهائي ملي. هو دومينيڪن جي مذهبي تعليم لاءِ جرمنيءَ جي شهر ڪولون (Cologne) هليو ويو، جتي هو مقدس البرٽ عظيم جو شاگرد بڻجي رهيو ۽ ڪائنس فلسفي ۽ الٰهيات جو علم سکيو.

## پڙهائڻ جا فرضَ:

22 سالن جي عمر ۾ کيس ڪولون شهر ۾ پڙهائڻ جون ذميواريون حوالي ڪيون ويون. انهيءَ دوران هن پنهنجا ڪتاب به لکڻ شروع ڪيا. سندس ڪتابن ۾ سومه ٿيولوجيڪا (Summa Theologica) ۽ جينٽائلز (Gentiles) وڏيڪ مشهور آهن. سوماٿيولوجيڪا ٽن حصن تي مشتمل آهي، پهرئين حصي ۾ تخليق سان لاڳاپيل شين جو ذڪر آهي، جڏهن ته ٻئي ۾ انسان جو مقام، ڀلائي برائي ۽ عملن وغيره تي بحث ڪيو ويو آهي. ٽئين حصي ۾ حضرت يسوع مسيح جي زندگيءَ جي حالتن بابت بيان ڪيو ويو آهي.

ٽئن سالن ڪانپوءِ مُقدّس ٿامس کي پيرس موڪليو ويو. ان وقت تائين پاڻ هڪ ڪاهن بڻجي چڪو هو. 31 سالن جي عمر ۾ ان ڊاڪٽريٽ (Ph.D) جي ڊگري حاصل ڪئي. ان ڪان پوءِ هو پيرس جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ لڳو. هن جي مسيحيت جي مطالعي تي ڪيل تمام گهڻي ڪم جي ڪري "ڊاڪٽر آف چرچ" چيو ويندو آهي.

پيرس ۾ وقت جي بادشاهه مقدس لوئيس 9 سان سندس سٺي دوستي ٿي پئي. 1261ع ۾ پوپ اليگزينڊر سندس خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ کيس روم گهرايو. پر پاڻ وڏي بردباريءَ سان انهيءَ خدمت ڪان مجبوري ڏيکاري. کين نيپلز (Naples) جي آرچ بشپ جو عهدو سنڀالڻ جي آڇ ٿي، پر پاڻ ان ڪان به انڪار ڪيائين، البت نيپلز (Naples) يونيورسٽيءَ ۾ 1272ع تائين پڙهائيندو رهيو. ايستائين جو 7 مارچ 1274ع تي هو پنهنجي مالڪِ حقيقيءَ سان وڃي مليو.

## دينيات ۽ فلسفي ۾ مُقدّس ٿامس اڪوئينس جون خدمتون:

مُقدّس ٿامس اڪوئينس ديني عالم هئڻ سان گڏوگڏ هڪ فلسفي پڻ هو. سندس دور ۾ فلسفي ۾ مقدس اگسٽين ۽ ارسطوءَ جي سوچن جو چؤبول هو. مقدّس اگسٽين جو چوڻ هو: "سچائيءَ جي تلاش ۽ ڄاڻ لاءِ حسي تجربا ڪافي آهن" ان جي ابتڙ مقدس ٿامس جو نظريو هي هو: "حقيقت جي تهه تائين پهچڻ لاءِ صرف حِسي تجربا ڪافي ناهن، پر انهن لاءِ وحيءَ / اِلهام جو هئڻ ضروري آهي". شين جي حقيقت کي پرکڻ لاءِ ته عقل ڪافي آهي،

پر ديني حقيقتن کي سمجھڻ لاءِ عقل ڪافي ناهي ۽ نہ ئي حواس صحيح طور تي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. مالڪِ حقيقيءَ جي وجود ۽ ڄاڻ لاءِ عقلي دليل بہ آهن، پر وحيءَ / اِلهام کان سواءِ ان جي وجود جي ڄاڻ ممڪن ناهي. وڌيڪ هي تہ مسيحيت جي عقيدي ”تَثليث“ کي بہ وحيءَ / اِلهام جي رهنمائيءَ کان سواءِ نہ ٿو سمجهي سگهجي.

تيرهين صدي عيسويءَ ۾ جڏهن ارسطوءَ جي نظرين جو لاطيني ٻوليءَ ۾ ترجمو شايع ٿيو ۽ ابن رُشد ارسطوءَ جي سوچ جي وضاحت پيش ڪئي تہ اصل ۾ عقلي علمن کي وڏي هٿي ملي. ان جي ابتڙ رومن ڪيٿولڪ چرچ ارسطوءَ جي سوچ جي مخالفت ڪئي، پر ان کي ڪا خاص ڪاميابي حاصل نہ ٿي سگهي. ان ڏس ۾ ٿامس اڪوئينس رومن ڪيٿولڪ چرچ جي رهنمائي ڪندي ارسطوءَ جي خيالن جي ترديد ڪندي دليل پيش ڪيا، جيڪا اُن وقت مسيحيت کي بچائڻ جي اهم ڪوشش هئي. اهي ئي سندس خدمتون آهن، جن جي ڪري مقدس ٿامس اڪوئينس کي ساراهيو ويندو آهي. پر سورهين صديءَ کان اوڻويهين صدي عيسويءَ تائين سندس سوچن تي ڪافي تنقيد ڪئي وئي ۽ سندس دليلن جي روشني گهٽ ٿيندي وئي.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

• مقدس ٿامس اڪوئينس مسيحيت کي ارسطوءَ جي سوچ کان بچائڻ لاءِ گهڻا دليل پيش ڪيا ۽ رومن ڪيٿولڪ چرچ کي بچايو. • مقدس ٿامس اڪوئينس کي ”فرشتہ صفت استاد“ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. • هن ننڍي عمر ۾ پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم شروع ڪيو ۽ نوان ڪتاب لکيا. • هن صرف ايڪٽيهن ورهين جي عمر ۾ ڊاڪٽريٽ Ph.D جي ڊگري حاصل ڪئي.

## مشق

### (الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. مسيحي تاريخ ۾ مقدس ٿامس اڪوئينس ڇو مشهور آهي؟
2. مقدس ٿامس جي شروعاتي تعليم ۽ تربيت ڪنهن ڪئي؟
3. مقدس ٿامس جي ڪتابن جا نالا ٻُڌايو.

4. مقدس ٿامس اڪوئينس جي خدمتن تي نوٽ لکو.
5. ”ڊاڪٽر آف چرچ“ جو مطلب ڇا آهي؟

(ب) هيٺين جملن مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مقدس ٿامس اڪوئينس هڪ عالم هجڻ سان گڏ فلسفي بہ هو. | | |
| 2. شين جي حقيقت تائين پهچڻ لاءِ وحي / الهام جي بہ ضرورت آهي. | | |
| 3. ارسطو جي ڪتابن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو ويو. | | |
| 4. مسيحيت جي عقيدي ”تثليث“ کي بہ سائنس کان سواءِ نہ تہ سمجهي سگهجي. | | |
| 5. پيرس جي مقدس اگسٽين سان سندس سٺي دوستي هئي. | | |

(ج) هيٺين مان درست جواب تي ”✓“ جو نشان لڳايو:

1. پنهنجي خدمتن جي ڪري مقدس ٿامس اڪوئينس جنهن لقب سان ياد رکيو وڃي ٿو، سو آهي:
(الف) فرشتہ صفت انسان (ب) ڊاڪٽر آف چرچ (ج) ڊومينيڪن
2. مقدس ٿامس اڪوئينس 22 سالن جي عمر ۾ جنهن شهر ۾ پڙهائڻ لڳو، سو هو:
(الف) لنڊن (ب) ڪولون (ج) پيئرس
3. مقدس ٿامس اڪوئينس جنهن عمر ۾ Ph.D ماڻي، سا آهي:
(الف) 29 سال (ب) 30 سال (ج) 31 سال
4. مقدس ٿامس اڪوئينس جو ڪتاب ”سومہ ٿيولو جيڪا“ حصن تي مشتمل آهي:
(الف) ٽن (ب) چئن (ج) پنجن
5. مقدس ٿامس اڪوئينس مفڪر جي نظرين جو ترجمو ڪيو:
(الف) ابن رشد (ب) غزالي (ج) ارسطو

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

انٽرنيٽ جي مدد سان شاگردن ۽ شاگردياڻين مان هر هڪ شاگرد ڪي مسيحيت بابت هيٺين ڳالهين بابت اسائنمينٽ تيار ڪري ڪلاس ۾ پنهنجي استاد وٽ پيش ڪرڻ گهرجي:

- مقدسين جو مفهوم ۽ اهم مقدس شخصيتون
- چرچ جون ذميواريون سنپاليندڙ مختلف عهديدارن جي فهرست

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو ته اهي مقدس ٿامس اڪوئينس جي خدمتن بابت مذهبي ڪتابن جي مدد سان ذاتي طور تي هڪ مضمون لکن.

| نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ | | | |
|---|---|---|---|
| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
| سلوڪ | رويو، طريقو | حِسي | محسوس ٿيندڙ |
| فضلُ | مهرباني، فضيلت | ترديد | رد ڪرڻ |
| الٰهيات | مالڪِ حقيقي بابت فلسفو | وحيءَ | مالڪِ حقيقي جو ڪلام |
| تخليق | پيدائش | اِلهام | اندر جو خدائي آواز |
| چرچ | گرجاگهر | فرشتہ | ملائڪ، نوري مخلوق |
| چوبول | پچار، ڳالهه ڦهلجڻ | | |

باب پنجون

# مذهبي ڏڻ

**تدريسي معيار**

هن باب پڙهڻ کان پوءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين مان اميد ڪجي ٿي ته اهي:

- جاڻي سگهندا ته مکيہ مذهبن جا مقدس ڏڻ سال جي ڪهڙين تاريخن تي ملهايا وڃن ٿا.
- انهن ڏهاڙن جي سماجي ۽ مذهبي پس منظر جي وضاحت ڪري سگهندا.
- انهن ڏڻن ملهائڻ ذريعي پيدا ٿيندڙ اتحاد جو احساس ڪري سگهندا.
- هڪ ٻئي جي مذهبي ڏڻن ۾ شامل ٿيڻ جي لائق بڻجندا.
- قومي يڪجهتي، مذهبي هم آهنگي ۽ باهمي نيڪ نيتي جي واداري واري سوچ کي هٿي وٺرائي سگهندا.

## تعارف:

خوشي ۽ غمي انسان جون فطري ڪيفيتون آهن فائدو، چڱائي ۽ ڀلائي ملڻ سان انسان کي خوشي ۽ سرور ملندو آهي. جڏهن ته نقصان ۽ برائي جي منهن پوڻ سان ماڻهو غمگين ۽ پريشان ٿي پوندو آهي.

هر مذهب خوشي چڱي نموني ملهائڻ ۽ غمي کي خوش اسلوبي سان نڀائڻ سيکاري ٿو. خوشي جي ملهائڻ جا هر مذهب ۾ مختلف ڏهاڙا ۽ تاريخون ٿين ٿيون، جن تي عوامي دلچسپي جو لحاظ رکي مذهبي ريتن رسمن، پوڄا پاٺ ۽ ٻين سرگرمين مان لطف اندوز ٿبو آهي. جنهن جو مقصد قومي سطح تي سڀني ماڻهن ۾ هم آهنگي ڪرڻ، انهن ۾ سهپ ۽ رواداري کي فروغ ڏيڻ آهي.

هن باب ۾ اسلامي مذهبي ڏڻ عيدالفطر، مسيحيت جي ڪرسمس، سک ڌرم جي بابا گرو نانڪ ديو جي جي جنم ڏينهن ۽ هندو ڌرم / سناتن ڌرم جي ڏڻ مها شِوراتري بابت سبق ڏنا ويا آهن.

# عيدالفطر

**تدريسي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- عيدالفطر جو مفهوم بيان ڪري سگهندا.
- احساس ڪندا ته روزن واري مهيني رمضان شريف کان پوءِ عيدالفطر ادا ڪئي ويندي آهي.
- روزي رکڻ جي فلسفي جي وضاحت ڪري سگهندا.
- روزي جي فائدن بابت بحث ڪري سگهندا.
- ”فطرو“ ادا ڪرڻ جو مقصد بيان ڪري سگهندا.

عيد جي لفظي معنىٰ ”وري وري موٽي اچڻ وارو ڏينهن“ آهي. ان جي معنىٰ جشن به آهي. مسلمانن جون به عيدون آهن، جيڪي الله تعالىٰ جي رسول حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ (ترجمو: حضرت محمد الله تعالىٰ جو رسول آهي ۽ الله تعالىٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن (صلي الله عليه وسلم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڳورن رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعالىٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي.) جن مقرر فرمايون. انهن مان عيدالفطر، رمضان المبارڪ جي مهيني ختم ٿيڻ کان پوءِ پهرين شوال تي ملهائي ويندي آهي. رمضان المبارڪ جو مهينو انساني نفس جي تربيت جو مهينو آهي. هن ۾ مسلمان روزن جي ذريعي پنهنجي خواهشن کي قابو ڪندا آهن. رمضان جي مهيني ۾ قرآن مجيد نازل ٿيو، جيڪو مالڪِ حقيقيءَ جو آخري مُقدّس ڪتاب آهي. هن ئي مهيني ۾ مسلمان قدر واري رات ملهائيندا آهن، جنهن ۾ عبادت ڪرڻ جو ثواب هزار مهينن جي عبادت کان به وڌيڪ آهي. جڏهن ته عيدالفطر تڪليف کان پوءِ آساني ۽ مالڪِ حقيقيءَ جي نعمتن جي شڪراني جو ڏينهن آهي.



عيد جي ڏينهن مسجدن ۽ عيد گاهن ۾ عيد جي نماز ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ماڻهن جو وڏو انگ شرڪت ڪندو آهي. هن موقعي تي سموري دنيا جي مسلمانن ۽ پوري انسانيت ۾ اتحاد، اسلام جي سربلندي ۽ ملڪ جي خوشحاليءَ لاءِ خاص دعائون گهريون وينديون آهن. نماز کان پوءِ ماڻهو هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي ملندا آهن ۽ عيد جون مبارڪون ڏيندا آهن. جنهن مان اسلامي ڀائيچاري جو مظاهرو ٿئي ٿو. ان ڏينهن اڪثر ماڻهو پنهنجن دوستن ۽ مٽن مائٽن جي گهر ويندا آهن ۽ سوکڙيون به موڪليندا آهن.

**فطرو ادا ڪرڻ:** عيدالفطر کان پهرئين هر خوشحال جوان مسلمان تي واجب آهي ته هو پنهنجي جان ۽ اهل اولاد مان هر هڪ فرد جي پاران اناج يا روڪ رقم جي صورت ۾ خيرات کنهن غريب ضرورت مند کي ڏئي ته هو ان خوشيءَ جي موقعي تي ڀرپور نموني عيد ملهائي سگهي اهڙي خيرات کي ”فطرو“ چئبو آهي.

عيدالفطر جون خوشيون صرف مسلمانن تائين محدود ناهن، پر مسلمان انهن خوشين ۾ پنهنجن سيني وطن وارن کي به شريڪ ڪندا آهن. انهن کي عيد جا ڪارڊ موڪليندا آهن. انهن ۾ مٺايون ۽ سُوکڙيون ورهائيندا آهن ۽ عيدالفطر جي دعوتن ۽ محفلن ۾ انهن کي به شرڪت جي دعوت ڏيندا آهن.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي ته:

• عيدالفطر هڪ اهڙو ڏينهن آهي، جنهن ۾ سمورا مسلمان پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان گڏجي خوشيون ورهائيندا آهن. • عيد شڪراني جو ڏينهن آهي، جنهن ۾ سيئي مسلمان مالکِ حقيقيءَ جي اڳيان سجدو ڪندا آهن، جنهن اسان کي اڻ ڳڻيون خوشيون ۽ رحمتون ڏنيون آهن. • مسلمانن وٽ عيدالفطر هڪ نهايت ئي اهم ڏڻ آهي، جيڪو رمضان جي ختم ٿيڻ کان پوءِ پهرين شوال تي ملهايو ويندو آهي. مسلمان پورو مهينو روزا رکي پنهنجي پرهيزگاري ۽ عبادت لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا آهن، جڏهن ته عيد انهن سيني جي لاءِ خوشي ۽ جشن جو ڏينهن آهي. • عيد جي ڏينهن نماز پڙهڻ کان پوءِ ماڻهو هڪ ٻئي سان ملي دنياوي ڀائيچاري کي هٿي وٺرائيندا آهن. • سيئي مسلمان پنهنجن ڀائرن کي، جيڪي ٻين مذهبن سان تعلق رکندا آهن، پنهنجي عيد جي خوشين ۾ شامل ڪندا آهن ۽ سوکڙيون ورهائيندا آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. عيد جي معنىٰ ڇا آهي؟
2. عيد جي موقعي تي ڪهڙيون دعائون گهربيون آهن؟
3. عيد شڪراني جو ڏينهن ڪيئن آهي؟
4. عيد جو ڏينهن ڪيئن ملهايو ويندو آهي؟
5. عيد جون تياريون ڪيئن ڪيون وينديون آهن؟

**(ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پريو:**

1. عيدالفطر پهرئين __________ تي ملهائي ويندي آهي.
2. قدر واري رات ۾ عبادت ڪرڻ جو ثواب __________ مهينن جي عبادت کان بهتر آهي.
3. مسلمانن جون __________ عيدون آهن.
4. قرآن مجيد __________ جي مهيني ۾ نازل ٿيو.
5. عيد پڙهڻ کان اڳ هر خوش حال جوان مسلمان تي __________ ادا ڪرڻ واجب آهي.

**(ج) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:**

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. مسلمان رمضان جو پورو مهينو روزا رکندا آهن. | | |
| 2. نماز پڙهڻ کان بعد مسلمان هڪ ٻئي کي عيد مبارڪ چوندا آهن. | | |
| 3. عيدالفطر ۾ جانورن کي قربان ڪري گوشت ورهائبو آهي. | | |
| 4. عيد جي معنىٰ آهي هڪ دفعو ايندڙ. | | |
| 5. فطرو ادا ڪرڻ سان ٻين کي خوشي ملهائڻ جو موقعو ملي ٿو. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون دنيا جي مکيه مذهبن جهڙوڪ: يهوديت، هندوازم، مسيحيت، اسلام ۽ سک ازم جي مقدس ڏڻن جي فهرست ۽ مختصر تعارف ڪلاس ۾ پيش ڪندا.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين جي جاڻ لاءِ انهن کي ڪهاڻين، وڊيوز يا مثالن جي ذريعي ٻڌايو تہ عيد جي ڏينهن سيني ضرورتمندن جو خيال ڪرڻ يا انهن جي مدد ڪرڻ سان پائيچارو قائم ٿئي ٿو.

### نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| فِطرو | عيدالفطر کان اڳ ڏني ويندڙ خيرات | انگُ | تعداد |
| قدر جي رات | رمضان جي آخر ۾ ايندڙ هڪ برڪت واري رات | عيدگاهہ | عيد نماز پڙهڻ جي جاءِ |
| پائيچارو | پائپي | رمضان | اسلامي ڪئليندر جو نائون مهينو |
| سربلندي | اعلیٰ شان | عيد ڪارڊ | عيد جي مبارڪ ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪارڊ |
| سوکڙي | تحفو، هديو | شڪرانو | احسان، ٿورو |

# ڪرسمس

(عيد ولادت مسيح)

**سکيا جي حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگرديائيون هن لائق ٿيندا ته اهي:

- بيان ڪري سگهندا ته ”ڪرسمس“ ڇا آهي.
- وضاحت ڪندا ته ”ڪرسمس“ ڇو ملهائي ويندي آهي.
- ڄاڻندا ته ”ڪرسمس“ ڪير ملهائيندو آهي.
- ڄاڻي سگهندا ته هر سال ”ڪرسمس“ ڪڏهن ملهائبي آهي.
- جورابن، ميڻ بتين، سانتاڪلاز ۽ ڪرسمس وڻ جي اهميت جي وضاحت ڪري سگهندا.




مسيحيت ۾ سڀ کان اهم ڏڻ ڪرسمس آهي، جيڪو حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جي خوشيءَ ۾ 25 ڊسمبر تي پوري دنيا ۾ مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويندو آهي. پر ڪرسمس جون تقريبون گهڻا ئي ڏينهن اڳ شروع ڪيون وينديون آهن. چار هفتا اڳ گرجاگهرن (Churches) ۾ خاص عبادتن جو سلسلو شروع ٿيندو آهي. ولادتِ مسيح جي حوالي سان گيت ڳايا ويندا آهن ۽ حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جو واقعو بائيبل مُقدّس مان پڙهي ٻڌايو ويندو آهي.

ڪتاب مقدس جي مطابق مالڪِ حقيقيءَ طرفان روح مُقدّس حضرت مقدسه مريم عليها السلام وٽ آيو ۽ ان کي حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جي خبر ٻڌايائين ۽ کيس ٻڌايو ته ”مالڪِ حقيقيءَ توکي بزرگ ڪيو آهي، توکي پاڪيزگي عطا ڪئي آهي ۽ دنيا جي عورتن مٿان توکي ترجيح ڏني، پنهنجي خدمت لاءِ چونڊيو آهي“. ملائڪ ٻڌايو ته ” ان کي هڪ پٽ پيدا ٿيندو، جنهن جو نالو يسوع رکجانءِ“. اهڙيءَ طرح حضرت يسوع مسيح جي پيدائش بيت لحم ۾ ٿي.

ڪرسمس جي موقعي تي ڪرسمس ڪارڊ دوستن، متن مائٽن ۽ ٻين مذهبن جي پوئلڳن ڏانهن بہ موڪليا ويندا آهن. پاڪستان ۾ بہ ڪرسمس احترام سان ملهايو ويندو آهي. مسيحي پنهنجي خاص عبادت ڪندا آهن. 25 ڊسمبر تي عام موڪل هوندي آهي ۽ ڪرسمس جي خوشين ۾ مسيحي ٻين وطن وارن کي بہ شريڪ ڪندا آهن.

ڪرسمس جي ڏڻ تي ڪيڪ، مٺايون ۽ مختلف کاڌا تيار ڪيا ويندا آهن. دعوتن جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. عام طور تي ڪرسمس کان چار پنج ڏينهن اڳ هر گهر ۾ ڪرسمس جو وڻ سجايو ويندو آهي، جنهن جي شروعات وچئين دور ۾ جرمنيءَ ۾ ٿي هئي. هن هٽرادو وڻ کي رنگ برنگي بتين سان روشن ڪيو ويندو آهي ۽ مختلف گهنٽيون بہ ٻڌيون ونديون آهن ان وڻ ۾ ٻار رات جو وڏا جوراب رکي ڇڏيندا آهن جڏهن ايندڙ صبح اهي اٿندا آهن تہ اهي رانديڪن ۽ سوکڙين سان ڀريل هوندا آهن حقيقت ۾ اهي سوکڙيون سندن مائٽ رکندا آهن سوکڙيون 25 ڊسمبر تي حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جي ڏينهن تي کوليون وينديون آهن.

سانتاڪلاز هڪ علامتي ڪردار آهي. ڪرسمس جي موقعي تي ڪي ماڻهو سانتاڪلاز جو روپ ڌاري ٻارن کي وندرائيندو آهي ۽ انهن کي سوکڙيون وغيره ڏيندو آهي. ايڊومينٽ ريٿ، گلن ۽ ساين پٽين جو هڪ ويڙهو يا هار هوندو آهي جنهن جي وچ ۾ ميڻ بتيون ٻاريون آهن اهو ويڙهو ڪرسمس کان چار آچر پهرين کان حضرت عيسىٰ جي ظهور ٿيڻ يا اچڻ جي علامت طور چرچن ۾ رکيو ويندو آهي انهي وقت بائيبل پڙهبو آهي اهو هار ۽ ميڻ بتيون عبادت جو حصو هونديون آهن.

هن ڏڻ تي ايسٽر بيضا کاڌا ويندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي سوکڙي طور بہ ڏنا ويندا آهن. اڄ ڪلهہ اصلي بيضن بجاءِ هٽرادو بيضا جن ۾ چاڪليٽ ڀريل هوندو آهي خاص طور تي ٻارن کي ڏنا ويندا آهن. ايسٽر بيضا حضرت يسوع مسيح جي مصلوب ٿيڻ بعد وري جيئرو ٿيڻ جي ياد ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن جيئن تہ بيضو زرخيزي ۽ حياتي جي علامت هوندو آهي.

مسيحي پائر دنيا جي سمورن ماڻهن سان گڏجي حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جو ڏينهن پوري جوش، جذبي، محبت ۽ عقيدت سان ملهائيندا آهن.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

• حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جو ڏينهن سيني مذهبن جي مجيندڙن لاءِ اهم ۽ خوشيءَ جو ڏينهن هوندو آهي، جيڪو سيني جي زندگين ۾ خوشيون آڻيندو آهي، انهيءَ ڪري ان کي عيد جو ڏينهن چئبو آهي. • ڪرسمس حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جو ڏينهن آهي، جنهن کي نہ صرف مسيحي پائر، پر سيني مذهبن جا ماڻهو وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن. • هيءُ ڏينهن ان ڳالهہ جي ياد کي تازو ڪري ٿو تہ هن دنيا تي مالڪِ حقيقيءَ ماڻهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ سچو هادي موڪليو هو، تہ جيئن ماڻهن کي مالڪِ حقيقيءَ جو پيغام پهچايو وڃي. • ڪرسمس جي ڏينهن خاص عبادتون ڪيون وينديون آهن ۽ ان سان گڏ سيني گهرن ۾ خوشيءَ جو لقاءُ هوندو آهي.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. حضرت يسوع مسيح ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيو؟
2. مسيحي پائر هن ڏڻ کي ڪيئن ملهائيندا آهن؟
3. ڪرسمس جون تقريبون گهڻا ڏينهن اڳ شروع ڪيون وينديون آهن؟
4. روح مقدس حضرت مقدسہ مريم عليها السلام کي ڇا فرمايو؟
5. سانتا ڪلاز مان ڇا مراد آهي؟

**(ب) هيٺين مان درست جواب تي "✓" جو نشان لڳايو:**

**1. ڪرسمس جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي بطور:**

(الف) راندين جو ڏهاڙو (ب) عيد جو ڏهاڙو (ج) غم جو ڏهاڙو

**2. ڪرسمس ملهايو ويندو آهي ڊسمبر جي:**

(الف) 25 تاريخ تي (ب) 26 تاريخ تي (ج) 28 تاريخ تي

**3. حضرت يسوع مسيح جي پيدائش جي خبر حضرت مقدسہ مريم عليها السلام کي ٻڌائڻ آيو:**

(الف) مقدس ملائڪ (ب) مقدس روح (ج) مقدس شخص

**4. حضرت يسوع مسيح جي پيدائش ٿي:**

(الف) بيت لحم ۾ (ب) گرجا گهر ۾ (ج) بيت المقدس ۾

5. کرسمس جي وڻ سجائڻ جي شروعات ٿي:

(الف) جرمني ۾ (ب) يونان ۾ (ج) اٽلي ۾

(ج) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. هن ڏڻ تي ايسٽر بيضا ڪاڏا ويندا آهن. | | |
| 2. سانتا ڪلاز هڪ حقيقي ڪردار آهي. | | |
| 3. ڪرسمس واري ڏينهن هر گهر ۾ هڪ وڻ سجايو ويندو آهي. | | |
| 4. ڪرسمس جي ڏينهن تي دعوتن جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. | | |
| 5. ايسٽر بيضا حضرت يسوع مسيح جي ٻيهر جيئرو ٿيڻ جي ياد ۾ ڪاڏا ويندا آهن. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڪرسمس ڏڻ بابت هڪ مختصر مضمون تيار ڪري پنهنجي استاد وٽ جمع ڪرائڻ.

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي همٿايو تہ ڪرسمس جي مناسبت سان پنهنجن ساٿين، پنهنجن استادن ۽ گهر وارن لاءِ مختلف قسم جا ڪارڊ ٺاهين، جن ۾ نيڪ دعائون لکيل هجن.

## نوان لفظَ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| عقيدت | پروسو، يقين | بيت لحم | حضرت يسوع مسيح جي جاءِ پيدائش |
| سلسلو | لاڳيتو | پوئلڳ | تابعدار |
| مقدس | پاڪ | گرجاگهر | مسيحي عبادت گهر |
| پاڪيزگي | پاڪائي، صفائي | سوکڙيون | تحفا |
| عطا ڪرڻ | ڏيڻ | مصلوب ٿيڻ | صليب ڏيڻ |

# بابا گرو نانڪ ديو جي جو جنم ڏينهن

## سکيا جي حاصلات

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- وضاحت ڪندا تہ گرونانڪ ديو جي ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيا.
- گرو نانڪ ديو جي جي والدين جا نالا ٻڌائي سگهندا.
- سندس جنم ڏڻ ملهائڻ جو پس منظر ڄاڻي سگهندا.
- ان ڏڻ ملهائڻ جي اهميت بابت بحث ڪري سگهندا.
- گرو نانڪ ديو جي جي انسانيت جي بهبود بابت ڪيل خدمتن تي بحث ڪري سگهندا.



سيني مذهبن ۾ مذهبي ڏڻن ۽ تقريبن کي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي. سک مذهب ۾ بہ ان جي باني بابا گرو نانڪ ديو جي جو جنم ڏينهن نهايت ئي اهم ڏڻ آهي، جنهن کي سيئي سک وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن.

بابا گرو نانڪ ديو جي لاهور جي ڏکڻ اولهہ ۾ 64 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي تل ونديءِ راءِ پوءِ ۾ 15 اپريل 1469ع تي پيدا ٿيو، جنهن کي هاڻي ”ننڪانہ صاحب“ چوندا آهن. هن جي والد جو نالو مهتا ڪالو ۽ والده جو نالو ترپيتا هو. جنهن رات بابا نانڪ جو جنم ٿيو، اها رات پُور نماشي يعني پوري چنڊ جي رات هئي. هن عظيم هستيءَ ماڻهن جي دلين ۾ مساوات، مالڪِ حقيقيءَ جي عشق ۽ روحانيت جون روشنيون ٻاريون. بابا گرو نانڪ جي تعليم جو بنيادي مقصد سماجي انصاف ۽ اخلاقي اصلاح هو.

چنڊ جي ٻارهين رات ”گرو گرنٿ صاحب جي“ جو اکنڊ پاٿ (لڳاتار مقدس ڪتاب کي پڙهڻ) رکيو ويندو آهي. چنڊ جي تيرهين رات جو اڌ گرو گرنٿ صاحب پڙهيو ويندو آهي، جڏهن تہ چنڊ جي چوڏهين رات جو ٻارهين بجي گرو گرنٿ صاحب جو ڀوڳ (ديوتائن جي لاءِ کاڌو) ڪيو ويندو آهي. پوءِ هن کي پوري ادب ۽ احترام سان آرام گاهہ ڏانهن کڻي وڃبو آهي. اکنڊ پاٺ جي تقريب ۾ کاڌا پچايا ويندا آهن ۽ سيئي گڏجي کائيندا

آهن. بابا گرو نانڪ ديوجي جي سال گرهه جي تقريب جي موقعي تي خوشيءَ ۾ آتش بازي به ڪئي ويندي آهي. سال گرهه جي موقعي تي تقريب ۾ شريڪ ٿيندڙن کي سک مذهب جي شروعات، واڌ ويجهه ۽ تعليم جي باري ۾ به اهم معلومات ڏني ويندي آهي، ته جيئن گرو نانڪ ديو جي جو پيغام ورجايو وڃي ۽ اهي صحيح معنيٰ ۾ ان جي پيغام تي عمل ڪري سگهن.

## هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

• سک مذهب جا پوئلڳ بابا گرو نانڪ ديو جي جي سالگرهه وڏي جوش جذبي سان ملهائيندا آهن. • بابا گرو نانڪ ذات پات کان هٽي، پنهنجن پوئلڳن کي برابري ۽ مساوات جو سبق ڏنو. • سکن وٽ بابا گرو نانڪ جو جنم ڏينهن تمام اهميت جوڳو آهي، جنهن ۾ اهي پنهنجي مذهبي ڪتاب گرو گرنٿ صاحب جو ورد ڪندا آهن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

1. بابا گرو نانڪ ديو جي ڪڏهن ۽ ڪٿي پيدا ٿيا؟
2. بابا گرو نانڪ ديو جي جي والد ۽ والده جا نالا ڇا آهن؟
3. بابا گرو نانڪ ديو جي جي تعليمات مان ڪي به ٻه اقوال لکو.
4. سک مذهب جا ماڻهو بابا گرو نانڪ ديو جي جو جنم ڏينهن ڪيئن ملهائيندا آهن؟
5. بابا گرو نانڪ ديو جي جي سالگره جي موقعي تي ڇا ڪيو ويندو آهي؟

**(ب) مناسب لفظن سان هيٺيان خال پريو:**

1. بابا گرو نانڪ ديو جي جو جنم ڏينهن نهايت ئي اهم __________ آهي.
2. هن عظيم هستيءَ ماڻهن جي دلين ۾ __________ ۽ مالڪِ حقيقي جي عشق جون روشنيون ٻاريون.
3. چنڊ جي __________ رات جو اڌ گرو گرنٿ صاحب پڙهيو ويندو آهي.
4. __________ جي تقريب ۾ ڪاڏا تيار ڪيا ويندا آهن.
5. چنڊ جي چوڏهين جي رات گرو گرنٿ صاحب جو __________ ڪيو ويندو آهي.

(ج) هيٺين جملن مان صحيح تي "✓" ۽ غلط تي "✗" جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. سک مذهب ۾ گرو نانڪ ديو جي جو جنم ڏينهن اهم ڏڻ ناهي. | | |
| 2. تل ونڊي راءِ پوءِ کي هاڻي ننڪاڻه صاحب سڏيو ويندو آهي. | | |
| 3. پورنماشي جو مطلب آهي چنڊ جي پوري رات. | | |
| 4. گرو گرنٿ صاحب جو پوڳ رات هڪ بجي ڪٽبو آهي. | | |
| 5. اکنڊ پاٺ جي تقريب ۾ آتش بازي ڪئي ويندي آهي. | | |

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن کي گهرجي تہ سبق ۾ آيل نون لفظن جي معنیٰ ڊڪشنري مان ڳولهن ۽ انهن کي پنهنجي جملن ۾ استعمال ڪن.

## استادن لاءِ هدايتون

بابا گرو نانڪ ديو جي جي جنم ڏينهن جي مناسبت سان سک مذهب ۽ انهن جي رسمن بابت وڊيو (Video) ڏيکارڻ جو اهتمام ڪريو ۽ پنهنجي علائقي ۾ سک مذهب جي پوئلڳن کي جنم ڏينهن بابت ڳالهائڻ لاءِ دعوت ڏيو.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنیٰ

| لفظ | معنیٰ | لفظ | معنیٰ |
|---|---|---|---|
| تقريب | مجلس، موقعو | اکنڊ پاٺ | مسلسل جاري |
| باني | بنياد وجهندڙ | روحانيت | دل جي سچائي |
| پورنماشي | چوڏهين جي رات | اصلاح | سڌارو |
| هستي | شخصيت | آتش بازي | باھ پارڻ، ڦٽاڪا ڇوڙڻ |
| مساوات | برابري | پوڳ | پوِتر ڪاڌو |

# مها شوراتري

**سکيا جون حاصلات**

هن سبق پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ۽ شاگردياڻيون هن لائق ٿيندا تہ اهي:

- جاڻي سگهندا تہ مها شوراتري سال ۾ ڪڏهن ملهائبي آهي.
- ان ڏينهن تي ورت رکڻ واري جذبي جي وضاحت ڪري سگهندا.
- جاڻي سگهندا تہ ان رات مختلف وقتن تي شو لنگم جي پوجا جاري رهي ٿي.
- ان وقت پوري رات پوجا ڪرڻ ۽ اوجاڳو ڪرڻ بابت بحث ڪري سگهندا.

مها شوراتري جو تهوار وڪرمي ڪيلينڊر جي يارهين مهيني ماگهہ جي اونداهي تيرهين تاريخ تي ملهايو ويندو آهي. جيڪو گهڻو ڪري فيبروري مهيني ۾ ايندو آهي. هن ڏينهن ۽ رات تي هندو پنهنجي وڏي ديوتا شِوشنڪر ڀڳوان جي پوجا ڪندا آهن. شِوشنڪر کي مهاديو يعني سڀني ديوتائن مان وڏو ديوتا ڪري ليکيو ويندو آهي.



ويدن مطابق شوشنڪر ڀڳوان انهي ڏينهن تي پاڻ کي ”لنگ“ يا ”لنگم“ جي روپ ۾ ظاهر ڪيو ۽ ديوتائن کي انهيءَ جي پوجا ڪرڻ لاءِ چيو. شو پراڻ ۾ لکيل آهي تہ جيڪو انهي جي سچي من سان پوجا ڪندو ان جا ڏک دور ٿيندا ۽ من جون مرادون پوريون ٿينديون. ڪيس سک ۽ شانتي حاصل ٿيندي.

هڪ ڪٿا مطابق انهي دور جي ظالم ۽ بدخصلت راڪششن ۽ ديوتائن جي وچ ۾ جهيڙا ٿيندا رهندا هئا. اهي انهن جي پوجا پاٺ ۾ رخنو وجهندا هئا. ديوتائن سان گڏوگڏ بي مخلوق کي ستائڻ بہ انهن جو شيوو هوندو هو. هڪ دفعي انهن راڪششن ۽ ديوتائن جي وچ ۾ ”سمنڊ ولوڙڻ“ جو مقابلو ٿيو هو. سمنڊ ولوڙڻ سان ان مان ڪيترائي رتن نڪتا پر سڀ کان پهرين سمنڊ مان زهر نڪتو هو. زهر نڪرڻ تي ديوتائن کي اچي انهي خوف ورايو تہ جيڪڏهن اهو زهر انهن راڪششن جي هٿ چڙهي ويو تہ اهي هن زهر مان ساري مخلوق کي نقصان پهچائيندا. انهي مسئلي جي حل لاءِ اهي وشنو ڀڳوان وٽ ويا. جنهن انهن کي

هدايت ڪئي تہ اهي وجي شوشنڪر مهاديو کي انهي زهر جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ عرض ڪن. شوشنڪر ڀڳوان سموري سرشتي کي زهر جي خراب اثر کان بچائڻ لاءِ سجو زهر پاڻ پي ڇڏيو. زهر پيئڻ جي ڪري سندس گلو نيرو ٿي پيو پر کيس ڪو بہ نقصان نہ ٿيو. انهي نسبت سان کيس ”نيل ڪنٺ“ بہ سڏبو آهي. ويدن کي اهو خدشو ٿيو تہ متان شِوشنڪر تي انهي زهر جو منفي اثر ٿئي تنهن ڪري انهن ديوتائن کي مشورو ڏنو تہ شِوشنڪر کي انهي زهر جي اثر کان بچائڻ لاءِ سڄي رات سجاڳ رکيو وڃي. ديوتائن شِوشنڪر کي سجاڳ رکڻ ۽ وندرائڻ لاءِ رات جا چار ئي پهر ڳايو وڄايو ۽ ڊانس ڪئي. شِوشنڪر مهاديو جي پاروتي ماتا سان شادي بہ هن ساڳي تاريخ تي ٿي هئي. ڌرمي ڪتابن ۾ انهي رات کي شوشنڪر ڀڳوان جي پسند جي رات بہ چيو وڃي ٿو.



انهي تهوار تي ڏينهن ۽ رات جو ورت رکيو ويندو آهي ۽ ايندڙ صبح جو کوليو ويندو آهي. انهي ڪانسواءِ گهرن، شوالن، مڙهين ۽ مندرن ۾ رات جا چار ئي پهر جاڳو ڪيو ويندو آهي. جنهن ۾ ڪٿا پڙهڻ، پوجا پاٺ، ڀڄن، ڪيرتن ۽ ست سنگ ڪيا ويندا آهن. رات جي چئني پهرن جي شروعات ۾ 6 بجے، 9 بجے، 12 بجے ۽ 3 بجے شوشنڪر مها ديو جون آرتيون ڪيون وينديون آهن ۽ شِولِنگ تي گل ڦل، کير، ماکي، پاڻي ۽ ڪُم ڪُم چڙهايا ويندا آهن.

پاڪستان جي صوبي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ رهندڙ هندو اهو تهوار ڌرمي عقيدي ۽ جذبي سان ملهائيندا آهن . بلوچستان ۾ هنگلاج ماتا مندر ۾ وڏو ميلو لڳندو آهي. سنڌ ۾ مختلف شهرن جي شوالن ۽ مڙهين ۾ رات جاڳو ۽ ست سنگ ٿيندا آهن. سانگهڙ ضلعي ۾ رتو ڪوٽ مڙهي ۾ عقيدتمند وڏي تعداد ۾ ايندا آهن ۽ سڄي رات ڀڄن ڳايا ويندا آهن ۽ پوجا پاٺ ٿيندي آهي. ڪراچي ۾ شِو مندر ڪلفٽن، شِو مندر رتن تلاءُ ۽ ماڙيپور ويجهو شِوجي مندر، ٺٽي شهر جي شِو مندر، جهمپير، ننگرپارڪر جي ڪاسبو ۽ سارڌڙو، ڪوٽڙي پرسان سنڌو ندي ڪناري شوالي، مٺي ۽ عمرڪوٽ پرسان شِو مندر تي تمام وڏا ميلا لڳندا آهن. عمر ڪوٽ ۾ شِو مندر تي ميلو ٽي ڏينهن هلندو آهي ۽ انهي ۾ ٽيئي ڏينهن عام لنگر ڀنڊارو هلندو آهي.

هن سبق جو خلاصو هي آهي تہ:

مها شوراتري جو تهوار وڪرمي ڪيليندر جي يارهين مهيني ماگھ جي اونداهي تيرهين تاريخ تي ملهايو ويندو آهي. جيڪو گهڻو ڪري فيبروري مهيني ۾ ايندو آهي. هن ڏينهن ۽ رات تي هندو پنهنجي وڏي ديوتا شِوشنڪر ڀڳوان جي پوڄا ڪندا آهن. شِوشنڪر کي مهاديو يعني سڀني ديوتائن مان وڏو ديوتا ڪري ليکيو ويندو آهي. ويدن مطابق شِوشنڪر ڀڳوان انهي ڏينهن تي پاڻ کي ”لِنگ“ يا ”لِنگم“ جي روپ ۾ ظاهر ڪيو ۽ ديوتائن کي انهيءَ جي پوڄا ڪرڻ لاءِ چيو. شِو پراڻ ۾ لکيل آهي تہ جيڪو انهي جي سچي من سان پوڄا ڪندو ان جا ڏک دور ٿيندا ۽ من جون مرادون پوريون ٿينديون. ڪيس سک ۽ شانتي حاصل ٿيندي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب لکو:

1. مهاشِو راتري جو مطلب ڇا آهي؟
2. شِوراتريءَ ۾ ڪهڙيون سرگرميون ٿينديون آهن؟
3. پاڪستان ۾ شِوراتريءَ جا ميلا ڪٿي ملهايا ويندا آهن؟
4. شِو شنڪر ڀڳوان تي زهر جو اثر ڇو ڪين ٿيو؟
5. شِو لِنگم تي ڇا ڇا چاڙهيو ويندو آهي؟

(ب) هيٺين جملن مان صحيح تي ”✓“ ۽ غلط تي ”✗“ جو نشان لڳايو:

| جملا | صحيح | غلط |
|---|---|---|
| 1. شوراتري گهڻو ڪري مارچ ۾ ٿيندي آهي. | | |
| 2. لنگم وشنو ڀڳوان جو هڪ روپ آهي. | | |
| 3. سمند ولوڙڻ سان ڪيترائي رتن نڪتا. | | |
| 4. شو شنڪر ڀڳوان کي زهر پيئڻ جي ڪري نيل ڪنٺ سڏجي ٿو. | | |
| 5. شِوراتريءَ جو جاڳو ڪيو ويندو آهي. | | |

(ج) مناسب لفظن سان هيٺيان خال ڀريو:

1. جيڪو لنگر جي پوڄا ڪندو ان جا ________ ٿيندا.
2. راڪشش ۽ ديوتائن جي وچ ۾ ________ جو مقابلو ٿيو.
3. وشنو ڀڳوان ديوتائن کي زهر ختم ڪرڻ لاءِ ________ ڌانهن وڃڻ جو چيو.
4. شِوراتريءَ ۾ هندو پنهنجي مها ديوتا ________ جي پوڄا ڪندا آهن.
5. مها شِوراتري وڪرمي ڪيلينڊر جي ________ ۾ ملهائي ويندي آهي.

## شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ سرگرمي

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي گهرجي ته هندو ڌرم جي مختلف مذهبي ڏڻن بابت تعارف لکي ڪلاس ۾ پيش ڪن مثلاً: شوراتري، هولي، ڏياري

## استادن لاءِ هدايتون

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هدايت ڪن ته سنڌ سميت پوري پاڪستان ۾ شِوراتريءَ جا ميلا ٿيندڙ شهرن جي فهرست ٺاهين ۽ ڪلاس ۾ پيش ڪن.

## نوان لفظ ۽ انهن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مَنُ | اندر، دل | ماتا | ماءُ، امڙ |
| بدخصلت | بري عادت وارو | ويد | حڪيم، طبيب، ڊاڪٽر |
| رتن | ماڻڪ، موتي | مراد | منشا، مقصد |
| جاڳو | اوجاڳو | شانتي | امن |
| ڪُم ڪُم | تِلڪ لڳائڻ | ست سنگ | سنتن جو سنگ |